پـ لفظ

عر بيوس جو ٻهريون ڇاپو ڪجهه سال اڳ شايع
جي فرض ادائي پوري ڪئي ويئي.

هن مجموعي ۾ ڪويءَ جي ڳچ ڪوتا اونهي آهي، سو ڪيم
ون، ڪلپنا جي اڏام خواه معنيٰ مطلب جي لحاظ کان،
ڪري تعليم ڪالي ان جي قدرشناسي ڪئي. بمبئي
ورسٽي B.A. لاءِ درسي ڪتاب منظور ڪيو ۽ هاڻ M.A.
سنڌي وشيه واسطي گجرات يونيورسٽي B. A. لاءِ مقرر
و آهي.

ٻهريون ڇاپو نه ڪڍي ويو، مگر اميد کان دير سان. بيوس
ي شعر جو قدر ڪرايو ويو آهي، مگر ڪتاب جي عام خريداري
ست آهي ۽ اڀياس ٿورو.

جنهن شاعر سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهتيه کي اهڙي املڪ
سوکڙي ڏني، تنهن جو هيءُ ٿي يادگار آهي.

سنڌين جو فرض آهي ته قدرشناسيءَ لاءِ شعرن نه
خريد ڪري پڙهن ۽ پنهنجن دوستن کي به هيءُ ڏيون. ڪلا
ڏيئي پنهنجي زندهه دليءَ جو ثبوت ڏيئي ۽ ٻارڪن جي
ـا.
. ٻليءَ يمت، جيئري سنڌس

ڪوي ڪشنچند (بيوس) جي مختصر حياتي

نم ٢٥ فيبروري ١٨٨٥ع سرڳواس ٿيڻ ٢٣ سيپٽمبر ١٩٤٧ع]

سدابهار روپي چمن ۾ وڻ نظر آهن، گل ٿيندا به، ته ڪاهه
ڪندا به. صرف گل هجن ته هوند قدر نه هجين، فقط
ندا هجن ته چمن نه سڏجي. اهو ئي سبب آهي جو جڳتر
هر قسم جا انسان آهن. ڪي گلن مثل، ڪي ڪاهه مثل ته
ي ري ڪندا. اهو به عجيب راز آهي ته گل ٿورا آهن ۽
، ۾ ئي سڳند وارا ورلي.

ڪوي ڪشنچند تيرٿداس انهن گلن مان هڪ هو، جنهن
رڳو جيتري سرهاڻ ڏني، پر ڏهه ڇڏڻ بعد به سندس
بوءِ جي سڳند جاري آهي؛ ۽ سندس ڪوتا لـ، دلي
سگن ۽ آنند سان گڏ زندگيءَ جي راهه به روشن ڪندي
ندي، جيسين سنڌي آهن ۽ سنڌان ۾ ڪوتا جو قدر آهي.

ايشور جي عجيب ليلا آهي. عام طرح هر ڪنهن اعليٰ چيز
و قدر وڃي ٿو پوءِ پوندو آهي. ڪل جو سياءُ آهي ٽڙي
ڻو ٿيڻ ۽ سڳند ڦهلائڻ. اڳ ان ڳالهه کان بلڪل بيپرواهه آهي
سندس قدر ڪهڙو ٿو ٿئي. ڪو سونهن ڀسي خوش ٿئي
ڪ نه، يا سڳند وٺي ساراهه ڪري ٿو يا نه. مهاپرش به
سڌي جيون نرمل ۽ سندر نموني ۾ گذاري ٿا وڃن. گـلا
ڪيءَ کان اليپ. ست سروپ جي ياد گيري ۽ لوڪن جي
ئي سندن جيون جا ٻه مکيه نيم ٿين ٿا.

بيوس به اهي نيم پالي ويو ۽ پليءَ پت. جيتري سندس

سڄي ڳوٺ جو پيارو، اکين جو تارو، ٻڌي پوندو هو. سمي پاڻي جڏهن ٻدلي ٿيندي هئس، تڏهن ڳوٺ جا هندو مسلم راڄ مهاڄڻ سندس ٻدلي ٻند ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.

بيوس شاعر هو. ڪيس ڏاتار وٽان ڪوتا جي ڏات مليل هئي. هن جيڪي به رچيو، سو پورو پرم سان، دلي اُمنگ سان، شوق ڀاونا سان. اهو ئي سبب آهي، جو سندس ڪوتا ۾ ڪلپنا اهڙي اتم ۽ سندر آهي، جهڙي سهاڻي. رواني اهڙي، جهڙي وهندڙ نهر جي، ٻولي اهڙي مٺي، جهڙي ماکي. سندس شاعريءَ جي شروعات، حيدرآباد ٽريننگ سڪول ۾ ٿي جڏهن سورهن ورهين جو هو. شام جو برسات پيئي هئي؛ اُن رات دستور موجب پڙهڻ ٻدران 'برسات' تي شعر لکي، ڪرسيءَ تي وهٽي ئي اک لڳي ويس. ٽريننگ سڪول جو سپرنٽينڊنٽ چڪر تي وڃي ڏسي ته شاگرد منيءَ ننڊ ۾ آهي؛ پر هڪ سهڻو شعر رچيو اٿس. چپ چاپ اهو پڙهي رمندو رهيو. ٻئي ڏينهن ڪيس گهرائي ٻئي ٿپري چيائينس "بيوس ڪنهن ڏينهن عاليشان شاعر ٿيندو." اها اڳڪٿي سچي نڪتي.

سندس زماني ۾ صوفي ڪلام کانسواءِ باقي سنڌي شعر اڪثر مجازي عشق ۽ جسماني حسن جي اظهار تائين محدود هو. ان قيد مان، گراوٽ مان، بيسود لفظي جار مان ڇڏائڻ لاءِ بيوس سنڌي شاعريءَ کي نئون ۽ نرالو موڙ ڏنو. هن اسان کي مشاهدي ماڻڻ لاءِ اک ڏني؛ آسمان ۽ ندي، سهاڻي رات ۽ برسات وغيره تي سانس مٺڙا شعر رچيا، جن اسانجي هردي ۾ چرپر پيدا ڪئي ۽ نرالي نظر سان نهارڻ سيکاريو. شهسواري شعر ۾ چيو اٿس:

قدر ڏورو ٿيو. ٻاڻ ئي چيو اٿس :-

اهڙ ۾ ناموس جي ٻوڙڻ شيون مت لئي ڏرن،
جي ڏرو نهرڻ وڃن، ڏن جلد مشهوري نہ ٿئي.

ڪهڙيءَ ڪان رهڻي وڌيڪ آهي. جي رهڻيءَ رهيو ن
سچڻ ڏسہ ڪهڙيءَ ڪبو ڪرہ؟ اُن چوڻيءَ موجب اس
پارڏواسي اِهڙا ڳالهہ اڄوڻي ڄاڃيندا آهيون تہ شاعر جـ
پنهنجي زندگي ڪهڙي معيار جي آهي؟ سندس حيالي
۾ ڪو ذالي حسن آهي يا نہ؟ زندگيءَ ۾ ڪو سچو جو
اٿس يا نہ؟ رڳو دماغي ڪوٽ ڪوڙان ڪري نظم ٺو لکي
دل جي ٻلت سان شعر ڏو رچي. اڇو تہ ان ڪسوٽيءَ
ڀيڙس ڪي ٻرکيون.

هـيءَ سنسار ايشور جي پريم ۽ قربانيءَ جي ليلا آهي
نڌي هوندي ڪان ٿي ٻرلم ڀيوس جي حياليءَ جو چشمو ه
لذت ۽ مڌرتا منجهس ڪوٽ ڪوٽ ڀريل هئي.

آدرشي ماستر

قدرت ڪيس ماستريءَ لاءِ پيدا ڪيو هو. ماستر پنهنج
شاگردن لاءِ ماڻا پتا مثل آهـي. پر رهبريءَ جي خيال ڪا
مشعل روپ. ڀيوس آدرشي ماستر هو، سو هن ڪري،
پريم سان، سندر سکيا سان، پنهنجي الم چرتر سان شاگرد
جي راهہ روشن ڪرڻ سندس اُديش هو. چون ٿا تہ هـ
شاگردن کي بدني سزا ٻه ڪين ڏيندو هو. اک جي اِشار
ســان، نصيحت ڀرني نکتي سان يا شرمائڻ سان سيک
ڏيئي، ڪين سڌاريندو هـو. شـاگرد کيس "سائين" سڏيند
هئا تہ ٻاڻ پنهنجي وڏن کي نہ ڇڏيو، بلڪ جيڏن سرڻن
نيڍن کي بہ "سائين" ڪري سڏيندو هو. هڪ پريم مورتي
ڀيو اعلي چرتر وارو، ٿيون ڀهڪڻ بولڻ جو اُستاد. اِهو ئـ
سبب هو، جو جنهن بہ ڳوٺ ۾ ماستر ٿيجي ويندو هو، لئ

سال اڳ، جڏهن سروود ۽ صلح پسند سهڻيون جي ڳالهه نه هئي، تڏهن بيوس "نون نه رهه، مان ٻي رهان" جو سهڻو جڳ ۾ شانتي صلح آڻڻ جو سنديش ڏنو.

دنيا ۾ دک آهي. تنهن کان وڏيڪ دک جي داتهن آهي. روح راڙو اڻلندو دک کي وڌائي ٿو. بيوس پاڻ به گهڻو ئي کي سٺو، ۽ سهنشيلتا سان. پنهنجي انيڪ مان دک جي نورلي لاءِ کهڙي نه سهڻي صلاح ٿو ڏئي:-

درد، جي دل ٿي ڏجا پنهنجي ڏري،
ٿون تهڪ ڏي،
روح راڙي جي مٿان بيٺي ٻري،
ٿون تهڪ ڏي.
سال سالن ٿي سري ويا، تن سوا سنسار ۾
هوند مشڪل جن سوا، ساعت سري،
ٿون تهڪ ڏي.
ٿوکي قسمت ٿي نه قبضو، آهه قدرت کان مليو
نيٺ پڙتو آهه جو، سو ڪيئن ٽري؟
ٿون تهڪ ڏي.

ڪوتا بيوس جي دل جي ديوي هئي، سندس پرتما هئي. هيءَ اُن جو پوڄاري، جنهنکري اُمنگ ۾ اچي، سک سوڌا سان سانس رهاڻ ڪندو هو. سندو نديءَ وانگر اُن جا آلاپ اَنيڪ، لهرون موجون بيشمار، ڪٿي موافق، ڪٿي تيز، ڪٿي چوهه وارئون چرليون، ڪٿي چر ايتري قدر جو بعضي بيوس جوش جذبي ۾، اُجهل ٻڌجي، وزن قافيه يا علم عروض جي بندشن جا ڪنارا ٽپي ويندو هو. خود شاهه جي شعر ۾ اهڙا انيڪ مثال آهن.

نيڻ درسن لاءِ کوليو، شهسواري تي اچي
دل اندر دربار لڳندي، ذات باري تي اچي.

پوءِ قدرت جا قسمين نظارا ڇني، آخر ٿو پڇي:-

ڪنهن جي تڪميل لاءِ، هي سڀوس جشن جاسو لڳو
غيب جي پردي منجهان، ڪهڙي ڪماري تي اچي؟

شاهه عبداللطيف ۽ سامي‌ءَ لاءِ شرڌا هئس ۽ پر هو صوفي مت يا ويدانت جو پوئلڳ ڪين هئيو. دل ڪري ايڪتا يا وحدانيت جي وات ورنائين، پر شعر ۾ ڪيس نئون رستو اختيار ڪرڻو پيو. نه ڪي مجازي عشق جون اونهيون ٽٻيون ڏنائين. شروع ۾ قدرتي نظارن وسيلي قادر جي ساراهه ڪيائين ۽ عام چيزن ۽ انساني حياتيءَ کي نه سڪدرسي اک سان ڏسي عمدا چتر چٽيائين. پاڻ به غريب هو. سياوڪ هارين جو همدرد، مزورن جو حمائتي ۽ ڇڙي ۾ ڪين يعني غلام قومن جو رفيق هئيو.

هن دور ۾ سڀوس قوميت ۽ ديس ڀڳتيءَ جو نعارو وڄايو. گهر ۽ ڪٽنب جي خاص تعلق کي ٽوڙي عام جي عشق جو پيغام ڏنو. هن پورهيت جي همت جي پورهئي جو شان ورنن ڪيو ۽ شاهوڪار کي شرمايو. هن هاريءَ جي همت افزائي ڪئي ۽ مزور کي روشن آئينده لاءِ آسرو ڏنو. هن حسين مسڪين مزورڻ جي نگهباني ڪئي ۽ استري ذات کي مرم ۽ ستيتا جو سبق ڏنو. هن پر لاءِ همدرد ڳوڙهي کي پنهنجي مذهب خاطر شهيدي رت وارو مرتبو بخشيو. سندس نظر نه تنگ هئي نه محدود. سندس درشٽي سنڌ ۽ هند کان پري انسان ذات تي پيئي ۽ غريبن ۽ مظلومن تي وڃي ٽڪي. ٽيهه

جي ظلمن ۽ حڪومت شاهيءَ جي آپاچارن ڏانهن ورتو. پورس
اعليٰ نموني ۾ پنهنجي اعليٰ خيالن جو اظهار ڪيو.

هڪ هنڌ چيو اٿس:-

ڪر دنيا ۾ دل وڏيري،
ڳون ٻه رهه مان پئي رهان؛
ڳنهنجي منهنجي ڪر جهڪيري،
ڳون ٻه رهه مان پئي رهان.

ٻئي شعر ۾ وري چيو اٿس:-

سخت ولهه برسات ۾ ڪنهن رات سوڙين مان اُٿي،
ڏس ته ٻاهر ٻـي آجهن لاءِ وئل ڇا ڇا ٿـو وهي!

ساڳئي وقت جيوت جي ليلا ۾ روحاني رازن جي به اپتار
ڪيائين:-

هوت هردي ۾ وچايم ٿيو عبث ٻاهر لهڻ،
دل ڇڏي دلدار لاءِ پيو مفت ڳولها ۾ ڀهڻ.

سندس ڳوڙها اعليٰ شعر، شعر پيوس ۾ ڇپيل آهن، جو
جرات ۽ بمبئي يونيورسٽي ۾ بي-اي ۽ ايم-اي لاءِ درسي
طور منظور ڪيو آهي.

شاگردن لاءِ املهه خزانو ڇڏي ويو آهي. نئينءَ ٽهيءَ
جي شاگردن لاءِ سندس سمورا شعر شيرين شعر نالي ڪتاب
۾ ڇپيل آهن، جو تعليم کاتي درسي طور منظور ڪيو آهي.

رابندرناٿ ٽئگور جي شعر "پورس" تـي ڪافي اثر
ڪيو. سندس چوڻ هو ته پيا شاعر جيوت کي دکدرسي نظر
سان ٿا ڏسن، جهڙڪري ويراڳ ۽ تياڳ جو صلاح ٿا ڏين؛
پر ٽئگور ئي آهي جو هر نظاري، جيوت جي هر پهلوءَ کي
سکدرسي نظر سان ڏسي آنند پرپو ماڻڻ جو مارڳ ٿو ٻڌائي.
ماڻيو آهي "مان-پيا"، "منهنجو پيا". پرپوءَ جون ڏاليون

اڄ ڪالهه گهٽي قدر جيڪا ماپ، تور ۽ تڪبنديءَ واري نظم نويسي ٿي هلي ۽ اُن سان گڏ لباڙ ٿي لڳي، سا ڏسي ٻڌي، بي اختيار شاهه جو بيت دل تي تري اچي:-

اَڃــو پاڻي لُــڙُ ٿئو، ڪالُوڙئو ڪنـگن

ايندي لڄ مرن، تهه سَرَ مٿي هنجڙا.

تنهن دؤر ۾ بيوس آهڪ اٿيءَ ڏانهن رخ رکيو. مٿين ٻن پيغامن ڪانسواءِ ٻاڻ سچاڻ جي پرپرنا ٿي بيوس جو مُول سنديش هو. هوُ ڌرمي نيتا يا ويس ڌاري ساڌوُ نه هو، پر زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي ۽ اهو ڪيئن حاصل ڪجي، سو رستو هن سامونڊي سپن جي پڇوپهن پورن (شعر بيوس ۾ ڇپيل) ۾ پايءَ پانت روشن ڪيو. اِهو سندس دؤر ڪماليت وارو هــو. انهن سامونڊي سپن ۾ اَنيڪ آهڪ مولي اڪل آهن ۽ انهن ۾ ڳجهه ڳجهارتون آهن جي اَڇا اڻ سليل آهن. ڪاش! ڪو صراف سچون سوڌڻ جي ساڌنا ڪري!

يارت لڏهن غلام هــو. بيوس مسڪين سنڌي سڪول جو ماستر. جيڪڏهن ڪنهن آزاد ملڪ ۾ هجي ها ۽ دنيوي ڏرجن ڪان آجو، ته اعليٰ قومي شاعرن مان هڪ ٿئي ها. اِن هوندي به لکپوريءَ سهسين راڳ ڇاهيائين، جي قومي ميڙن ۾ ڳاتا ويندا هئا. اُهي نهايت جوشيلا هوندا هئا. ١٩١٩ع کان وٺي جڏهن هندستان ۾ آزاديءَ جي لهر وڏي پيماني اي هلي، هـزارن جوانن سختيون سنيون ۽ سوَن سر ڏنا، تڏهن بيوس پنهنجي شعر سان سنڌ جي جوانن جي رهنمائي ۽ همت افزائي ڪئي. جي ڀاڻ پڌني خون نه ڏنائين، نه دلي رت لاشڪ اَرداس رکيائين.

اِن بعد سندس رخ اِنسان ذات جي ٻوڙهن مسئلن، مثلا ذات ڌار مذهبن جي ونڊوڳ، ذات پات جي وڇڙ، شاهوڪار شاهيءَ

ڦوڪ ۽ اڻپوري آهي. مون فقط ڪانءَ جي ٽنسي ٻاري
ي آهي.
و ڳل ڦوڪيا ڦوڪ لءِ، مون ٻنس ڪئي پوري."

ن سان پريم

آخر ۾ ٻيوس جي شخصيت بابت ٻوربون سٽون لکڻ
اسب نه ٿيندو. هو اعليٰ ڪردار وارو شخص هو. نماڻائي ۽
ن شيانتا سندس خاص گڻ هئا. شانتي ۽ مدرتا سندس
ءِ جو بنياد هئا. اهڙي سرشت رهڻيءَ هوندي به هڪ
ر 'هوص' ۾ چيو اٿس:-

هان ڪهڻي ڳهڻي سهڻي، رهان رهڻي مگر سڪڻي
ڏائيءَ لءِ وهم وهڻي، ٿي ٻيوس واسنا منهنجي.

ڪيڏي نه نماڻائي!

ٻيوس جي سڀاءَ ۾ ٻاراڻي معصوميت ڳڻڻي هئي. هوُ
رشي ماستر هو ۽ آدرشي پتا به هو.

حياتيءَ جا پويان ڏهاڪو سال، جڏهن وڏن لاءِ شعر لکڻ
ڪيائين، تڏهن به ٻارن لاءِ لکندو هو; جي ڏل ڦل
الي ۾ ڇپيا هئا. سڀ ڳڏي موڄي گيت ۾ ڇپيل آهن.
ٻيوس کي جراڻيءَ ۾ ناٽڪن رچڻ سان ڏاڍو شوق هو.
بصورت بلا، پرهلاد ليلا، نل دميئنتي سندس مشهور ناٽڪ
. جيئو ٽيڪ اهي اڙدو طرز تي هئا، ۽ به اُنهن ۾ نزاڪت
ي رکيائين. ناٽڪن ۾ به آهڪ اُنتيءَ ۽ اخلاقي سکيا جو
ل رکندو هو.

خوبصورت بلا ۾ نيڪيءَ ۽ بديءَ جي لڙائي هئي.
لاد ليلا ۾ سچ جي جئه ۽ رام نام جي ڀڳتي، نل دميئنتيءَ
ورتا ڌرم جي پالنا ۽ جوئا جهڙن خرابين ورتن ٿيل هيون.
حياتيءَ جي پوين سالن ۾ ڪمس گيان وارتا رڻيڪ وٺندي

آنندمئہ آهن. اُنهن مان آنند وٺو، پر نرمل رهت سان، ڪنو
گل ٻڌجي.

رابندرناٿ جي ڪتابن پڙهڻ سانگي وڏي عمر ۾ ٻيوس
انگريزي سکيو. شوق ڇا نہ ٿو ڪري سگهي؟ ڇهن مهن
۾ ايتري تہ انگريزي سکيو، جو ٽئگور جي ساڌنا جهڙ
ڏکيو فيلسوفيءَ جو ڪتاب بہ پڙهي ۽ سمجهي سگهندو هو
نہ رڳو ايترو بلڪ ڪاليجي شاگردن کي اُن فيلسوفيءَ جي
سمجهاڻي ڏيندو هو.

مصيبتن جو مرڪي مقابلو ڪرڻ ۽ نہ فرياد ڪرڻ هو ٽئگو
کان سکيو. سنڌي سڪول جو ماستر هوندي، وڏو ڪٽنب
پالي، پنهنجو ٽئون آکيرو ٺاهي، پينشن ورتائين ۽ مگر اُن بعد
بہ ڪيس محنت ڪرڻي پيئي. اها محنت بہ هئي، تہ شير
بہ ۽ آنند جو مارڳ بہ. ظاهري ڌنڌو هو هوميوپٿي حڪمت
جو، جو پنهنجي دل گهرئي دوست ڊاڪٽر گوبندرام داد لاڻي
سان گڏجي ڏه ٻارهن سال هلايائين.

ٻاڻ ساري حياتي غريباڻي ۽ سادي جيوت گذاريائين
گرهست آشرم جا فرض ۽ جوابداريون ايتريون ڳريون هيس،
جو ڪونا ديويءَ جي پوڄا لاءِ گهٽ وقت ملندو هوس. جي
فرصت هيس بہ، تہ دل جي هلڪائي ڪانہ. جي دنيوي
گهرجن کان آجو هجي ها، تہ سنڌ ٻيوس جي شعر جو اڏر
چمتڪار ڏسي ها.

پنهنجي ناموس جي پرواہ ڪين ڪندو هو. البت چاهيندو
هو تہ سنڌي، شعر جي پرک سکن. ڪچ ۽ ڪنچن جو فرق
سڃاڻن ۽ سنڌس شعر پڙهو سمجهي اُن جو لطف وٺن. جڏهن
پنهنجي شعر جي تعريف ٻڌندو هو، تڏهن چوندو هو:-

مهاڳ

بنڪم بابو ۽ بيوس سائين مولسان وڏو ئي وڙ ڪيو. الف ليليٰ ۽ چندرڪانتا جي روڳ ۽ قوڳ مان نڪتل ممتازن ۽ دمسازن، بوقلمن ۽ امير حمزن، تاج الملوڪن ۽ چار درويشن، بڪاولين ۽ انجمن آرائن، سبز پرين ۽ ملڪئن، هڪ طرف مغز خراب ڪيو هو ته عيارن ۽ طلسمن، ڪمندن ۽ تهخانن، گپت ڪميٽين ۽ بجليءَ جي تيزن وري ٻئي طرف چت کي ڏلائمان ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ ويل بنڪم جي **آنند مٺ ۽ درگيش نندني، سيتارام ۽ چندر شيکر، بشس ٻرکه ۽ ديوي چوڌراڻي** سنجيوني بوليءَ جو ڪم ڏنو ۽ بابو شيو برت لال جي **وير برتانت ۽ هماري ماتائين** سان گڏجي هردي کي بهار ڪيو ۽ مغز کي طراوت بخشي. نئين ڀارت جو سنديش بنڪم ئي سڻايو؛ نون گرنٿڪارن جي منڍليءَ جو بانيڪار بنڪم ئي هو، جنهن منڍليءَ جي پڳ نيٺ ٽئاگور لي ليٺي.

ساڳيءَ ريت جڏهن شمع ۽ پروانه، گل ۽ بلبل، حسن يوسف ۽ چشم آهو، آب ۽ تاب، ناز ۽ نياز، بهار ۽ شراب جي سڪتين تشبيهن ۽ استعارن، بيت بازين ۽ ڪچسي روايتن، تجنيس خطين ۽ بي معنيٰ رديفن، من کي بيزار ڪري ڇڏيو، تڏهن لاڙڪاڻي جي هڪ غريب ماستر ڪشنچند تيرٿداس ڪتري پاڪي بيوس ڪوتائي پنهنجي مڌر گيتن، سندر شبدن.

هني. گيان باغ ان لاءِ آنند مٺ آستان، گهاڙواهه جي ڪڙ لي
شهر جي گوڙ کان ٻاهري هو، جتي هر هفتي آرتوار ڏينهن
پنهنجي سنگت کي رابندرناٿ ٺاڪور جي سکيا ڏيندو ه
ٻيو سري ڪرشن جو پوڄاري هو. ڪيترا ڀڄن رچ
ائين. سندس گهر ۾ نت نيم سان ڏنئي ٻرئي مهل آرتي
ٿيندي هئي. هو بال ڪرشن جو پريمي هو.
پاڳيا سڪيم (گٽن جي پاليا - سهڪاري متي لي) جا ه
پوئن ڏينهن ۾ آزمائڻ ٿي چاهي، سا به گوپال جي جيون ما
هڪ ورق هئي. پاڻ اڪثر هڪ ٻه گٽون رکندو هو. پاڳي
سڪيم ۾ ٻيوس ٺهي ڪير، مکڻ ۽ ڏڌ جي اپتري سارا هڪ ڪئي
آهي، جو انهن کي امرت جي ڌار سڏيو ائين. شل گٽو پال
جو شوق وڌي ۽ ٻيوس جي منشا، جيئري نه، ته سندس
ديهه ڇڏڻ بعد ٿي سڦلي ٿئي.

فتح چند واسواڻي

منهنجي اندر ڇلڪي ڏني ۽ سنڌواسين کي ڇڏي ڏنو ته اسانجن زنده شاعرن ۾ بيوس ئي ٻرڪ سمجهڻ کپي: "ڪنهن به ٻئي سنڌي شاعر هاڻوڪي گيان ۽ وگيان جي ڳالهين کي شعر جو لباس اهڙو پورو نه پارايو آهي جهڙو ڪ اونهي خوض واري بيوس." اڄ بيوس جي چونڊ بيتن کي هن ڳنڍڪي ۾ دور ڪندي مونکي وري دل سان ڳالهه لڳي آهي ته جي بيوس ۽ بيوس جي شاگردن جي منڊلي سنڌي شعر ۾ نئين جاڳرتا، نئون احساس، نوان اُمنگ نه آڻين ها ته اڃا تائين سنڌواسي بحر ۽ وَزن، قافيه ۽ رديف جي ٻاهرئين ٻوليءَ ۾ مٿل مال کي پيا ٺڪ ٺڪ ڪندا نظر اچن ها ۽ "سچو ڇٽو وڃي گهٽو" جي رينگهت کي وٺي پيا دل خوش ڪن ها. بيوس سدائين هڪ اوچ آدرش ئي قائم رهيو:

گنج خـــانـــا گپت غئبي خاص ڪولڻ واسطي،
آهه قدرت ڪان مليل ڪامل ڪويسر کي ڪليد.

فاعلاتن فاعلات جي اوٽ وٺندي به بيوس ڄاڻو ته سنڌي شاعري جو معراج ڪنهن ٻئي هنڌ ليندو، ۽ سنڌ جي آتما جي جهلڪ ڪنهن ٻئي هنڌ نظر ايندي:

آهه هر ڪنهن بيت اندر پلت پلٽان پرت جي،
هر لطيفي- لات ۾ سا لنؤ سندي للڪار آهه،
باغ- شاهي مان ملي ويو ورق گل جو ڪو ڏرو،
ڇا چوان **بيوس** منجهس جا حيرتي هبڪار آهه. (شاه)

بيوس اهو ئي ڏڱ ورتو، جنهن تان شاهه لنگهيو. سچائيءَ سنڌيت جو رستو، لوڪ گيت ۽ پريت جو رستو. مان ڀانيان ٿو ته وقت آيو آهي جو تڏي سيني سان ويهي ويچار ڪريون شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي ٻولي ڪا فارسي ۽ عربي يا ڪٽمب واري ڪريل اُردو ٻولي نه آهي، ۽ نڪي سنڌي شعر رسي عربي علم عروض جي قاعدن جو محتاج آهي سنڌي

۽ ٻڌيمان پورن سان بگڙيل وايو منڊل کي شڌ ڪيو ۽ نراسائيءَ
مان آس پيدا ڪئي:

ڦلوار ڦوهه مان ڦري، ڦولن جي ڏوم ڏام،
ڇا لام لام ٿي ٽڙيا، گل لال عام جام،
گينڊو گلاب ڏيڊ کي، ڏئي اشرفيون انعام،
شبنم وسائي شوق مان، موتين مڻيون مدام.

(باغ بهار)

ذات وحدت کي اچي جو شوق ٿيو اظهار جو،
حسن هر ڪائنات ۾ ڀريو پاڻ ڇولو نار جو.
پرش پرڪرتي ٿي ذاتي صفائيءَ مان ويا،
ٿيو تماشو ترت جاري ديد ۽ ديدار جو.

(اسيري)

مان پيدا ٿي مان منجهان آءٌ منجها زان آنءُ،
آڏو آهس آءٌ جي پيو پاڇي ٿي نانءُ،
باغ داد بغداد ٿيو سک نگو ڏک گانءُ،
ڪٿ هنسراج ڪٿ ڪانءُ، ڇا موتي، مٽ ڇا لڳي!

(گنگا جون لهرون)

زندگيءَ جي شام ۾ ٿيو رات جو آرام موت،
ٿو امرتا جو سڻائي صبح سان پيغام موت،
ڪئن قديمي روز روشن نت نوائيءَ ڪان نڪرون،
رات جي پردي کي چيريندو اچي سورج سنڌون!

(موت)

ڏرتيءَ متان وُسين ٿو،
آڪاس سان ڪسين ٿو،
لون عمر مان نه ڇاٽين،
جرڻ سدا ٿو ماٽين.

(هماليه)

ڪڙڪ ۽ چيڙهالي قوت درڪار آهي ۽ ايڪس-ريز کان تيز ترورو ڪمي، سي شايد بيوس جي ڪوتا مان ترپت نه ٿين. بيوس جي شعر ۾ اُها مرداني ۽ مست چال نه ڏسبي، اُها ڏمڪ ۽ چمڪ نه پسبي، جا سنڌ جي سرتاج شاعر جي ست ست ۾ ظاهر آهي:

جام لماچي آهو متي لٽ لناهه،
اچي پيس اوچتي نوريءَ لي نگاهه،
تنهن کي گندڙي چوڙ گناهه،
جنهنجي جهوليءَ سج جهلي پيو.

پاٽ پهرين رات جو گڙه پاسي ڳايو،
تيو غلغلو گرنار ۾ نه ڪو عطائي آيو،
سالڪ ساز سرود سين ڪي جو ڪمايو،
بيجل ٻولايو ته سر سوالي آهيان.

جا ساميءَ جي نرم شلوڪن ۾ به جهاتي ٿي پائي:

آندو آناري ستگور پنهنجي گهر ۾،
ڏيو ڏنائين هٿ ۾ بيائيءَ ري ٻاري،
نانت نواري، **سامي** چڏيائين چن ۾.

ٻئي طرف بيوس جي ڪوتا ۾ شڪ ۽ شرم، مريادا ۽ مرم، نياز ۽ ساز اهڙن نماڻن ۽ نهنن شبدن ۾ پوتل آهن، محبوب ۽ محجوب شخصيت جي اهڙي نه نازڪ ۽ نرمل هبڪار آهي، جو پڙهندڙ جي طبيعت تي هڪ عجيب ڪيفيت طاري ٿئي ٿي، جنهن ۾ هن جي دل پنل ٿي رهي ۽ هن کي درخت جي پتي ۽ متيءَ جي ذري ۾، ڪڙميءَ جي جهوپڙيءَ ۾ ۽ ٻالڪ جي راند ۾ انهيءَ نبض جي چرپر ٿي معلوم ٿئي ۽ انهيءَ جنبش جو ڏڪو ٿو اچي، جو وگيانين کي مهان لٽبار يترين ۾ لڳاتار کوجنائن مان ٿو پڙپي ۽ گيانين کي يوگ ابياس مان

ٻولي، لوڙي سنڌي شعر هڪ مرڪب آهي، ميلاپ آهي،
معجزو آهي جنهن ۾ سنسڪرت ۽ سنسڪرت ڌارائن مکيه ڀاڱو
ورتو آهي. سنسڪرت اها ديوتائن جي حيرت جهڙي ٻولي
آهي جنهنجو هڪ هڪ شبد منتر جي دعويٰ ٿو رکي. ڪنهن
کي شڪ هجي ته رڳو ايترو ڪري جو جنهن مهل ڪو
سنسڪرت واڻيءَ جو اُچارڻ ڪري ته ڪن لائي ٻڌي پوءِ
معنيٰ سمجهي نه سمجهي. اُمالڪ هنجي اندر ۾ ٻجلي ڊوڙي
ويندي ۽ ساوڌان ٿي ڪَڙو ٿي ويهي رهندو، پوءِ ڪٿي اهو
شلوڪ سوين ڀيرا ٻڌو هجيس:

يدا يدا هي ڌرمسيه گلا نر ڀوتي ڀارت
ابيتانم اَڌرمسيه تد آتمانم سرجا ميهم
پر تراڻايه ساڌو نام وناشايه چه دشڪرتام
ڌرم استاپنا رٿايه سمڀوامي يگي يگي.

اهو تاثير سنسڪرت مان نڪتل ڌارائن يا ٻولين ۾ به آهي
پر البت ٿلهو. تيزاب ۽ سرڪي ۾ ضرور فرق رهندو ۽ رهڻ
کپي به: جنهنڪي هٿ ساڙڻو هجي سو تيزاب سان حرڪت
ڪري. چشڪو ته سرڪي مان ٿي ايندو:

(١) رگهوڪل ريت سدا چلي آئي،
پران جائي پر بچن نه جائي.

(٢) ڪرالي سينگار چتر اَلبيلي،
ساجن ڪي گهر جانا هي.

(٣) لالي اَپني لال ڪي جت ديکون تت لال،
لالي ديکن مين گئي مين ڀي هو گئي لال.

(٤) سگل سمگري تمري سوامر ڌاري،
تم ئي هوءِس آگياڪاري،
تمري گت مت تم هي جاني،
نانڪ داس سدا قرباني.

جهڙن واڪين جي صحيح معنيٰ پرگهت ٿئي. ڪنهن ڪنهن مهل اندر ٻولايس ته سنڌي ٻوليءَ اصل وساري ڪونه ويندا:

هڪ صديءَ کانپوءِ شايد سنڌ ۾ ڪو ڪو ڪڍو،
شعر خوانيءَ لاءِ گهرندو، شعر بيوس جو ڪتاب.

شايد بيوس جي محجوب طبيعت گوشہ نشينيءَ ۽ چُنڊ ڪرڻ جي عادت ڪري کيس انديشو رهيو ته سندس ڪوتا سنڌين ۾ گهر نه ڪندي. حقيقت ۾ سندس جيئري ئي اهو ظاهر هو ته سنڌي شعر ۾ ٻاڻ ٿي هلندڙ يگ جو يگانو ترجمان هو، سندس سرود ۾ ئي سنڌين جي ويچارن ۽ اُمنگن جون تارون اچي ڪنيون ٿيون هيون. بيوس نه رڳو عام فهم نڪتن کي شعر جو جامو پارايو:

ڏاڍو جنم ڏيڻ ٿي نڪن ڪير جي وهائي،
سنسار ۾ سفر کان ٻهرين ٺمر اچي ٿو.

يا ڪنهن به ڪامل عشق ري آهڪي نه پاتي زندگي.

پر نازڪ ۾ نازڪ ويچار سندر شبدن ۾ گيان وگيان رستي ظاهر ڪيا:

سونهن جي سوني مٽيءَ ۾ مرم جو موتي جڙيو،
ڪم نزاڪتدار ٿي ويو، وصل جي وينجهار جو.

من ته پاڻيءَ جان هميشه وهڪ هيناهين وٺي،
پر وويڪي پمپ سان ڏيجي مٿاهينءَ لي وهي.

اج غريبن جون ڪکايون جهوپڙيون مالڪ گهمي،
ٺومڙهيءَ، مسجد، مندر، ڏيول، ٽڪاٽي کان ٿهي.

ڪم ڪرڻ سبحان ٿي پوي هيبت آه ساجو هٿ شريف،
مثل ڏائي شان شاهوڪار تي آيو عتاب.

ليڪ جن ٽپڪن ٻٽائي، سي ته ٿي مقدار ها،
ڏيکي آئي ليڪ ۾ ڇا کان پيا؟ سمجهي ڇڏيو.

تو حاصل ٿئي. نماڻي ۽ نهڻي نرمل ۽ نمڪين سنڌ جو پنهنجي ڏس ۾ ۽ پنهنجي وقت آهر، بيوس اهڙوئي لائق ترجمان آهي، جهڙوڪ شاهه ۽ سامي، سچل ۽ بيدل.

بيوس جي نهڻائي، بيوس جو نياز پنهنجو مٽ پاڻ آهن. ٻيا شاعر جي پاڻکي اولياءَ ۽ اوتاري پرش نه ته سڏائين ته اڪثري ايترو ته دعويٰ سان ته چون ته سمي گذرڻي محل ماڙيون اچي پٽ پوندا، پر اسانجو شعر قائم رهندو.

شيڪسپيئر اهڙي دعويٰ ڪئي، ته ملٽن به ۽ ٽيون ڪسر آکيو. فردوسي هام هنئي ته عجم (ايران) کي مون جياريو، ته حافظ هيڏانهن سمرقند ۽ بخارا ۽ هوڏانهن عرش ۽ ڪرش تي قبضو ڪيو. رومي ۽ شاهه الهام جي پڌويءَ تي پهتا ته سچل ۽ بيدل بيرنگيءَ جي رنگ ۾ رتا رهيا. پر بيوس هميشه پاڻکي بيوس ۽ ويچارو، نماڻو ۽ نبل، مسڪين ۽ سوالي ڪوٺايو ۽ ٽاگور وانگي ايترو به نه وڌاريو ته پنهنجي راڳ دوارا ن دربار ۾ نيٺ پهچي ويندس. ڪجهه ڪجهه اثر هنتي شڪول ماستريءَ جو ٿيو هوندو (ڳوٺن ۾ هرڪو ماستر تي آڪڙيو ايندو آهي)، پر گهڻو اثر هن تي گرو نانڪ صاحب جي ٻاڻيءَ جو ٿيل ٿو ڏسجي. جنهن گروجن ۽ سنڌن پوئين پاڻکي داس سڏايو ۽ حد نوڙت ڪئي. عرش تي هوندي فرش اختيار ڪيو، ليڪن بيوس به هڪ اوچ ڪوٺيءَ جو ڪوي هوندي ۽ سڄاڳيءَ جو سوڀاڳي رهندي، پاڻکي نه مالڪ سڏايو نه سالڪ، وچان ٿي بيوس، ۽ هڪ نئين گهراڻي جو پايو وڌو، جنهنجا هوڻهار فرد پاڻکي دلگير ۽ دکايل سڏائڻ ۾ فخر وٺڻ لڳا. بيوس کي اهڙو ته اونو ٿي بيٺو ته منهنجن جملن جو اُلٽو مطلب نه ڪڍن جو ڪنهجي ڇڏي ويو ته تي محل -

ماڻا اندر محلات جي راڻي رهي،
ماهتابي منهن منل تي، آهه وارن جو نقاب.

پيڙ ڏاران پيڙ ناهي، پيڙ ٻن ناهي خمير،
ٻن خميري ناهه شيرو، درد آهه دل پاڪ لءِ.
چٽ مٽي، چٽن مٽي، چٽون مٽي، چيٽن مٽي،
ٿا چون ڇوڇج مٽي چمڪي چڳي چالاڪ لءِ.
وهه پٽي، واهڙ پٽي، ساهڙ سبب سائو پٽي،
هيج هِنَ پر ناهه ڪا هُنَ پر سنديءَ هيراڪ لءِ.

بيوس جي شعر ۾ سونهن جي اَبلاشا ۽ دکين لاءِ درد يا ڀط قرباني تاڃيءَ پيٽي وانگر گڏيل آهن:

اروپا! روپ مندر ۾ جلائي پريم جي اگني،
ڏيڻ لءِ آپ آهوتي، رچين دل جو دئارا تو.

يا

سج، چنڊ واجهه تو وجهي جنهنجي وٿين منجهان،
ترڪيو اچن ٿا ترورا تارن ڪتين منجهان،
ڦڙڪا ڪندي پکي هوا جنهنجي پٽين منجهان،
چٽڪار ميهن تو ڪري چٽڪي چتين منجهان،
قدرت سندي ڪمال، صحت لاءِ سوکڙي،
الا! جهري ۾ شال غريبن جي جهوپڙي.

بيوس مرکب لفظ ناهي ۽ سادن سادن حرفن ذريعي اوچ اوچ خيال پرگهٽ ڪري، سنڌي شعر ۾ انقلاب آندو:

ويو تجي متھرا گوڪل، ناهه جمنا جڳ-پٽي،
شهر-شيوا ۾ وڃي پڄ محب مرليڌر ڪٿي؟

۽

چوي دل لکي ڏي لِکا ٿي جهلي،
ڏرم ۽ مرم تو پرت ڪان پلي،
حَيا جي حڪومت هٿن ٿي هلي،
ڪيا ٿي، سگهان سوز دل ڪئن سلي؟

ترقي پسند ليکڪن کان گهڻو اڳ بيوس سنڌين کي آگاهه
ڪيو ته انهن ظلمن کان، جي سرمايدار، مسڪينن پورهيتن ۽
ڪڙمين لي ڪري رهيا آهن:

تنهنجي تصوير منجهان قوم جو ڪنياءُ ٻڪي ،
تنهنجي فرياد مان بيداد جو ورلاءُ ٻڪي .

ٿي اُهو اونڌو ٿو روئڻ ۾ ڪٽي ڇيلهه ڪٻي ،
پير پاڙيءَ ۾ ٻڌيا، جان پسيني ۾ ٻُڏي .
تو ڏنا پوکي گهڻا پر نه ڪنيا قوت ڪڻا ،
پهچ تنهنجي کان زميندار سدا آهه پري .
پنهنجي طاقت جو ذرو ماڻ نه هاري توکي ،
فرض پالين تون، حق جاڻ نه هاري توکي .
آهه تن پر دل نه آهي، آهه دل پر نانءَ تن ،
ڇو ڇنبو ڪٽ سچا ٿيا، ڏور ڪٽ بيوس سچا .
لال ٿيو تنهنجو دوشالو، ڪنهنجي لوهو ڇاڻ مان؟
خون دل ڪنهنجو ٻڪي ٿو تنهنجي ڳل ڳاڙهاڻ مان؟

اهنسا ۽ گانڌي واد جو سنڌيءَ ۾ ڪنهن پرچار ڪيو ته
بيوس ۽ بيوس جي منڊليءَ:

ساٺي دنيا هاڻ مڃيندي .اهنسا انمول اصول ،
اٽامڪ بم گولي سان نه ته پرلو جو سامان گانڌي .

يا

تاج آزادي گهري ڀارت ڏکڻ تنهنجي هٿان ،
آهه هندستان کي اڄ لاڄ لانگوٽيءَ مٿان .

بيوس جي تجنيس خطي، شبد-ڪماليت، ڪوتا جي پيهڪ
۽ ساهتيه جاڻ دشمنن کي دنگ ڪري ڇڏيو:

سر ۾ سودا، چير دل ۾، آهه سينو چاڪ لءِ ،
تي مڃي ڪيڏي مصيبت محبتي مشتاق لءِ !

ڪنهن حال تي هلين ٿو - ڪنهن چال تي چلين ٿو،
مرڪي نه ڳجهه سلين ٿو - پاتال پري جهلين ٿو،
اي آسمان نيلا!
تارن سندا وسيلا.
سهڻا لغڙ سڏائين - تو اِندلٺ مان ناهين،
بادل مٿان سڏائين - ڇا راند تو رچائين!
ڇا صبح سون - ڏنگي،
ڇا شام لعل - رنگي.

بيوس ناٽڪ نويسي ۾ ڪئي پر اهو سندس ميدان نه هو. ڪن گيتن جي ميدان ۾ ۽ ٻالڪ - ساهتيه ۾ هو شهسوار لڳي، ايد سرتاج ڪونجي. ٽاگور جي ٻالڪ ساهتيه وارو چشڪو بيوس ۾ به آهي.

بيوس جو قدر سندس حياتيءَ ۾ اهو نه ٿيو، جو ٿيڻ کپندو هو. پر ائين به نه چئبو ته سندس قدرشناسي اصل نه ٿي. سنهجي جيئري هو شعر ۾ استاد ۽ سائين ڪوٺجڻ ۾ آيو ۽ سندس هونهار شاگردن سندس ڪيرتي سڄي سنڌ ۾ ڦهلائي سندس ڪوتا جي رمز ۽ ريت پنهنجن ڪوتائن ۾ پرسڌ ڪئي. جي سندس شاگرد نه بڻيا، سي به سندس چال تي هليا. بيوس جو اثر نه رڳو **سنگيت قول، ڪوڏ ۽** ۽ **هرشچندر جي جيون ڪٿا** ۾ نظر ايندو پر **پورب سنديش** ۽ اڄ جي آزاد شعر گوين ۾ به چٽو ڏسڻ ۾ ايندو. ائين چوڻ ۾ وڌاءُ نه آهي ته اڄ جيڪو شعر اسانجي اخبارن، مخزنن ۽ پستڪن ۾ ڇپجي رهيو آهي، خاص ڪري اهو شعر جو فارسي علم عروض جي بندشن کان قدرلي آجو آهي، تنهنجو عمرا ڪرتا بيوس کي مڃڻ گهرجي. بيوس جو پاڳيه هو جو هنکي دڪايل ۽ دلگير، رام ۽ گوبند پارا شاگرد - پتر ٿيا، جن تنهجو شراڌ پڻ ڪيو آهي ۽ سندس نالو ۽ جس پڻ ڳايو آهي.

ساهتيہ جي ماهرن کي پليءَ پٽ سڌ آهي ته اهڙيءَ ط
ڪرنا رچڻ ۾ ڪيڏي نہ جاڪوڙ ٿي ڪرڻي پوي:
مون پهنجي خاص ڳوڙها شعر جا موتي ڪيا،
ڪٿ صرافي پرک وس، ڪيجهر کهي ڪوڏ پون ڪڏي.
منهنجو شخصي رايو آهي تہ بيوس سنڌي ساهتيہ جي
هڪ وڏي شيوا ڪئي، جو بالڪن لاءِ گيت لکيائين. بيوس
جي خاصيت هئي سندس بالڪپڻو ۽ معصوميت، پولاپڻ
بي خبري. مونکي هر هر سندس پاس ۽ سندس آس پاس
ايندي يون آهن ۽ ڪنهن بالڪ جي معصوميت جي يادگيري
ڏياريندي يون آهن:
"ڪٿي لکان" جاٽان رهو، "ڇا لکان" سل ٿون،
ڪندس پوري بانسري، ڦوڪيندي ڳل ٿون،
پند ڪرڻ مون کان پڇي، وات وٺي هل ٿون،
باجهہ پريا بل ٿون، هن بيوس ۽ بي زور جو.
(گنگا جون لهرون)
شڪونتلا جڏهن پريم-پترو لکڻ وير ٿي ڇوي:
اي انسويہ ۽ پريم دو! ڇا لکان؟
ٻنايو ٻوهہ جو لکڻ ڪٿي سکان؟
تڏهن بيوس بہ اهو سوال پڇي ٿو ۽ نہ رڳي شڪونتلا. مونکي
ارمان آهي تہ هن چونڊ ۾ بيوس جا گيت ۽ بالڪن لاءِ بالا پولا
بيت اينترا نہ آندل آهن ۽ گنگا جون لهرون ۽ گرونانڪ
جيون ڪٿا نظر انداز ڪيون ويون آهن. شايد بئي ڇاپي ۾
اها ڪمي پوري ڪئي وڃي. آزاديءَ جي پڻ وبلي ۽ بالڪن
جي بارين لاءِ بيوس گهڻيئي گيت ڳايا، جي الائي ڪتابي
صورت ۾ آيل آهن يا نہ. مونکي ڪنهن وقت اونهي خوض
واڻ پورن کان بہ بيوس جا بالا پولا بيت وڌيڪ وڻندا
آهن:

شعر ببوس

ستار قدرت

طرح طرح جا عجب تماشا، رچي ٿي ڇا ڇا اپار قدرت!
جهو جڳت جي اٿئي اٿي ۾، وسي ٿو سائين ستار قدرت!

کلي کلي رس ڀري چمن جي، مزا مدائي ٻڪي پرندو،
ٿلي رسيلي هوا ٻسنتي، ڦري ڦلي ٿو بهار قدرت.

ٽيون پياليون گلن ڦلن جون، کلي ڪٽوري عجيب سوٻيا،
ر ٻو صراحيون سڳند واريون، هوا ۾ هاري عطار قدرت.

ٻان زٻان مان عيان اچي ٿو، بيان ٿڪهجو جهان والي!
ٿي ٿو تان جناب عالي، هزار دل سان نثار قدرت.

ٽيون ڪشاديون جهان جون ڏاڍيون رکين هڪيون تون سڀن اڳيان ٿو،
ڪٽي ڪٽي مان هٽي گهٽو ٿو، اٿي مڃهان ٿٿي انبار قدرت.

نت خزاني مڃهان پلارا، ڀري مڃين ٿو مڃدون مدامي،
ي نه جهونو، نٿون اپائين، ڀريو رکين ٿو ڀنڊار قدرت.

ي سفر ڪان اڳي سمر ٿو، رزاق ببوس رکي ٿو اوٿو،
م وتڻ ڪان اڳي جڳت ۾، ڪري ٿي ڪاڏو تيار قدرت.

هي چوند پسنڪ ۾ انهن صالحن ۽ سچائن جي منڊليءَ ج
هڪ شرڌا جي سوکڙي آهي. هيءَ ايا پهرين قسط سمجهي
کپي. ڇاڪاڻ ته ليمٽ نه ٻيوس جي سچي ڪوتا هڪ گرنٿ
ڪني ٿيٺي آهي. مان پاٺڪي ياڳوان تو سمجهان جو نه شا
آهيان، نه لاڙڪاڻي نواسي ۽ نه ٻيوس جو سنبنڌي؛ تنه
هوندي به هن مهاڳ لکڻ جو شرف مونکي ڏنو ويو آهي
ٻيوس جي منڊليءَ جا اوچ آدرش ۽ پڌهمجي سائينءَ جي
شاعريءَ ۾ وشواس انهيءَ مان ٿي ظاهر آهن جو هي ٻي واسطيدا
ماڻهوءَ کي مهاڳ جو ڪم سونپيو ويو آهي.

٣١ مئي ١٩٥٣ع. لالسنگھ اجواڻي

وڏي دل

ڪر دنيا ۾ دل وڏيري - تون نه رهه، مان پئي رهان،
آڻ من ور لئيءَ ۾ فقيري - تون نه رهه، مان پئي رهان.

١- اَڻ عزت کان نه آهي، شخصيت ۾ جاءِ جي،
دل جي ڪنهن همدرد پاڳي ۾ پلا ٿوري ته ڏي،
تنهنجي منهنجي ڪر جهڪيري - تون نه رهه، مان پئي رهان.

٢- گرچ هموطني نه آهين، ديس واسي ٿي گذار،
ديس واسيءَ کان وڏو دنيا نواسي ٿي نهار،
تر نظر ٻختي ٻڪيري - تون نه رهه، مان پئي رهان.

٣- تنگ مذهب ۾ نه ماپون، قوميت ۾ جاءِ ڏي،
پاڻ پڇيءَ، انسانيت، روحانيت ۾ جاءِ ڏي،
چڱ دنيءَ جي ديد ميري - تون نه رهه مان پئي رهان.

٤- تنهنجي شاهي محل مان گهٽ جي ڪنڊ ۾ هڪ ڪوٺڙي،
اي اڇي مون جهڙي لاءِ پوندي نهي سو جهوپڙي،
ڪر ٿما گهٽ ڪيري - تون نه رهه، مان پئي رهان.

٥- تنهنجي دسترخوان تان جيڪي وڃي افراد ٿو،
بالفضوليءَ جي هتان جيڪي ٿئي برباد ٿو،
تنهن لئي ڪر چوڪس چگهري - تون نه رهه، مان پئي رهان.

٦- عشرتي پيالي مان تنهنجي ٻوند جي هڪڙي ٻچي،
هوند داتا اُن جا ٿي قوت غربا ۾ اچي،
ايءَ بهت برڪت پامري - تون نه رهه، مان پئي رهان.

جوت

جڳت ۾ آهڪ جوتي جڳائين جوت وارا تون،
سته پرڪاش پنهنجي سان پرين تارا ستارا تون.

١- اُروُپا! روپ مندر ۾ جلائي پريم جي اگني،
ڏيڻ لء آپ آهوُتي، رچين دل جا دتارا تون.

٢- اپاري آد ڪان تي، تون هڪين تي انت رچنا مان،
تي بيرنگي رچائين رنگپور ۾ رنگ نيارا تون.

٣- صفاتي ويس ۾ سائين! پسين تون حسن ذاتيءَ کي،
رچي وحدت منجهان ڪثرت، ڪرين ڪيڏا پسارا تون.

٤- هٽي مهراڻ موجن جو مها آنند مان ڇلڪي،
پرين هن پريم نگريءَ ۾ عجب امرت جي ڌارا تون.

٥- نه دنيا دامگهه ڦاهي، مگر قربانگهه شاهي،
ڇيو رانجهن، چڙهان هڪ هير لء تخت هزارا تون.

٦- اکين ۾ آهه دل ڏي دڳ وڃڻ جو، پر نه موٽڻ جو،
اچي دل ۾ چٽڻ تنهنجو عجب جاڳان دلارا تون.

٧- پرت سان پنج-گنگا ۾، هنيو جنهن گيان جو غوطو،
صفا دل درسنيءَ ۾ سو، پسي نوُري نظارا تون.

٨- دليون سالم تين جنهن سان سڄيرو شعر سو بيوس،
گهڙي سنسار هر ساعت ۾ سالم دل سهارا تون.

همدردي

ڳوڙهن سان تنهنجي ڳانڍيل منهنجو به خون آهي،
سوداءُ سر ۾ تنهنجي، منهنجو جنون آهي.

۱- تنهنجي ٻهار کان ٿي، منهنجي چمن ۾ چهچٽه،
تنهنجي زبان لئي منهنجي حالت زبون آهي.

۲- ٿيندي خوشيءَ جي خرچي غم ٿئي جو تو خريدي،
همدرد جي دنيا ۾ نيارو نمون آهي.

۳- وڃو راس ڪئي اکين مان آرام موڪلائي،
ڪنهنجو ڪڇو ڪنن لئي ٿڙو ٻوون آهي.

۴- ٻس - درد لئي جاءِ ڏني سر ڪنڌ جان سڳنڌي،
جنهن ۾ هي ديوتا سا دنيا نت ڏون آهي.

۵- جو ٻَـرَ ٻگهر لئي ٻهنجو لوهُو ٿو لال هاري،
جوڙو جوان اهڙو جهڙي اَجوُن آهي.

۶- هي حال دل جو بيوس، تون ٻاڪ تي سهي ڪر،
آلت جو آه تولءِ، مون لءِ سٺوُن آهي.

٧- باغِ عشرت تنهنجي مان جي ٻُور ڪنڊن جا ٻوٽن،
بي پٽين پوُڙن پٽن جا هوند لئي لوڙها ٻون،
سمجهه رک. سالم سڀڙي. تون به رهه، مان به رهان،
٨- ملڪ گيريءَ جي هوس؟ هن پيٽ چنتا جي سمي!
خُون هارڻ جي اپا؟ **بيوس** سپنا جي سمي!!
روز روشن ۾ اندهيري!!! تون به رهه، مان به رهان.

تون ۽ مان

آسودگيءَ ۾ تنهنجي، منهنجو به آهي واڌو؟
منهنجي سڄي رهڻ ۾، توکي اڃ آهي گهاٽو.
١- هر ذري خاڪ جي ۾، هڪ راز جي رواني،
جا چرت، چاٽ مون تي، توتي به سا ڇمانو.
٢- هڪ واسطي ۾ وڙهي، ٻڌن ٻڌو ٻنهي کي،
ٻارن ٻنهي جو آهي، هڪ آرزو تي آنو.
٣- هڪ راهه تي گذر ٿيو، منزل به آهه ساڳي،
ساٿي ٿي هل سفر ۾، سولو سڀڻون سدائو.
٤- تون 'مان' ليکي ڪرڻ جي ڪوشش اگر ڪجي ٿي،
'تون' ۾ پوي ٿي ڪاٽي، 'مون' ۾ پوي ٿو ڏانو.
٥- جي زخم دل سهي ويا، مرهم به آهه ملڻي،
سالم سڄو به ٿيندو، سڀڪي سان ٿانءُ قانو.
٦- آڪاس تان هٽائي، ڪجهه خاڪ تي نظر ڪر،
اوڇو رڱو جي ڳانو، لوڙهي ٻڄهي لڳانو.
٧- آخر اڇي سي گڏيا، خالص ۾ خاص '**بيوس**'
'مان'، 'تون' ۽ 'هوُ' جو آهي رستو اگر ته واڻو.

حسن

(١)

ني نزاڪت جي نظر جڏهن ڪي ڏسي حسن ڪمال،
تنهن جي تصوير ڏسڻ چترڪار آهه مصور لاءِ محال
تنهن جي جلوي جي نہ اظهار جو شاعر ۾ جلال،
نڪي تعريف بيانيءَ جي مصنف ۾ مجال،
ديد ديدار ڪشش جي دوڙ ٿي ديدن ۾ ڪري،
راه چشمن تان وڃي دل کي ٿي جذبن سان ڀري.

(٢)

پره پيدار سان هٿئي تار سچي سونهن ڀري،
عشق آنند سندي تار رسيلي ٿي ڀري،
ذات محسوس ڪرڻ لاءِ اچي چاه چري،
شوق دل ٻاڻ اندر ٻاڻ جدائي ٿي گهري،
ٻاڻ ۾ ٻاڻ جڏهن سونهن سمائي نہ رهي،
ٻاڻ ۾ ٻاڻ ٻسائڻ کان سچائي نہ رهي.

(٣)

سونهن سر آهه ڪٿي ' حسن هزاريءَ کان ٻڇون،
ڪنهن ڪمانگر جي عجب نقش و نگاريءَ کان ٻڇون،
خوب قولن سان قليل ساد بهاريءَ کان ٻڇون،
لاٺ بلبل کان ۽ ڪوئل جي ٺدواريءَ کان ٻڇون،
آسمان! تنهنجي ستارن ۾ هي چمڪو ڪنهنجو؟
نور جي نوري مدجهان ناچ جو چمڪو ڪنهنجو؟

سچي راحت

كڏهن لوڪا ڏئي ماڻي، مٺي من جي سچي راحت؟
نه جنهن جهڙي سچي آئي ڪا، سٺي سنسار ۾ نعمت!

١- مهانگي چيز موڙني ۾، ڀلا ملھ جي ڪسر ڪٿي،
نه جنهنکي ناز ناڻي تي، نه جنهن تي ڪا لڳي لاڳت.

٢- ڪپي ٿي طبع سا عالي، هجي جا پاڻ کان ٻالهي،
خوديءَ جي خيال کان خالي، ڪري مخلوق جي خدمت.

٣- سدا همدرد دل ڌاري، سڌا ناتا نه جا ساري،
ڀراون سان پرت پاري، رکي جا عام سان الفت.

٤- جتي ڳوڙهو ڳڙي ٻئي جو، اتي گهائو ڏسي گهر جو،
ڇڏي وجهه ڪين واهر جو، نه هاري هوش ۽ همت.

٥- هجي نردوش دل وارو، اندر ٻاهر صفا سارو،
چڱائيءَ جو چلي چارو، نه جاڻي هوڏ ۽ حرفت.

٦- رکي سادو گذر سهنجو، سدا وس پاڻ تي پنهنجو،
نه ڪاٺيارو رهي ڪنهنجو، نه گهرجن ۾ ڇڏي غيرت.

٧- سچائيءَ کي رکي پاسي، نه رسمي ٻند ۾ ڦاسي،
نه جنهن کي ڀرم ڪو پاسي، هجي آزاد سا عادت.

٨- اهم منشا ۽ مقصد جي، رکي تابع جو خواهش کي،
رهي بيوس سدا تنهن تي، ابر آنند جي برڪت.

سونهن جي سخا

١- سونهن ۽ صورت سڄڻ جي ٿي سراپا سر ڏني،
هر هنڌان مصري منيري مون چکي ڇوڏر ڏني.

٢- ٿئي جڏهن نيلو ٻڇي پيلو، تڏهن تو ڪڻا ڪري،
زرد رنگي رتوءِ اندر ٿي ذري گهٽ زر ڏني.

٣- جي ڪشالا ڪشت ڪاٿي ڪونڌ ٻهتا ڪوه ڪاف،
ڏيهه ڏک وٽ سوپ - سک جي تن ٻري ٻيڪر ڏني.

٤- ڇو ڏکيا ڏنگير ٿين؟ جو ڪوهه اهڙو ڪونه ٿيو،
جنهن ٿي ٻنهجي اڄ هميشه ڪالهه کان ٻهتر ڏني.

٥- پال برڪت جو پڌارو آهه بيحد سان ٻرو،
تنهنجي دعوت جي اي دانا! ديگ مون درد ڏني.

٦- چمن جي چمبن ۽ بلبل ٿي ڪيئن چيئون، مگر،
ٿي خوشيءَ جي خاص مجلس ٻار خوش خاطر ڏني.

٧- شام جي شامت ڪان تن ڪي اڳ، اڏامڻ هو ضرور،
ٻنڊ ڪنول ۽ ڀونئر جي جن ڦٿڪندي ڦر ڦر ڏني.

٨- نيڪ سي تنهنجي نگر ڏي پر ڪري ايندا اُڏي،
جن سندءِ تصوير سهڻي هيج مان هيڪر ڏني.

٩- هر اُٿي ۾ گرج جلوو آهه تنهنجي جوت جو،
پر سخا 'بيوس' سڄڻ جي باغ ۾ بهتر ڏني.

(٤)

نيم - منڊر ۾ رهي سونهن جي ديوي ٿي سدا،
نيڻهن وارن سان جنان خوب ڪري ناز ۽ ادا،
پرت وارن کي ٻري ڪان ٿي پسائي ٿي لقا،
ڪيس اوڏو ٿي ڇهڻ جي ٿئي، رکي ڪو لڪ ستا
پاڪ منڊر مان اچي پاڪ، وڃي پاڪ وري،
پنهنجي طالب کي ڏئي پاڻ عوض جسم پري!

(٥)

سارو سنسار تہ پدمڻ جي اڳيان ڏاڻ ڏئي،
باغ گل، هار ڏئي، عطر جي سرهاڻ ڏئي
جهول موتين جا ڀري موج سان مهراڻ ڏئي،
لعل، ياقوت، رتن، سون، رپو کاڻ ڏئي،
ڏاڻي هر جنس اٿي سونهن جي سردار اڳيان،
تابع هردل جون حدون حسن جي سرڪار اڳيان!

(٦)

جا مجازيءَ کي سڄي محب سندي مورت ۾،
سونهن 'بيوس' سا حقيقيءَ لاءِ سڄيءَ قدرت ۾،
ڪاڻ ٻي سونهن سڄي چيز ٿئي، ٿي فطرت ۾،
جا ٻجا حسن حقيقت جي صفا صورت ۾،
ٿي سگهي ڳر ڪو حواسن جي حڪومت کان ٻري،
هوند هر چيز ۾ دلدار جو ديدار ڪري!

ٻهار

١- اچو موسم ٻهاريءَ کان، تبسم آهه مکڙين جو،
ڳلي ۾ هار گل پاتو، ڏسو شبنم جي موتين جو.

٢- لڳي لالا کان لالائي، چمڪ ڳيندي گلن لائي،
وسيو گلزار ۾ جائي، ڪڪر ڪو سون لُسرن جو.

٣- چمن جي تخت تي ويٺل، ڏسي گل شاه کي بلبل،
مچايو مرحبا جو هل، ٻره جي خوب ٻاٽين جو.

٤- ڇهڻ ڇيهن، چٽن ڪولي، ڪئي ڪوئل مٺي ٻولي،
ڍڪي ڏين لاڏ مان لولي، اڳو للڪار لاٽين جو.

٥- سياري تان ٻهار آيو، چمن کي چٽ چمڪايو،
خوشيءَ کي نئون سڄو سعيو، هنگامو آهه هولين جو.

٦- ڦٽيون گونچن مٿان ٽاريون، نيون نياريون مزي واريون،
ڪليون خوشرنگ گلڪاريون، سمورو هي سبز پوشين جو.

٧- گلابي رنگ جا پيالا، ڏنا نرگس کي نئي لالا،
ڪٽورا نيرا متوالا، عجب اظهار اکڙين جو.

٨- ٻهاري هير ۾ جادو، ڪري 'ٻهوس' رکي قابو،
مٺيءَ ۾ مشڪ وانگر ٻُو، وڙيو وارو سڳنڌن جو.

آنند جي اُڇل

١- سرڳ جي آنند نديءَ جا ڪي ڪنارا ٻيا پڇي،
جڏهن منجهان آئي اُڇل ساڻ ڇر خوشيءَ واري ڪڇي.

٢- طبلي - ڪوڏر تي ڪري ٿي ناچ آنند - اپسرا،
سبز رنگي سونهن تي پيو روح ڳڙميءَ جو رچي.

٣- عشرتي موسم بهاري ٿي لٽائي اشرفيون،
لعل لالا ڪان لڇي ٿيا، ماڪ ڪان موتي لڇي.

٤- سڙه پنيا پوپٽ پرن جا روشنائيءَ سمنڊ تي،
خوش ڪڏين تي سونهن پُر مان سرڪڙي آئي ڪڇي.

٥- آسماني تاج سوني تان اُفق ڪي ٿورا،
شام جو سوني سروپا ڏين شفق رنگي سڄي.

٦- حسن هيرن سان جڙيل ڪا جوڙ جسماني ڏسي،
سوز وارا سُر سٽايا وِرهه جي واڄي وڄي،

٧- ٻڪڙي گل جي ٿي 'بيوس' ٿرڪندي نازڪ نظر،
هار ڪانيندي حقيقت حسن ۾ ويندي هڇي.

(٥)

سملا، موري مسوري، صحت جي لءِ ضروري،
لسؤ ۽ هرڻ ڪٿوري، پشمي بڪر انگوري،
جن مان ٺهن ٺيون شالون،
ڪشمير ۽ نيپاليون.

(٦)

سورج - هوا هٿن سان، پاڻي ڪڍيو سمنڊ مان،
ڪيلاس ڪلس پوسان، چاڙهي تو پاڻ پرٿان،
ڌارا جتان لهي ٿي،
دريا پيرلي وهي ٿي.

(٧)

وهندي لهي لڪن تان، جمنوتري جبل مان،
گڙ گڙ ڪندي گرجنا، جل جوش واري جمنا،
پورباڳ ۾ پڄي ٿي،
گنگا ۾ گهمڻ ٿي لي.

(٨)

آڪاس ڪنگ تولي، هرروز ڪيو اولي،
اوڀيءَ جي اوڦ پوسي، چوٽين مٿان ٿي چمڪي،
هنگلاڄ ٿي شام هاري،
آپ چنڊ تلڪ چاڙهي.

هماليه

(١)

أي هند جا سهارا، پڪراج تاج وارا،
ناموس ۾ نيارا، منهنجا هماليه پيارا،
ڌرتيءَ مٿان وسين ٿو،
آڪاس سان گسين ٿو.

(٢)

مشهور مانسرور، سانپوءِ سندوءِ سندو گهر،
پارس جي آس آڌر، ڪيئن جو پيت پرور،
ڪيئي ندين پري ٿو،
پاٽي ڀري ڀري ٿو.

(٣)

اوچا عجيب لانگها، نيتي ۽ برنگلا جا،
خيبر ۽ پار ليپا، بولان گهاٽ گهاٽا،
ليڪن انهن لڪن مان،
مشڪل گذر ڪرين ڪان.

(٤)

يومان ڪان حڪم تنهنجو، هالار ني هلي ٿو،
هن پر امجت ڪرتو، هن پر ني هند پونو،
جنهنجون هزار چوٽيون،
آڪاس تان ني موٽيون.

تاج محل

(شاهي اڙڪ)

(١)

درد دل جي ڪان ٽٽل ٿي ھو جڏهن ساز محل،
سوز ماتم ڪي مچائڻ ٿي ھو آواز محل،
دار دنيا مان نباهڻ ٿي رهيو ناز محل،
تڏهن مانداڻ مٿن ٿيو تنهنجو ٿي ممتاز محل،
شوق شاهيءَ سان جڏهن فرض محبت جو ڪڏيو،
توکي اي تاج! تڏهن حسن نزاڪت سان اڏيو.

(٢)

تخت طائوس تڏهيءَ ڦيري، خزاني ٿي نظر،
۽ محبت جي اڳئين مست، زماني ٿي نظر،
حسن اخلاق پرٿي زيب، زناني ٿي نظر،
پنهنجي انجام سندي شان، شهاني ٿي نظر،
چشم گريان مان لڙي، اڙڪ پيا، ٿي ڏار ٿيا،
جي ڦري تاج جي صورت ۾، جڙادار ٿيا.

(٣)

خاص جنت جي فرشتن هو رٿيو نقش و نگار،
ٿي اڏاوت جي نزاڪت ٿي پيو نثار،
ساز صنعت جو ڏسي، مست ٿيو ماهر معمار،
آگرو اوج رسيو، موج ۾ جمنا جو ڪنار،
مان ممتاز کي هن تاج جي هستيءَ جو مليو،
شان بيگم کي وڏو پير پرستيءَ جو مليو.

(٩)

آهين اصل تون عاليءَ، ذري ذري ۾ مثالي،
ليڪن قديم سالي، بلڪل اثر کان خالي،
تون عمر مان نه جائين،
جوڀن سدا نه ماٺين.

(١٠)

جوهر حڪمتي خزانو، تون معرفت مڪانو،
تون شانت - شاميانو، نروان جو نشانو،
گلزار گيان جو تون،
استان ڌيان جو تون.

(١١)

'بيوس' ڪي سل، همالا، نورا اڳيان حوالا،
سادا گذر جا چالا، اوچا خيال اعليٰ،
تيرو پڻيرو ڪر تون،
ڌر ٻوٽي نظر تون.

غريبن جي جهوپڙي

(١)

جا آهه جائداد نه، ورثي واري ڪان،
ليندي نه زر بار جا، روپئي جي خيال کان،
اوندهه نه جهڪي آهه، ڪو جوکي جنجال کان،
هلڪي رهي جا هميشه ئي سوالي سنڀال کان،
جنهن ۾ غرور زر نه، سراسر سگهي گهڙي،
الا! جهري ۾ شال غريبن جي جهوپڙي.

(٢)

جا ونءُ وچي ٿي چيز ڪنهن نازڪ نفيس کان،
آجي رهي جا اوچ _ گذاري جي ريس کان،
ٻڌي ٿي پناهه ۾ رهي حاسد، حريص کان،
ڊاري نه خاص خوف ڪو خوني، خبيث کان،
ڪرف ۽ ڪڙي رهي سوگهي صندوقڙي،
الا! جهري ۾ شال غريبن جي جهوپڙي.

(٣)

چانگي چنڊو اڏيائون لامن لڪن مٿهان،
سادو اُجهو ٺهيائون ٻراٽن ٻڪن مٿهان،
ڪاٻو ڪيائون ڪٻٽ جي ڪانن ڪکن مٿهان،
ٻورهيو ٺهيائون ٻاڙاءِ سرن سکن مٿهان،
مفتي مدد لئي آهيا مڃي مڙس ٿي مڙي،
الا! جهري ۾ شال غريبن جي جهوپڙي.

(٤)

سنگ مرمر جي صفائي ۽ سهائي گڏجي،
تنهنجو چمڪاٽ ۽ چانڊاڻ چٽائي گڏجي،
رات چوڏهينءَ ۾ ٻون کير ملائي گڏجي،
صاف نهرن ۾ ٻڪن عڪس اُڇائي گڏجي،
آب چشمن جو ٿئي اُستاد مصوّر جي مثال،
تاج تصوير ڪڍڻ سان اُو ڪري عين ڪمال.

(٥)

تنهنجي باغن ۾ سدا آهه بهاريءَ جي بهار،
بي خزان آهه، سدا سبز صنوبر جي قطار،
تنهنجي گلشن مان هلي باغِ عدن جي هبڪار،
چشم بلبل تي چڙهي خوب نظاري جو خمار،
آب ڪوثر جي ڦڙن سان ڦوهارا ڇنڪيا،
گويا آڪاس منجهان سهڻين ستارا ڇنڪيا!

(٦)

ڪُهن ساليءَ جو اثر تنهنجي توانائيءَ تي نه ٿيو،
ڪوپ قدرت کان ذرو ضعف ٻڪائيءَ تي نه ٿيو،
داغ دامن جي ڪڏهن صاف صفائيءَ تي نه ٿيو،
ڪوهه جهلڪاٽ، اڇا جوت جهڪائيءَ تي نه ٿيو،
خاڪ ۾ خاڪ ٿيا ممتاز محل، شاهه جهان،
ليڪ **بيوس** ٿيو جڳي توکان سعدن نانءُ نشان.

انسان

جي جهڙي ذات ڪئي ها ٻاڻ ڇاڻڻ جو خيال،
ڪين هرگز ها ڪري توکي ٻڌائڻ جـو خيال.

١- روح تنهنجي کي ڪري نور مان ڪئن ها پيدا،
جي جهڙي ڪيس نـه ها پيد بنائڻ جـو خيال؟

٢- شڪل آئيني مان تنهنجي ٿي رچيندڙ ٿي ٻکي،
آهي هـي ٻاڻ ٻـڌا ٻاڻ ٻسائڻ جـو خيال.

٣- ٿـي ٻمور ٿي جڏهن جوت مڏجهان مڏش ٻڏي،
هـو تڏهن خاڪ ۾ خورشيد سمائڻ جـو خيال.

٤- ٿـو ۾ ٻڙدان جڏهن ٻرام ٻري دل ٿـي ٻري،
هـو تڏهن ڏار ڪري ڪيس ملائڻ جـو خيال.

٥- عشق ڏاران نه هلي دل تي حڪومت ڪنهنجي،
هو نه طاقت سان ڪو قدرت کي ڏٻائڻ جو خيال.

٦- تنهنجي رچنا تي رسيو حسن کي ڇا عين ڪمال،
جـوڙ تنهنجي تي آئيو ٻرت ٻچائڻ جـو خيال.

٧- ٻـزم هستيءَ کـي ملي رنگت ۽ رونق توکان،
توتي ٿـي اوج رسيو رنگ رچائڻ جـو خيال.

٨- ساري مخلوق جـي آخـر ۾ ٿـو انسان! اچـي،
صاف ثـابت ڪيو سـرتـاج سڏائڻ جو خـيـال.

٩- آهـه سـڀـسـار ۾ انـسـان! اُجـالـو تـوکـان،
توکـي ڪو آهـه ٻلا ٻـاڻ ملهائڻ جـو خيال؟

١٠- ڪابه اوڏو نه لنڪ آهه جي 'بيوس' نه ٽـڪين،
آهـه دنـيـا ۾ اگـر ڏوم مـچائڻ جـو خـيـال.

(۴)

جڏهن آئي نه نقش ساز کي ڪو ناز ٿــو رهي ،
وازو، ٻڪڙ، نه جڏهن ٿي ڪو لوهار ٿــو وَهي ،
ڇوني ، ٻٽڙ يا سر جـــو نـــه، سر ٻار جـــا سهي ،
”محصول جاءِ“ ڳاهه جي هيٺان نـــه، جا ڳهي ،
مـواڙ ٿـــي مهار جـــي آهـــي نـــه، جا ٻڙي ،
اَلا! جهري مَ شـــال غـــريبن جـــي جهوُپڙي ۔

(۵)

سج، چنڊ واجهه ٿو وجهي جنهنجي وٽين منجهان ،
نڪيو اچن ٿـا تـــرورا تـــارن ڪٽين منجهان ،
ٻٽڪا ڪندي ٻڙي هوا جنهنجي ٻتين منجهان ،
چٽڪار ميڻهن ٿــو ڪري ڇنڪي ڇتين منجهان ،
قـــدرت سندي ڪمـال، صحت لاءِ سوڪڙي ،
اَلا! جهري مَ شـــال غـــريبن جـــي جهوُپڙي ۔

(٦)

جڏهن ٻه مـــزو مچي مٿي پوڻي جو ٿـار ٿـــي ،
ســـادو گـــذر وجهي نـــه طبيبن لنوار ٿـــي ،
ٻورهيو وجهي ٿـــو واءِ وڏي ڄمـــار ٿـــي ،
غالب ٻوي نـــه حرص خوشيءَ جـــي خمار لي ،
’بيوس‘ جتي جلائي نـــه چنتا جـي چوُچڙي ،
اَلا! جهري مَ شـــال غـــريبن جـــي جهوپڙي ۔

موت

(١)

سازِ هستيءَ جي اچي هر تار مان تنهنجي صدا،
تنهنجو واڄو ٿو وڄي قدرت جي محفل ۾ سدا،
هر نظر ۾ نازنين! تنهنجي ڦري نازو ادا،
غمزدهہ غمن کان تنهنجي آشنا شاهہ و گدا،
مرثيہ کان تنهنجي بزم عيش ٿي ماتم سرا،
آهہ غمگينيءَ کان تنهنجي هاءِ دنيا غم سرا.

(٢)

آهہ هر دل کي جلائڻ آه ۽ نالان موت!
هر جگر ٽوڙي ڪري ارمان جو نيشان موت!
ڇا حياتي آهہ مشڪل آهہ ڇا آسان موت!
ڇا مهانگي آهہ جيوت آهہ ڇا ارزان موت!
ناهہ اهڙي جاءِ ڪا جت موت کان فرياد ناهہ،
گرچ اهڙو عام ٿو ٿئي عملي طرح سان ياد ناهہ!!!

(٣)

موت هوندي ساڻجن سهسين اميدون، آرزو،
ڪن مذاقون موت سان ٿا عيش عشرت هو ٻهو،
سره ٻاڻين ۾ ڪري بلبل گلن سان گفتگو،
آهہ عقبيٰ واسطي دنيا ۾ جاري جستجو،
ڇو سمي ايندڙ ٿي ٿو انسان ناهي حال ڪي؟
’ڇو نہ ٿو اندر ٻون اکالي ڪين ليکي ڪال ڪي‘.

شعر بيوس

٧ زندگي

بـي ڪناري ڪر آهـي ڏٺڙي ذاتي زندگي ؛
جا سڄي قـوتـو، فنا ٿـي سا صفائي زندگي .

١- اَج سيان جـي قيد کـان آزاد آهـي ڪا اَڪال ،
وقت، پنهنجي ماڻ سان ماپي نـه جاڻي زندگي .

٢- شڪل ڦيري سان نواڻي جا چٽين سـپ نقش ٿي ،
وقت سان ڦهروپ جـي آٿو راند لالـي زندگي .

٣- هر حياتي مرڪزي گـُـل هــار هستيءَ ۾ بڻي ،
نـاهـه هيءَ هڪڙي فقط حـاضر حياتي زندگي .

٤- ٻڌ جسماني ٻُلائـني عـرش اوُچي لـي اڏي ،
ٿي رڪـي آزاد ٿي ڇـا ڇـا نـه چاڻي زندگي !

٥- وٺين حياتيءَ جي حدن سان ٿي الڳ، جڳ کان جدا ،
گـرچ ٿوڪـي هئي مليل برهمانڊ-ٻاڻي زندگي .

٦- پوُنءَ ۾ د ٻجي بـه ڪٽن هو چشم ٻجُ سالم، سڄاڳ ،
ڏ...و رڳـو نسريل سـلـي اندر سُڃاڻي زندگي .

٧- مت حياتيءَ جي ههڙي 'بيوس' ٻره جي ٻُنڪ مان ،
ڪنهن بـه ڪامل عشق ري اَبدي نـه پاتي زندگي .

نوائي

(١)

تنهنجي دنيا ۾ نوائيءَ جو سدا آهي جشن،
جنهنجي لٽڪي ئي رهي موج ۾ هر دل ٿي مگهن،
صاف سوائي ٿي گلڙ لاءِ لڳي راهه، کڻن،
ٿيو جدائيءَ ۽ جفا سان اهي جيڻ لاءِ جتن،
اهڙي دنيا کان، جتي موت جو مارُو ٿو وڃي،
جي نوائي نه هجي، هوند هجي هرڪو پڄي.

(٢)

حسن جو آهين زماني ۾ تون جبرو هٿيار،
جنهنجي هستيءَ تي رهي سونهن جي هستيءَ جو مدار،
رُوپ جي راڳ اڳيان آهين سريلي تون ستار،
هر نظاري جي نظر نوُر نوائيءَ ري نڪار،
جي نه هر شيءِ تي هڻي ڇاپ نوائي پنهنجي،
حسن جوکي ۾ ڏسي هوند وڏائي پنهنجي.

(٣)

ٿو سچائيءَ تي نوائيءَ جو جڏهن رنگ چڙهي،
سون مڊيءَ ۾ ڏهن گويا ڪو هيرو ٿو جڙي،
آهه سو جو نموني ۾ نئون گهاٽ گهڙي،
نئون زمانيءَ ۾، مگر پرت پراڻائي پڙهي،
پيو پراڻپ تي نوائيءَ جو جڏهن ويس وڳو،
ڳوڄ جهونو هو ڳڏو، خوب سو محبوُب لڳو.

(٤)

جي هجي ها نيستيءَ ۾ ناهه ۾ انجام موت،
هوند دنيا ۾ نه ٿئي ها هن طرح سان عام موت،
زندگيءَ جي شام لاءِ ٿيو رات جو آرام موت،
ٿو اَمرتا جو سڻائي صبح سان پيغام موت،
ڪٿين قدبهي روز روشن لت نوانيءَ کان ٿئون،
رات جي پردي کي چير ڪڍو اچي سورج سڏئون!

(٥)

سطحِ آبي تي هوا، ڪٿين لهر ٿي پوڙي سگهي،
لهر ٿي پوڙي هزارها پڙ پڙا جوڙي سگهي،
سي قنديل قرٽا ورائي لهر ۾ لوڙهي سگهي،
ڪن ۾ ٿي جوڙي سگهي ۽ ڪن ۾ ٿي ٽوڙي سگهي،
جي هوا ۾ خود نه جوڙڻ جي هجي طاقت قيام،
هن طرح سان هوند ٽوڙڻ ۾ نه ٿئي ها بي لغام.

(٦)

خاڪ ۾ دٻجي به آهي چشم بڄ جو ڪٿين سڄاڳ!
ٿو گهري ليڪڻ اندياري قبر ۾ مڙدن جو ماڳ،
آهه رڳ رڳ ۾ سندس نئون زندگيءَ ڏارڻ جو راڳ،
آزمائڻ ٿو گهري ٻاهر، پريءَ دنيا ۾ ڀاڳ،
ڪيئن شعلو زندگيءَ جو ٿو وسامي زير خاڪ،
ٿي شرارو ٿو ڪري خاڪي گريبان چاڪ چاڪ.

(٧)

موت جو سهڻو ملائڪ آهه رحمت جي سمان،
بدنمائيءَ ڪراڙپ تي ڪشي ڪرڙي ڪمان،
کهن سالي ۽ ضعف حاليءَ کي ڀلائي بيگمان،
بشپ پيشانيءَ تي آڻي نئون نزاڪت جا نشان،
عمر جي ڇهري تان ’بيوس‘ گهنج ٿو ميٽي ڇڏي،
نيڪ بد اعمال کي وسر سان ٿو ريٽي ڇڏي.

آزادگي

(۱)

ٻاٻري ڪنڍن منجهان تنهنجو گذر، آزادگي،
تو وسايو سخت سو فولاد گهر آزادگي!
جنهنجي ٽوڙڻ لءِ کپي جانٺو جگر، آزادگي!
ڪنهن مصيبت جو نه ٿئي جنهن تي اثر، آزادگي!
مست ٿي تنهنجي مٿان انسان ٿئي ٿو بي ڊپو،
جو ٻٽي پروانو ڏي ٿو تيز آتش ۾ ٽپو.

(۲)

شخصيت جي گپت شڪتي تو بنا نڪري نه ٿي،
ڦاٽ ڪائي زندگي انسان جي نسري نه ٿي،
روشنائي روح جي اونده منجهان اُڀري نه ٿي،
قوميت نا ڪارگر ٿي ڪنهن طرح سڌري نه ٿي،
پاڻ تي پاڙڻ ۽ خودداريءَ جو ٿو ٻڻ ناس ٿئي،
آتمڪ اُنتيءَ سندو هڪ خاص ٿو گڻ ناس ٿئي.

(۳)

دم ڏبيل، نرگهٽ گهٽيل، تو بن بڪر بوسات آهه،
واجداني رمز سان انصاف جي جڙ ڪاٽ آهه،
داد سان بيداد جي ويجهي عزت وات آهه،
ٽوڪندڙ، ڦرڦرڪندڙ، بي جوت جيوت لاٽ آهه،
داب ڪان دٻجي وڃي ٿو درد دل رنجور ۾،
زخم دل ظاهر ٿئي ٿو نيٺ سو ناسور ۾!

(۴)

هيچ اڄ آهه اهو ڪالهه هئي عبرت جهڙي،
علم هو ڪالهه، ڇو نه اڄ اُها جهالت جهڙي،
عيب شايد ٿئي سيان، اڄ ٿي نزاڪت جهڙي،
سا ڪٿي چيز، نه تبديل جي عادت جهڙي؟
گرچ خود ذات حقيقيءَ ۾ نه، ڦيرو ٿو اچي،
فرق نه، ٻه روپ صفائيءَ ۾ ڇهڇيرو ٿو اچي.

(۵)

ڏينهن ٿو روز ڏئي پرهه سان پيغام عظيم،
"مان نوانيءَ کان نئون آهيان، قدامت کان قديم،
رمز منهنجي نه پروڙي نه ٻه، آهي سو حڪيم،
مون سان گڏجو ته هلي تنهنجي ٿي حالت ٿئي سليم"
ٿي هدر مدد نوانيءَ جي نه، ڦيري سان ڦري،
تنهنجي تقدير چڙهي چرت ٿي 'بيوس' ٿي ڪري.

غلامي

(بيت)

(1)

صلاح:-

ڏر پٽيو، ٻر لاٿو پيو: اُڏين ته اُڏ طوطا!
وڃي وير وڪار ۾ لاهين لڏ طوطا!
مائي قوم قبيل سان قربؤن ڪُڏ طوطا!
۾ ٿي مڏ طوطا! وڃه ملبو ٿيئي واهه جو.

(٢)

وڃه ملبو ٿيئي واهه جو، ڪولي ڪنب آڏام،
ٻون هوندي ٻر سنڌو گولو ٿي نه غلام،
مرغ هوائي ٿي هيا! مرم مونجهه مدام،
درس نه دانه دام، طوطا! تنهنجي واسطي.

(٣)

طوطا! تنهنجي واسطي پڃري ڏر پٽيو،
جي ڪنيءَ پارڻ ڪنين تي، ته تو ڪيپ ڪٽيو،
سو آجو عمر ڪسي ٿيو، جنهن هن ڪوير وٽيو،
جڏان ماڳ مٽيو، تڏان عرش آزادگي.

(٤)

جواب:-

آهن پڃري پيد سان منهنجؤن جيءَ جڙيون،
پڃي پختيؤن چڪيون ڪايا منجهه ڪڙيون،
چنڊي رت چٽيو ٻوي اوکيون اڙيون،
اندر ماس مڙهيون، سنگهرون ساس سرير ۾!

(۴)

دؤد مان دکندي اُتي ٿي ٻاھ سا پڙڪو ھڻي،
جا جلائي جان کي جذبات جون چڻگون ٻڻي،
جئن مخالف واءُ ڇڪي لئن ڪري تيزي گھڻي،
ٿڪين تا پر ٿئي، تؤسي جيسين نہ رحمت جي ڪڻي،
لازمي نـاتو رھي ھن ٻاھ سـان برسات جو،
جئن انداريءَ سان تعلق آ سھائي رات جو.

(۵)

ڳـود ماتا ۾ مليل ڏاتار جـي جـا ذات آھ،
۽ جنم ٿي جنھنجي لءِ حقدار انسان ذات آھ،
جنھن کان وڌ سنسار ۾ سندر نہ ڪا سوغات آھ،
تنھنکي نت روڪي رکڻ 'بيوس' نہ ڪنھنجي بات آھ،
عرش وارا فرش تـي ايندا مدد مخفي کڻي،
درد واريءَ دانھن تي خود داد آڻيندو ڌڻي.

قوميت

چوٽ ڪائي ڪاميابي تنهنجي قدمن تي ڪري،
سوڀ جو روشن ستارو تنهنجي محور تي ڦري.

۱- تنهنجي برڪت سان پون ٿا ماڪ مان موتي ٻڻي،
خشڪ بادل مان پون ٿيون اَمرتي بوندون ڇڻي.

۲- تو ملي آزادگي سورج کي توکان تاج زر،
تو ڏکي روپي سروپا خوش نصيبيءَ جو قمر.

۳- مات تنهنجيءَ ۾ مها ساگر تڪي جي گرجنا،
تو چڪيءَ جي چوهہ سان زنجير فولادي چنا.

۴- لفظ ناممڪن نہ ٿئي تو قوميت جي ڪوش ۾،
خوف ڪائي نا اُميدي تي لڪي پٽ پوش ۾.

۵- سخت سختيءَ ۾ تسلي بخش تنهنجو خوش خيال،
تي تو ميدانِ مصيبت مخملي سيجا مثال.

۶- تو هٿان حاصل ڪري تو حسن قرباني ڪمال،
هر تحرڪ پيرين تي خاص جلوو ۽ جمال.

۷- تنهنجي اوڏو آدرش اِنسانيت اوُچو سدا،
سڀ برابر تو اڳيان مفلس، غني شاهہ و گدا.

۸- جان پوي نيچي نظر ٿي تنهنجي اوُچي چوٽ تان،
سڀ تفاوت جا جبل ڏسجن ٿا واريءَ ڪوٽ جان.

۹- رنگ، مذهب، حيثيت کان تنهنجو دامن صاف آهہ،
پاڪ يڪ طرفي اَٽل ڪان ساهمي انصاف آهہ.

۱۰- مختلف هستين ۾ آٿين محبتي ميلاپ تون،
بي سريلي ساز کي ميلي، ڪڍين آلاپ تون.

(٥)

سوڪڙن ماڳ مٿائيان جتي جم، جمار،
نديڙيءَ نيپاج ڪان جنهن سان لنو لغار،
لاثاني پل لوهه سان لڏئين سار سنڀار،
بنا خوف خمار، اُتم جنهن جي آسري.

(٦)

جلد ٻار، جابر گهٽو ٻيري ڏٺي ٻاڻ،
اَڻ گس جنهن جا اَڻ ميا ٻلي ٻجهن تا ٻاڻ،
اُوچا آهن عرش تي اُڏامندڙ اُهڃاڻ،
اُهڙي ڪي اُڏاڻ، ڏيندا ڪي ڏجهه وير جو.

(٧)

نازڪ نورا پير پر، ڳچيءَ پر ڳاني،
نت منڙا ميرا منجهي مالڪ مهماني،
گوندر ري گذران جي از حد آساني،
لطف لاثاني، پياري ٻيري پر پسان.

(٨)

پڙڏڪا :-

ٻيري ۽ مالڪ ٻڌو 'بيوس' طوطي ڪي،
ٻيو طوطي ٻچا نن جي، آزاديءَ پر اڙ وڏي.

(٩)

جيسين 'بيوس' ٻاند پر هوندو هڪ غلام،
هٿي سگهندو هام، ڪو نه آزاديءَ سندي!

---

(۳)

ڏي پتنگ تو جان ساڙي شمع شاهوڪار تي،
خود رهي ماندو تو آندي موج موڙيدار تي،
گل ڏري بيدل تي پيئا، خوش رهين خود خار تي،
توکي بي سرتيءَ رسايو آهه حالت زار تي،
تنهنجي محنت جي شجر تي آهه پيل بي ٻاڙول،
جنهن رکيو توکي سڪل ۽ ٻاڻ کي ساڻو اول.

(۴)

آءُ! ڏس جو تش نظر سان ڪول هن همٿ جي ٽري،
جنهن سوا سنسار ۾ ڪنهنجي نه اڄ تائين سري،
ڪٿن نه آهي ٻخت جي بهتر نشانن سان ڀري،
مال، ڌن، عزت تي آهي سوپ ان جي سرسري،
اُت، اتي جاڻو نظر سان ڌر نصيبن تي نظر،
جابجا پورب، پڇم ۾ آهه پورهيت جي ٻڄر.

(۵)

ڏوُر ۾ تارا ٻڏن ٿا، آسمان! ماتم نه ڪر،
آهه سورج جي سواري ڌر تون اوپر تي نظر،
در بدر اوندهه ڏسي ڪومائجي ويندو قمر،
چشم روشن لاءِ 'ٻهوس' آهه خاصي خوش خبر،
مالڪاڻي چيچڙي ۾ پيڙ جڻ ڪيئين رڻا؟
پنهنجي دل جي پيڙ اندر پيڙ جڻ ڪيئين روا؟

شعر ٻيوس

١١- تنهنجي ٻڪر ۾ ٻـري! آهي ٻـري جادوگري،
ٿي ڪري دنيا چـري تنهنجي دلارا! دلبري.

١٢- تـو سوا وٽرث وڃـي طاقت تباهيءَ ۾ تمـام،
ماڪ مردن سان ٻريل جڙ آهـ، مڙدن جـو مقام.

١٣- تنهنجي مضبوطيءَ بنا ٿـي ديش ٻڳتي بي جسي،
ٻن نمڪ جئن طعام ۾ هرچيز 'ٻيوس' بـي چسي.

پورهيت

(١)

تو ڪٺي مان ڪيچ آٽي تنهنجو ساڃو همت شريف،
دستڪاريءَ ۾ دلاور آهـ جـو هنري حريف،
برڪتي ٻانهن سان تنهنجي زور تو پائي ضعيف،
تو پلي رب تي ربيع ۽ خون تي تنهنجي خريف،
زر زراعت مان اپائي پاڻ تـو بـي زر رهين،
بي گرهه بيگر ڌهين ۽ بي سمر، بي گهر رهين.

(٢)

واهـ واڇوڙي نه جوهيو تنهنجي لوهي جان کي،
بي دليو ڪانئر ڪرڻ جو ڪين دم طوفان کي،
نـاهه ٻسرو ٻن ڪان سياڻو تو عجب انسان کي،
تـو سگهي لوڏي نه گرمين جـو اٿو ايمان کي،
پل پگهر ٽمندو رهي يـا ڦڙ ڦڙو وسندو رهي،
منهن مگر هسندو رهي، هٿ هاج ۾ گسندو رهي.

(٤)

سانگ عرفي سان سٺيو گهر جو سڄو تو سلسلو،
پنهنجي محنت سان ڪيو آسان مشڪل معاملو،
ڪنهن به چشڪي تي ڇُري تنهنجو نه ٿيو چت چلولو،
نت رهي اڻ جيت ٿو تنهنجي قناعت جو قلعو،
من رسيو تنهن چوٽ تي پهچي نه جت ڪا ريس ٿي،
تو رَ گهرجن تي ڪري آسودگي آسيس ٿي.

(٥)

تون پهڻ ڀوئين ٿي رستن جاءِ ٽاڪين تي ٽڪر،
تي حمالڻ بار ڍوئڻ لاءِ رهين نت منتظر،
ڪارخانن ۾ وهائين صبر سان پنهنجو پگهر،
سهن شڪتيءَ تي مگر هرگز نه، ٿيو اُلٽو اثر،
حسن جي حالت ۾ ٻڌين بد نگاهن جو نشان،
پر ڪئين بي داغ دامن عرش جي عصمت سمان؛

(٦)

زندگيءَ جي اوُچ طبقن ۾ نه، ٿيو تنهنجو گذر،
ڪنهن به اعليٰ شخصيت جو ٿيو نه تعليمي اثر،
پر پرايو خود حياتيءَ مان تو حيرت جو هنر،
ٿيو سکيو سنسار ۾ تو لاءِ سختين جو سفر،
آهين 'بيوس' ءِ نماڻي او مزورڻ استري!
پر پريکيا وقت جيڪس آهين پورڻ استري!!

مزورُ

(۱)

خلق خود آهي مزورَ تنهنجي نالي تي نهال،
آدرش جيوت ۾ تنهنجي جوت، جلوو ۽ جمال،
تنهنجي هر ڪنهن ڪارنامي ۾ ٻکي قدرت ڪمال،
پر نه پورهيت! آهه توکي پنهنجي خوبين جو خيال،
ڪم گهڻو، ڏيکاءُ ٿورو، ريت هيءَ تنهنجي انوپ،
قائلن ميرن لٽن ۾ آهين ڀڪتيءَ جو سروپ.

(۲)

مــر، ڳگهر، ليڙن لٽن ۾ ڳران ڀت توکي وڻيو،
نيچ، پورهيت ۽ نماڻو مـور مستڪ جو مٽيو،
اُٺيو سٺيو، سادو سودو، ياءُ ڀيو جيڪي ڀٽيو،
رات ڏينهن پنهنجي ڳهڻ کي تو نه ڳڻتيءَ سان ڳٽيو،
تنهنجي هن شڌ ڀاونا مان تو ٻتي راحت وٺي،
تنهنجي خوش چهري مجهان تازي تکي طاقت وٺي.

(۳)

ٿيو غريبيءَ ۾ نـــ گهڻ اولاد جـــو توتي اثر،
شوق وَس تي ڪين چاهين پيت پيدا تي پٽر،
پنهنجي ڇاتيءَ تـي نپائين لاڏ مان لخت جگر،
تات تنهنجي ڪان رهي جو ست پرُوَ، سوکو سبر،
سخت مشغوليءَ ۾ پڻ اولاد پالڻ ٻـار نـاهه.
ڪا ٻه دائي يـا دوائي يـا مدد درڪار نـاهه.

(۴)

وقت جي هر ڪا گهڙي سون جي جهرڪيءَ جي مثال،
عرش تان اُڏري اچي تنهنجي هٿن تي، تون سنڀال،
پيڙ مٿ بند ڪري جهل، نه ڪرين عين ڪمال،
ورنه واپس سا اُڏي ويندي، هٿي ڏک جي ڏمال،
پنهنجي غلطيءَ کان سنل ڏک جو نه آهي ڪو طبيب،
وقت- قاتل ٿي بڻئين هاءِ! حماقت ڪان غريب.

(۵)

ڪوڪي جيوت جا مليا ڏينهن ٻه ٽي ڳاڻ ڳڻيا،
سي ٻه سستيءَ جي هٿان سر جي مٿان بار بڻيا،
ڪاهلي - ڪوڙ وڻيا، موٽي نه محنت جا وٽيا،
ڪين دنيا مان ڏٺيا هاج جي هيري جا مٽيا،
هاءِ! بيڪاري ڪٽي پنهنجي تو همدرد حبيب،
وقت- قاتل ٿي بڻئين هاءِ! حماقت ڪان غريب.

(۶)

وقت جي ڪاڻ ٿي چنجُور جو چستيءَ جو هٽي،
لعل اقبال ۽ خوشحال جا ڪوٽي سو ڪٽي،
اهڙي اسرار سان 'بيوس' تو گدا شاه بڻي،
لال جيجل جي جٽي گريب مان اهڙو ڪو جٽي،
وقت، ساٿي جو حياتيءَ جو، سو تنهنجو ٿيو رقيب،
وقت- قاتل ٿي بڻئين هاءِ! حماقت ڪان غريب.

وَقت قاتل

(۱)

تخت شاهيءَ تان جڏهن شاه زمان ڏاڻ ڏنا،
وقت سلطان تي پنهنجن کي سڏي پاڻ ڏنا.
مانَ دولت جا ۽ عهدن جا مٽي ماڻ ڏنا،
سي ڀيا جن تي لياقت جا کي اُهڃاڻ ڏنا،
تڏهن غفلت جي غفا ۾ هو ستل تنهنجو نصيب،
وقت-قاتل تي ٻٽيين هاءِ! حماقت کان غريب.

(۲)

پوه گنگا ۾ گهڙي سورج اشنان ڪيو،
نُوُر توري ۾ تري تنهن تي طلا دان ڪيو،
سون مهرن جو تي آڪاس مان باران ڪيو،
روز روشن جي بلنديءَ تان تي اعلان ڪيو،
تون تڏهن پڻ هٿين اکين هوندي انڌائپ ۾ عجيب،
وقت-قاتل تي ٻٽيين هاءِ! حماقت کان غريب.

(۳)

گوش جي ڍهل تي گهڙيال ڌمالو تي هنيون،
ڏينهن ڏينهن تي لنگهيا، راتيون تي راتين تي ويون،
مفت مندون تي مٽيون، مفت رُتيوُن آيون نيون،
بال، جوين جون وهيون، پيسجي پرزا تي پيون،
آيو آخر ۾ 'پڻ پيش'، جو پيغام قريب،
وقت-قاتل تي ٻٽيين هاءِ! حماقت کان غريب.

(۴)

قوُل قل سان ڇلڪندڙ ڏس پرتوي هيءَ پيٽ پال،
جت ٻٽي ڪڪڙي، ڪجهي، اُت ڪوٽ ڪي ڪهڙي مجال،
توڪان ٿـي شايد اٿيو مشڪل - گذاري جـو سوال،
تنهنجي خود غرضيءَ ڪئي جيوت جڳ عيوض جنجال،
لوڙ ڪان وڌ ڪوڙ ڪي سوڙهو ڪيو تو سوڙهه سان،
سرسٽيءَ سهسين سٽيمي، گهرج لوهي لوڙهه سان.

(۵)

ڪرم يوگي ٿي نه تو خود ڪرم جـي قدرت ڏني،
ٿيل ٿڪاوٽ ڪان نـه آرام وٺي، فرحت ڏني،
ڪٿن بصر ٻـک ۾ منا ماڻي نـه سـا لذت ڏني،
تند رستيءَ جـي نـه سالم تند جـي نعمت ڏني،
جي رسي مزدور 'بيوس' ڪنهن وڏيري راج تي،
هوند ڀرين پـوُر اُتـرا ڪند تـي تـوکـي چڏي.

شاهوڪار

(۱)

لال ٿيو تنهنجو دوشالو ڪنهنجي لوهو ڇاڻ مان؟
خون دل ڪنهنجو ٻڪي ٿو تنهنجي ڳل ڳاڙهاڻ مان؟
آه تر داماڻ عشرت ڪنهنجي اڪ آلاڻ مان؟
ساز راحت جو وڄي ٿو ڪنهنجي تنتن تاڻ مان؟
ڪنهن ڪيو تو نر مڪي ڪي مفت ڪائڻ مالدار؟
آه سا غافل غريبي شرم، شامت جو شڪار.

(۲)

ڪئن نه رت چوسي ڄور ڪي لوڪ پيو 'سائين' سڏي،
خون ڪئنجي جو ڪري دردي دليون خالي ڇڏي،
خون جي سرخيءَ سان ڇن هيٺين هڏين وارو ڳڏي،
شيش محلون شهر جون تو رشوتي رازو اڏي،
آه پٿر دل جو شاهد فرد پٿر جاء جو،
سوز سر سر ۾ سمايل سرد سر جي واء جو.

(۳)

طمع هڙ هڙ پڙ سبب ڪنگال ڪيءَ قرضدار،
تنهنجي مسواڙي محبت تي آپايا بي دڻار،
فاحشي عشرت جي عادت سان وڌايءَ هر وڪار،
تنهنجي ٺهڪن تي هزارين چشم آهن اشڪبار،
رڄئن وڌيو ڌن، مال، رتبو شان شاهوڪار جو،
تئن وڌيو دنيا ۾ باعث زار جي آزار جو.

(۴)

قُوُل قل سان ڇلڪندڙ ڏس پرتوي هيءَ پيت پال،
جت ٻڌي ڪڪڙي، ڪجي، اُس ڪوت کي کهڙي مجال،
توکان ئي شايد اُتيو مشڪل - گذاري جو سوال،
تنهنجي خود غرضيءَ ڪئي جيوت جڙط عيوض جنجال،
لوڙ کان وڌ ڪوڙ کي سوڙهو ڪيو تو سوڙهه سان،
سرسٽيءَ سهسين سٽيمي، گهرج لوهي لوڙهه سان.

(۵)

ڪرم يوگي ٿي نہ تو خود ڪرم جي قدرت ڏني،
ٿيل ٿڪاوت کان نہ ساهين لوني، فرحت ڏني،
ڪٿن بصر بک ۾ مٺا ماڻي نہ سا لذت ڏني،
تند رستيءَ جي نہ سالم تند جي نعمت ڏني،
جي رسي مزدور 'بيوس' ڪنهن وڏيري راڄ تي،
هوند پهرين پوُر اُترا ڪند تي توکي ڇڏي.

شاهوڪار

(١)

لال ٿيو تنهنجو دوشالو ڪنهنجي لوهو چاڻ مان؟
خون دل ڪنهنجو بکي تو تنهنجي ڳل ڳاڙهاڻ مان؟
آه تو داماڻ عشرت ڪنهنجي اک آلاڻ مان؟
ساز راحت جو وڄي تو ڪنهنجي تنتن تاڻ مان؟
ڪنهن ڪيو تو نر مکي کي مفت ڪاٺو مالدار؟
آه سا غافل غريبي شرم، شامت جو شڪار.

(٢)

ڪنهن نه رت چوسي جورکي لوڪ پيو 'سائين' سڏي،
خون ڪنهنجي جو کري دردي دليون خالي ڇڏي،
خون جي سرخيءَ سان ڇو هيٺين هڏين وار وڳڏي،
شيش محلون شهر جون تو رشوتي رازو اڏي،
آه پٿر دل جو شاهد فرد پڻ جاء جو،
سوز سر سر ۾ سمايل سرد سُر جي واء جو.

(٣)

لالچ طمع هرڙ هرڙ پئُو سبب ڪنگال ڪيءَ قرضدار،
تنهنجي مسواڙي محبت تي اپايا بي دتار،
فاحشي عشرت جي عادت سان وڌايءَ هر وڪار،
تنهنجي ٺهڪن تي هزارين چشم آهن اشڪبار،
رجئن وڌيو ڌن، مال، رتبو شان شاهوڪار جو،
تئن وڌيو دنيا ۾ باعث زار جي آزار جو.

اُلٽي آس

(١)

جي آس جي توکي آهي ڏرڪار عمارت،
آ، ماڪ جي بوندن تي ڏريل، يار! عمارت،
ڪر وهم ۽ ويچار کي معمار عمارت،
ڪر ترت سا طومار مان تيار عمارت،
موليءَ جان پريان پيو بکي ڪئن آب جو قطرو،
ڏاري نه ڏرو تابش جو خوف ۽ خطرو.

(٢)

نائي جا ڳڏي ڪوڙ وڏو لاهه دڙو ڪو،
ان ڪوڙ مٿان ٺڪوڙ ڪٺي جسم جو بوتو،
ڏس موج مڃهان اوڄ ۽ اقبال جو ڦوٽو،
اوڏو نه اچي شال ڪو هن چوٽ تي لوڏو،
ٿر خون غريبن سان مگر خوب ٽلهو ڪر،
ٽاري تون بلا سر جي پلي دوڙ ٽلهو ڪر!

(٣)

ٻگ پوش جي چمڙي جو تہ فولاد مٿي ڪر،
ٻو پيٽ جو گگدام جي گردن کي ڪٽي ڪر،
هر روز گهٽا ٽي نہ سگهن، ڏوهه بہ ٽي ڪر،
سائو تون شجر شوق جو پاڙن کي پٽي ڪر،
رک آهه سنديءَ باهه جي پرواهه نہ ڪائي،
سک-راهه ڏي بي آهه ادا، واهه نہ ڪائي.

ٻي دل ڏن ڏٺي

پاڻ لاءِ جو گڏ ڪيو مون تنهن ڪيو جڳ کان جدا،
منهنجي مان منهنجي اکين لئي ڪيپ جا ڪوپا چڙهيا.
تو سٺيءَ جي پاڪڙي مان تي سگهي اٿ جو گذر،
پر نہ جنت جي ٻنهي مان ڏن - ڏٺي ٻي دل لنگهيا.
٢- جنهن لئي تو قبضو ڪجي سونپي ڦري تو قيد ٿيي،
ڪئن ڇٽي سوڙهيءَ ڳچيءَ مان ٻند مُٺ پيڙيل پلا.
٣- منهنجي مالي لئي وجهي منهنجي حقيقت لئي حدون،
منهنجي پونجيءَ مان ڏسي منهنجي ڏبيد پيرن ۾ پيا.
٤- تو ڏسي ڏيندڙ ڏيڻ ۾ جا خوشي ڏاتار جي،
مامتا سان ميڙ وارن ڪين ماڻي مرج سا.
٥- سو جدائيءَ جو جيابو ڪئن جاڻ ڏاران رهي،
جنهن جيابي جي مٿان آپي سياڻپي جي سزا.
٦- دل ٽٽل سا ڪئن تري جا ٽي بيائيءَ ۾ ٻري،
آهه روحاني مٿي جو راز پورن ايڪتا.
٧- ڪر خوديءَ ۾ خال پيدا پر پوتر پريم سان،
ڏن آهه ان نعمت برابر عرش جي نعمت نہ ڪا.
٨- پاءِ پاڪر عام سان جي خاص سان خلوت گهرين،
پاڻ پالڻ جي ٻچاڙي آهه خواري ۾ سدا.
٩- سرت جو سرمو وجهين جي اند واري ڏند ۾،
هوند هر ڪنهن چيز ۾ سدائيم پسين سا ڳيو صفا.
١٠- آهه ڏن پر دل نہ آهي، آه دل پر ناهه ڏن،
چور چئبو ڪٿ سچا ٿيا، پور ڪٿ 'بيوس' سچا.

قرباني

ڏيڻ سان ٿو ٿئي حاصل، عجائب ڪار قرباني،
لياقت ئــي سچو پــوڄــڻ، عجب اسرار قرباني.

١- اڪالي ڪال ۾ ڪرتا ڏئــي آنند مان اُڇلون،
پرت رنگ سان رڱي رنگين سڱيءَ سنسار قرباني.

٢- مزي جو سارُ اي سائين اُپاري اَنگ تنهنجي ۾،
ڏيڻ سان پــاڻ پلپل ۾ ڪرين ڪرتــار قرباني.

٣- رجائي جانِ ڏُکَ لَوَلي پچائي پاڻ کي وت لئي،
انڌهن ٿي موم روشن ٿئي ڪري هروار قرباني.

٤- سڙي سرهاڻ سر ڪنبڻ ڏئي، ڪمند ٿو پيڙ جي ڪنبڻ ڏئي،
گسي تلوار چمڪو ڏئي، عجب اظهار قرباني.

٥- ڪڏي خورشيد خاڪيءَ مان ڪري باقي فنا کي ٿي،
مدبر ملڪ جا جــوڌا ڪري نروار قرباني.

٦- ممت سان آتما ماري هليا ڪانئر ڪٿين هاري،
سچي تن سوب پائي جن ڪئي اختيار قرباني.

٧- ڪچو ميوو زبردستي چنڻ سان شاخ ٿو ڇيهي،
پچائي خــود ڪِرڻ جهڙو ڪري تيار قرباني.

٨- منارا ملڪ جا اُوچا چڙهي چوٽين مٿان تن جي،
پڪاري نــو نهالن کي ڪري گجڪار قرباني.

٩- حياتي اَڻ سهڻ جهڙي لڳي آپي جي دنيا ۾،
هزارن ۾ لکن جــو پــر سهائي بــار قرباني.

١٠- پلائي پوُن اندر آپو هنئي ٻج خاڪ ۾ هستي،
سلو ٻڻجي سگهيو 'بيوس' ڏئي ديدار قرباني.

---

(۴)

'بيوس' جي طرح سمجهي تون وڃ ڏرمجود لڳو،
ٻڪ ڄاڻ تہ ٿل چڊر سان ئـي لوڪ کي ڇلبو،
غمناڪ ڪري ڇاق، هتان هاڪ سـان هلبو،
شهراه ڇـڏي ٻـاڻ، ڏنـگو ڏيهہ ڪـي سلبو،
قائم تــو رهـي ٻـاڻ پنيان يونـگ بهانــو!
ڇـو نوم تجي ٻـاڻ، جـي ظالم ٿئي زمانو؟

پوڃا مندر

منهنجو مـنـدر بـہ أتـــي درد سندو جت ديرو،
درد جنهن جاء ڦري، منهنجو أتـــي ئـــي ڦيرو.

۱- ڇرڪ ماري مـــان متيءِ نـنڊ مـــان اڌ رات أٿان،
ٻوڙي أت جلد پڇان درد جـــو جنهن جـــاء پيرو.

۲- جي هي هڏ، ماس بہ ڪم عام جي خدمت ۾ اچي،
ڇـــونـــہ ڪوري ۽ کپي ماس ڏيـان ڇـــو ڦيرو.

۳- سوز جيم آه تنا ڪـــان جـــا جلڻ دل نـــہ لـڳي،
ٿـــيــو شرف انجـو پهڻ ڪـــان نـــہ ذرو سرسيرو.

۴- ٻـــاڻ آڪاس ۾ شـــيـــوا جـــي أڏايـــان اهـــڙو،
مثل عنقا نـــہ لـــيـــي منهنجو ڪـــٿـــي آکيرو.

۵- طبع همدرد جـــو ايڏو تـــہ ڪشادو پـــڙ ٿـــئـــي،
جنهنجو هـــر جاء ٿي مرڪز، نـــہ مگر ڪٿ گهيرو.

۶- سادگي ساڻ، سچائيءَ سان اي 'بيوس' چمڪي،
دل ڪنول ڪنهن بہ منداثيءَ سان نہ ٿئي شل ميرو.

ساز هندي

(ٽٽل تار ۽ اُجهاڻيل جوت)

قوم هندي ساز هو هر راڳ سان ميلاپ ۾،
تار هر دل جي وڳي ٿي ايڪتا آلاپ ۾.
شاد هئي هر جنس پنهنجي خوش گلي جي راڳ ۾،
ساز ۽ آواز جو ميلاپ هو خوش ڀاڳ ۾.

٢- فخر هو هر جنس کي هن ايڪتا جي ساز تي،
قوميت جي جوت روشن ٿي جڳي هن راز تي.

٣- مسجد ۽ مندر ۾ ساڳي ٿي اکنڊ جوتي جڳي،
جنهن جي چمڪي ٿي انڌاري دُور ڀارت کان ڀڳي.

٤- بدنصيبان تاڻ ٿي هن ايڪتا جي تار ٿي،
معاملو مذهب جو ڀڃڻو نيٺ فرقيوار ٿي.

٥- مختلف ڇڪ تاڻ ٽوڙيو ايڪتا جي تار کي،
وِئي وسامي جوت پڻ وارو مليو انڌڪار کي.

٦- ساز جو آواز ويو، ميلاپ جو آلاپ ويو،
۽ انڌاري جي اڳيان ونجوڻ جو ورلاپ ٿيو.

٧- گهر سگهڙ ٿي ويو اُجڙ، ٻي جوت جيوت لاٽ آهه،
ڇهڇٽو چمڪو جتي، اُت رات ڪاري ٻاٽ آهه.

٨- تار پڻ موجود آهي، تيل پڻ ڀرپور آهي،
ٿي جڳڻ لاءِ جوت تڙپي، منتظر تنبُور آهي.

٩- شل وڃي سا تار ٻِهر، شل وري جوتي ٻري،
شل اِها ونجوڻ واري آپدا 'بيوس' ٽري.

آس

"هَلُ هَلان" جيئڻ سفر ۾ ماڳ، منزل جي ٻٽي،
ٿي هلي هيڻو مسافر هر هنڌان اُٿي هنڌ ڪٽي.

۱- تنهنجي سپنن ۾ سمايل آرزو انسان جي،
تنهنجي گوديءَ ۾ نپايل چاهه، جي چنتامڻي.

۲- تو پنيان تارو سڄي بادل پرئي آڪاس ۾،
پيٽ - پٿر ۾ به جيڪس ٿي سڄي پارس مڻي.

۳- تنهنجي چمڪي تي چريو شايد چڙهي آڪاس تي،
پر چريائي سا جتي چوٽي ڪري آشا ڏٽي.

۴- آس، سا آهي اجالو ٿي سگهي سک-درشٽي ڪري،
جا ڏکيرا سور ڪائيندي نراسائيءَ جڻي.

۵- جنن رهي محڪم ارادو ءِ اچا شڪتي اَڏول،
لئن تي نڪري آس، نراشا جي پردن مان ڇٽي.

۶- هڻ هڻ، پٽ ڪوهه ۾ جئڙو رکي هيءَ آس تي،
جس جڻ مان تنهنڪري ءِ تنهنڪري دنيا وٽي.

۷- ليسين لهرين جي ليپڻ ڪندي ترهو لڙي،
جيسين سالم آهه، اُنجي آس اولي جي اَٽي.

۸- ڪرم جي ميدان تي ڪر آس جو گهوڙو پرو،
ڪوپ تن تي ڪرم جو جن عيوضي جي ڳڻ ڳڻي.

۹- مون نديءَ کي شانت-ساگر ڏي وني هل آس تون،
هن سگهڙ گهر مان اَگهر گهر ۾ پچائج سانڍي.

۱۰- آس جي ٻاٽ تي اَڏيل 'ديوس' ڪري جو ڪوٽ تو،
دل ۾ تو پيدا ڪري ڪيڏي نه گهبراهٽ گهٽي!

اِسٽري

ذات وحدت کي اچي جو شوق ٿيو اظهار جو،
حسن هر ڪائنات ۾ ڦهليو ٻاڻ چولو نار جو.

١- پرش پرڪرتي ٿهي ذاتي ۽ صفاتي مان ويا،
ٿيو تماشو ترت جاري ڏيڻ ۽ ديدار جو.

٢- ٿي نسيمي هير جاري محبتي مکڙيون ٽڙيون،
وصل جو وارو ورِيو ٿيو سلسلو سنسار جو.

٣- پلڙي ۾ پيو پرش جو پيهو زياده هڪ طرف،
ٿيو خزانو من زنانو عشق جي اسرار جو.

٤- سونهن جي سوني مٽي ۾ مرم جو موتي جڙيو،
ڪم نهاڪتدار ٿي ويو وصل جي وينجهار جو.

٥- ٿيو مخالف جهد جاري زور جو ۽ زار جو،
معاملو مشڪل مچي ويو سوڀ جو ۽ هار جو.

٦- هڪ نظر جي چوٽ ڪبريا ڪوٽ ڀڳتي گيان جا،
زور ٻر- جرمن ڪان زياده حسن جي هٿيار جو.

٧- بد نظر جي باهه ڀڙڪي، پيو سنيا ساگر چلي،
هڪ لهر سان ولڙ لٿو، ٿيو تاءُ بس بدڪار جو.

٨- جيتڻجي پڻ ويو ڇتوري ڪوٽ جو اڻ جيت هو،
پر سنيا جي ڪوٽ پڊمڻ کي نه ٿيو ولگ وار جو.

٩- ڇا منڊائي ۽ کي مجال آهي ڇپر اُک جو ڪٽي،
لاب ٻجلي ۽ کان زياده تيج جي تلوار جو.

ناري

جنهن ۾ باڻ ۽ ٻرڻ جوڳ، تنهن تو بارود رهي،
آهه، اُن لاءِ اها جاءِ جا محدود رهي.

١- باڻ جڏهن سان ٻري، ٻاري ٿي جلوي سان سگهي،
يعني عابد ته ٿي رهي نار يا معبود رهي.

٢- تنهنجي زينت ته پوي ضابطو زيبا تو سدا،
خوشي گلي ۾ اُبي ته لڳ نار ٿي موجود رهي.

٣- جنهن نديءَ چاڙهه ۾ پئي قيد ڪنارو نه ٽپيو،
پيچ تنهنجي ٿي رتل ملڪ ته تو آسودو رهي.

٤- يا خريدل ٿي رهي، يا ته خريدار رهي،
ساٿي جيون جو ته اياز يا محمود رهي.

٥- جسم لڪڙي ٿي جاي، طعام رڌڻ ٿي تون ليار
توڙي تئي آگ پسر، باقي وڃي دود رهي!

٦- گرپ ۽ گسود گلن ساڻ سنوارين ته سمو،
باغ دنيا تو سوا نيست ۽ نابود رهي!

٧- زالڻا! پوري اگر زور ته پنهنجي تون اڇين،
قوم ۾ هوند ڪئي مرد نه مردود رهي.

٨- پاڻ پڪنيءَ سان پريل تو ۾ ڪلا ڪا 'بيوس'،
جنهنجي تشبيهه ۾ بي پيت ٿي بيسود رهي.

گل

پاڪ نوراني نظر ۾ ڇا نزاڪت گل جي،
سونهن سوڀيا ۾ سوائي سدا صورت گل جي.

١- ناز مان جنهن تي اچي ڪوئي ڪي ڪولڙا نسيم،
ٿي ڀري ڪيس ۾ خوشبوءِ سان خصالت گل جي.

٢- مک ماکيءَ ڪي، ڀنور، پوپٽ ۽ بلبل ڪي،
باغ عشرت ۾ ڪليءَ دل سان ٿي دعوت گل جي.

٣- جي نه مائل ٿو محبت تي ڪري حسن غرور،
ڇاڪون بلبل کي رهي خاص ضرورت گل جي؟

٤- داغ لالا جي دلين تي جي ڏنو، ڀنور ڏنو،
نقش پوپٽ جي پرن تي ٻٽي مورت گل جي.

٥- حسن جي آئيني ۾ عڪس حقيقي گل جو،
آهه ديدار ۾ ئي رونق رنگت گل جي.

٦- ٻره بوندون ٿو هٽي جوش ڪان جَلُ هلچل ۾،
واهه چشمي جي ڪناري تي ڪرامت گل جي.

٧- ناهه هرڪنهن جي نصيبن ۾ نه جلوو ۽ جمال،
حسن جي ذات ڏني خاص تي برڪت گل جي.

٨- لوهه لوهي کي ڏيڏي، پر نه ڇني گل گل کي،
تنهن مان پڌري آهي دنيا ۾ نزاڪت گل جي.

٩- ڪوش ڪندڙ کان جا گلچين کي تڪليف رسي،
سا ميسر لئي ڪري موج ۽ راحت گل جي.

١٠- اِسترِيءَ جــي گيت جڏ ھــن ۾ گھڻو اونھو اَثــر،
تي ڪيڏي دل جي صدف مان موتي نت ويچار جو.

١١- ڏيھ جا روشن ڏيــا تي پاڻ مان ٻرگھت ڪري،
تي اندارو گم ڪري اَگيان جـــي اَنڌڪار جـــو.

١٢- پريم- جل اُوجل مٿان نرمل ڪنول جـو گل رھي،
دل پيل مان واس ڏئي نت حبّ جي ھمڪار جو.

١٣- گريونتي گرپ ۾ ڏاري پتيءَ جـــي مـــورتـــي،
ڏس پتا سان تـو ماي اَڪثر مھانڊو ٻــار جـــو.

١٤- قـــرب ســـان قربان گھ ۾ جان تي گھوريو گھمي،
جس پريو اُنجو جيڻ 'بيوس' سدا اُپڪار جـــو.

نيٺ

شعر بيوس ۾ هوا ڏي مون مکڙ ـ ماڙي اَڏي،
ڪئن سگهي اپ کي ڪيئي هڪ ٽنگ ماڪوڙي جڏي.

١- ڏار ميٺاني مٿي ٻمان بوند پيئي ناهي نصيب،
ڇا ٻہ آهين، ڇو ٻہ آهين مون پڇر تهنجي ڇڏي.

٢- ڇا ڪلاونتي ڪلا آهي ڪلا ساگر اڳيان،
ڪئن اَڏي ٻي انت ۾ گيتن ڳُڏي گونڌر ڳڏي.

٣- ٻي زبانَ ۽ ٻي بيان ۽ ٻي ڳُڏي ڳُمگي پلي،
ڳڻ ڳڳن گنڀيرتا ۾ ڪئن وڃي والين وڏي.

٤- ٿو پوي پرلاءُ ڪن ٿي ڪنهن اڳمپور گيت مان،
ڪل پوي ٿي ڪين ڪا ڪئن سڏي ڪنهن ڪنهن سڏي.

٥- در ڏسي داتار تهنجي ڀال برڪت جو ڪليو،
آس جي آڌار آئي ۽ مون مڏي لالن! لڏي.

٦- عالم بالا ۾ اعلي تخت نوراني ۽ اڳيان،
ڪئن پڏي وهندس وڃائي ڇيت ڇيتون تيل لڏي.

٧- پوير پاٿر دل نہ آهي پيٺ ڇا '**بيوس**' رکان؟
ڪئن حضوري ۾ هلي ٻي خاڪ مٿ هيٺي هڏي.

١٠- گل چمڪ ساڻ، لبن سان تو ملي گل قند ٿئي،
چاش چپ ساڻ ٿئي لالاڻ ملاوت گل جي.

١١- صاف سيني سان سڄڻ تنهنجي، جڏهن گل گڏ ٿيو،
مان نه سمجهان ته تڏهن ٿيندي قيامت گل جي.

١٢- شان ۽ شرم رکڻ لاءِ فنا هستي ڪندو،
جي بگاڙيندو هٿن ساڻ ڪو عصمت گل جي.

١٣- سر وڪامي سر بازار تو يوسف گل جو،
دل زليخا ري ڪندو ڪير بيو قيمت گل جي؟

١٤- تو گلي هار بڻڻ لاءِ سهي سوز سڄ،
اي جفاڪش! تون ذرا جاچ نه جرائت گل جي.

١٥- تاج شاهيءَ تي ڪندو آهه رسيو گل گڏجي،
ٿي ڪري مشڪ مٽيءَ ڪي نه محبت گل جي.

١٦- هو گهڻو خيال مگر ڪين ڪلي ڪين ڪلي،
شعر ۾ 'بيوس' ناقص ڪيان حقيقت گل جي.

هاء هاري!

(۱)

تنهنجي تصوير منجهان قوم جو ڪنياءُ ٻڪي،
تنهنجي فرياد مان بيداد جو ورتاءُ ٻڪي،
تنهنجي بد حال منجهان عام جو ايذاءُ ٻڪي،
مان تنهنجي مان غضبناڪ ٿو غوغاءُ ٻڪي،
جان جند پنهنجي جفائن ۾ پڳهاري ڳاري،
تہ بہ دلاور ٿي اچا دل نہ ٿو هاري، هاري!

(۲)

ٿي اُڀو اونڌو ٿو روئين ۾ ڪٽي چيلهہ ڪٻي،
پير پاڻيءَ ۾ ٿبيا، جان پسيني ۾ ٿبي،
زندگي تنهنجي غلاظت جي لپائن ۾ لبي،
جسم کي صاف ڪرڻ لاءِ نہ صابڻ نہ سبي،
موذي مرض ۾ پئي موت جو سولو ٿين شڪار،
ٿيو سقيميءَ جي سبب تو ۾ دوائن لءِ ڏڪار.

(۳)

تو ڏنا پوکي گهڻا، پر نہ ڪنيا قوت ڪٽا،
جي رڌا ها نہ رجهڻ جا، سي چٻيا سخت چٽا،
تنهنجي گندين ۾ گهڙڻ لاءِ گُهٽائي هئا گهٽا،
مال ڪاڄي ويو، رهيا باقي تهن جا ڪي ڪٽا،
جنهنجي رت سان ڳڙيو رٻيع، خون سان پلجي ٿو خريف،
هاءِ! بي قوت رهي پاڻ سو هنري ۽ حريف.

آنند ڌام

تون سگهين آنند کي آنند تون توکي سگهي،
تون چکين آنند کي آنند تون توکي چکي.

١- جو به آهي جت به آهي آهي تب آنند ۾،
مُکت ۾ مُکتي رهي تي بند آهي بند ۾.

٢- عشق، اوني ڪان ڇٽو آنند جي ليلا رچي،
آهه جو رچنا-رهت سو ڪين اوني ۾ اچي.

٣- ڪابه تيزي ناهه هن آنند جي هٿيار ۾،
ڪاٽ جو جوهر نه آهي ڪوبه انهي ڌار ۾.

٤- وِس وسئن ۾ آهه بي آنند جي پومي نه ڪا،
ٿيا پلا آهن ڪڏهن ڪي وڻ پڪا ميوا ڪچا؟

٥- ڪوبه سر بي تال ناهي هن سريلي ساز ۾،
آهه ڳائيندڙ به ساٿي راڳ جي آواز ۾.

٦- رنگ ۾ ڪو روپ ناهي، روپ ۾ ڪو رنگ ناهه،
رنگ جنهن سان دنگ ٿئي اهڙو ڪٿي ڪو دنگ ناهه.

٧- جوت ۾ جيوت ڪسي بي جوت جيوت ٿئي نٿي،
نت سنهه روشن نگر مان جوت جيوت سان لٿي.

٨- ويو هايو ميلاپ وارو وقت 'بيوس' چاهه ۾،
وصل تاريل تر تڏو، وهمي وڇوڙي باهه ۾.

گانڌي

(١٩٤٥ ع)

سمليءَ جي اوُچائيءَ وارو اوُچو تنهنجو شان، گانڌي،
چوٽ بلنديءَ تي ڦهڪايو ڪانگريس نيشان گانڌي!

١- مذهب، فرقو رهيو نه ڪوئي تنهنجي دل ڪشاديءَ ۾،
ماپي ويو ماپي ۾ تنهنجي سارو هندستان، گانڌي!

٢- قوميت جي پُورنتا جي تو جيڪا تصوير ڪڍي،
پيدا بنا هو ڀارت تنهن ۾ جڻ هڪڙو انسان گانڌي!

٣- توڙي تور تارازيءَ ۾ تي خاص اٽل هڪ پاسي تي،
نه به تو ليکيو ڪين عدد ۾ هندو مسلمان، گانڌي!

٤- راشٽرپت مولانا جو تو پورو پد نروار ڪيو،
ڪانگريس لاءِ ڪافي ڄاتو تو انجو فرمان، گانڌي!

٥- ديس جي دردي حالت دل تي اهڙو اونهو نقش چٽيو!
توڙي آچ نه آشا واري، نه به نه ڏنو تو ڌيان، گانڌي!

٦- الڳ الڳ جنهن قومي جيون جنگين جو ايڪاڪ ڪيو،
سا ڄڳ-جيون شڌ گنگا ۾ نيت ڪندي اِشنان، گانڌي!

٧- پاٺهي دنيا هارڻ مڃيندي اهنسا انمول اصول،
ائٽامڪ بم گولي سان نه نه پرلئه جو سامان، گانڌي!

٨- اُٺي ڪي ڇيرڪي شڪتي نڪتي 'بيوس' بندن ڪاٽڻ لاءِ،
وقت نئين جي ڪوش نئين ۾ خاص 'غلامي' ڪان، گانڌي!

---

(۴)

پهچ تنهنجي کان زميندار سدا آهه پري،
ووٽ بيگر جي سمي ياد وڏيرو نوڪري،
چو ته ان وقت سندس نوڪان سواءِ ٿي نه سري،
ڪم نپائڻ لاءِ ڪنيو نوڪي دلاسن سان پري،
پنهنجي طاقت جو ذرو ماڻ نه هاري نوڪي،
فرض پالين تو، حق ڄاڻ نه هاري نوڪي!

(٥)

گهور اونده جي بنا پيٽ ۾ پرڪاش ٿوسي،
سخت بت سوڙهه، ٿي طوفان جو امڪان ڏسي،
درد، حد پنهنجي لنگهي، روپ شفا جو تو پسي،
خاص 'بيوس' ٿي ڳجهو دست توقدرت جو رسي،
تو لاءِ آڪاس منجهان گرجندا بادل تا اچن،
مهر جو مينهن ڪنيو پرجندا بادل تا اچن!

سابرمتيءَ جو سنت

(١)

ٽيهه ڪروڙين هندواسين ٻي زبانن جي زبان،
تنهنجي خاموشي بڻائي تيز طوفاني بيان،
مرڪ ۾ تنهنجي سمايل سرس دردي داستان،
تنهنجي پيشانيءَ منجهان ثابت سچائيءَ جو نشان،
پاڻ ئي پرڪيا وٺي پوءِ ڪي ٻه ڪِهڻيءَ سان ڪهين،
سو چوڻ چاهين نه ٻئي کي جو نه خود رهڻيءَ رهين.

(٢)

ويٺ قرباني مندر ۾ درد جي ديويءَ اڳيان،
جا نه جا پيتا ڏري تو شوق ۽ شرڌا منجهان،
دل، دماغ ۽ ٻل، ٻڌي، جند جان چاڙهيءَ چاه سان،
مال ملڪيت ۽ ڪٽنب پروار ملڪي پيار تان،
آدرش اوڏو اَمل هيرو حياتيءَ جو رکي،
سور سيجا تان شهادت جي مٺي ماکي چکي.

(٣)

تو جڏهن جاچيو غلاميءَ جي منجهيل تصوير کي،
ڪارگر جاتو نه کي شمشير يا تقرير کي،
مات سان ميٽڻ گهريو تدبير سان تقدير کي،
رمز سان ٽوڙڻ گهريو هن ظلم جي زنجير کي،
زور جسماني ڇڏي، تو راز روحاني سليو،
۽ اهنسا جو نئون هٿيار حيراني سليو.

ڪوتاپڻي

(گرديو رابندرانات ٽاگور جي چرڻن ۾)

(ديھانت وقت ٧- آگسٽ ١٩٤١ع)

ماٺ ڪوتا آھ اڄ ڪوتاپڻيءَ جي شوڪ ۾،
وڄ وڇوڙي جي ڪري ۽ لھس آئي لوڪ ۾.

١- تار تي چلڪن ٿا جل ڌارا سان نيڻن جا نياڻ،
جڻ اُجھل برسات جو پاڻي اچي ٿو موڪ ۾.

٢- جنھنجي ھستيءَ کان مليو ھو ناز ھندستان کي،
سو پڌاري ويو جڳت پرسڌ ڪوي پرلوڪ ۾.

٣- ڪلڪتي ڪوڪات ڪيو دنيا ۾ ڀھڙي پار ويو،
موت جي پيغام سان ٻاڪار نڪتي ٻوڪ ۾.

٤- قول شرڌا جا ڌريون گرديو جي چرنن اڳيان،
آھ جن قولن ۾ دل ۽ دل ٻہ غم جي لوڪ ۾.

٥- مشرقي ۽ مغربي ٻگوڙھا ملي ھڪ ڌارَ ٿيا،
دل اُجھل اُٿلي تہ 'بيوس' ڪين ايندي روڪ ۾.

(۷)

پنهنجي آڳر جو اِشارو ڪر سنڀالي غور سان،
آهه هـــي تنهنجو اِشارو خاص غَضبي زور سان،
جي هلي ويو حڪم هيڪر ڪنهن مخالف طور سان،
هند ساڳر ۽ هماليه ٽڪرندا شهه شور ســان،
هن اشاري ڏي ڏسن ٿيون اڄ اکيون چاهت ڪروڙ،
هن اشاري لي ڪڇن ٻانهون سڄيون چاهت ڪروڙ.

(۸)

جنهنجي روُحاني رهڻت ۾ آهه 'بيوس' سادگي،
جنهنجي چهري جي چمڪ مان آهه تابان تازگي،
جنهنجي خلقت ۾ نه ڪنهن لاءِ نفرتي ناراضگي،
آهه تنهن سابرمتيءَ جي سنت جـــي آزادگي،
تاج آزادي گهري پارس پڪڙ تنهنجي هٿان،
آهه هندستان ڪـــي اڄ لاڄ لانگوٽي مٿان.

(۴)

مغربي دنيا رُني ٿي جنگ جون سختيون سهيو،
نير نيڻن مان وهيو ٿي، خون زخمن مان وهيو،
جن جتا ٿي جنگ کي پاڙان پٽڻ لاءِ پي پهيو،
اوچتو آواز هي ڪن ٿي اچي تن جو رهيو،
ڪاميابيءَ لاءِ ڪيهي خون هارڻ جو ضرور،
نيز توبن سان مرڻ جوءِ نه مارڻ جو ضرور".

(۵)

تو لکي لنهنجي لڏرڪ تي مٿان شمس و قمر،
لنهنجي هل چل تي ڦري ٿي خاص دنيا جي نظر،
آهه آئينده تي هن ٿي آزمودي جو اثر،
سوپ لنهنجي سهڪندڙ سنسار خاطر خوشخبر،
جنگجو فطرت جو ٽيڙو آهه ان مان خاتمو،
ڪاهه شاهي ڪين ڪٽندي خون ناحق جو ذمو.

(٦)

لنهنجي همّت جي اڳيان مشڪل نه پهچڻ ڪوه قاف،
لنهنجو خاموشي طريقو خونريزيءَ جي خلاف،
لنهنجي پاسي پريم ۽ پاڪيزگي، انصاف صاف،
لنهنجي سائين جي صفائي آهه شيشي کان شفاف،
ٿيو ثبوت لنهنجي ناه ڪنهن به خاص سان يا عام سان،
تو لڙين اعليٰ اُصولن تي سرشتي خام سان.

جاتي جهيڙو

چوٽ چاڙهي ٽي وڃي پهتو هي جاتي جهيڙو،
هو اڳي هند ۾ ٿيو هاڻ ولائتي جهيڙو.

١- ناهه ڀاڳي جي ڀاءِ لاءِ، نه سچي لاءِ سنو،
قوم قاتل جو بڻيو، ديشڪ گهاتي جهيڙو.

٢- جنهنکي ٽون پاڻ بچائڻ جو ٿو هٿيار چئين،
آهه خود تنهنجي ئي گردن تي سو ڪاتي جهيڙو.

٣- نقش مذهب ۾ پريل رنگ رياڪاريءَ جو،
آهه ذاتي نه ذرو صاف صفاتي جهيڙو.

٤- بحث بي معنيٰ ٿيو مُور نه منطق مان ٿوريو،
مفت مغز کي ڳسائڻ لاءِ روائتي جهيڙو.

٥- سي ٻه چاڙهيائون جهازن ۾ سٽي سوغاتون،
جن جي هٿي هند ۾ هروقت حياتي جهيڙو.

٦- ديس پائن جي رهيو خون جو پياسي جو اڃا،
آهه راڪاس - جگر، ديو جي چاتي جهيڙو.

٧- لوهه محفوظ ٿي جي پنهنجي تقاضا ۾ تمام،
چانديو، مگسي ٿي ڪجهي خوب قلاتي جهيڙو!!

٨- نيٺ 'بيوس' ٿي ٻڌوري سان سڀيءِ دنيا کي،
ڪٿن مچائي ٿا سگهن ديس جا پاتي جهيڙو!

وير ولائت ۾

مرڪندو مغرب ۾ پهتو لال لانگوٽيو لڪير،
ويو ڪري ديرو دلين ۾ پرڄڄي گانڌي فقير.

٢- مشرقي جادوگريءَ جي آلمڪ سوپيا ڏسي،
بارڙن جي دل بہ ٿي دام محبت ۾ اَسير.

٣- پيو مٿر سُرُ پُوربي مرليءَ جو پڇم ۾ پسند،
ٿيو نئون اُتساه ۽ جذبو دلين ۾ جائگير.

٣- جنهن جڳھ، ڪوچي ڳليءَ مان ٿيو ٿي گانڌيءَ جو گذر،
ٿيو عجب سنمان اُنجو ۽ نظارو بينظير.

۴- عيوضي آهي اَبوجهن ۽ اَڇوتن جو اول،
حق گهرو آهي حقيرن جو، سقيمن جو سفير.

٥- ڪابہ دل ڏاري نہ آهي، بند ناهي ڪوبہ در،
مارڻ ناهي ماپ جو ۽ ساڻ جي ناهي سرير.

٦- ٿو چٽائيءَ سان چئي پيغام، جو آيو ڪٽي،
ڪانگريسي گهر سندو پيو پير ۾ پختو زنجير.

٧- خاص وس وارن ڪان وڌ ٿو آس ڏاري عام ۾،
عام ۾ آڻط گهري ٿو روشني روشن ضمير.

٨- رنج خاني ڪان ڪڍي ڪنهن گنج خاني ۾ رسيو
ٽوڪبازن سان ٺهڪ ڏئي، خنده زن سان ڪنڌ ڪير.

٩- سخت چولي مار ساگر جالي جهڳڙي ۾ رهي،
آهہ اُونهيءَ دل ۾ آسائُو اڇا گانڌي گنڀير!

١٠- هو اڳي جو آسرو 'بيوس' ڦري سو ٿيو يقين،
وس پڳي ويلا وڃائيندو ولائت ۾ نہ وير.

اُجڙ آس

واهه قسمت! پيو گڏگا جل تان اُڇايل ورتو،
ڪلپ جي ٻرڄ لي ڀڃي پيو ٻڪايل ورتو.

١- زخم- دل صورت ناسور ڪيا تو جي جراح،
نان ۽ نشتر خفي خنجر سان پيو گهايل ورتو.

٢- دردمند داد گهريو، دانهن ڪٽي، در تي اچي،
درد بيداد سان پيو دُود دڪايل ورتو.

٣- مون ٻريل تنهنجي ڏسي آندي اُجهاٽيل پنهنجي،
ٻاب ٻجليءَ ڪان پيو شمع وسايل ورتو.

٤- بيڪسي حال ڪيو نقش اچي پيش نظر،
تنهنڪي سختين سان ستمگر پيو ستايل ورتو.

٥- هام همدردي سٽي آس اُٿي عرش اڏي،
پيو اُڏايل آس ڳي اُڌڙين سان دٻايل ورتو.

٦- شان شاهاڻو ڏسي مون گهريو انجام پڙي،
ليڪ لاچار ٿيو وعدي وڃايل ورتو.

٧- مون چيو: 'خون نپوڙي ته نه ڪر دل سڪٽي'،
تو چيو: ناهه هتان هوند ٻڇايل ورتو.

٨- درد کان دانهن ڪرڻ جي به اجازت نه ملي،
بند گل ڪشت بلا سان پيو ڪنبايل ورتو.

٩- آس دل آهه اُجڙ رات اندازي ڪاري،
آهه 'بيوس' ڪي سحر سُور سجهايل ورتو.

ڪٿي (اتحاد)؟

ايڪتا جا ديوتا! تنهنجو لهان مندر ڪٿي؟
جنهن ۾ اتحادي اجالو آهي سو اندر ڪٿي؟

١- دربدر ٿيو دادلا ٿو بن اميدن جو جهاز؟
آس آزاديءَ لءِ آهي بينڪي بندر ڪٿي؟

٢- ويو مچي طوفان ضدي، سمنڊ ڇولي مار ٿيو،
ڪٿن ملن مقصد جا موتي، شانت- گهر ساگر ڪٿي؟

٣- ڪٿن فسادي خون ويندو قوميت جي قلب مان؟
نبض تي نشتر ڪٿي، شريان تي خنجر ڪٿي!

٤- سمجھ صالح ٿي، تميزي ۽ دماغي چوٽ تي،
تو ٻچي پهچي ڏنگڻ لءِ لوڀ جو اجگر ڪٿي!

٥- انڌ جا کوپا چڙهيا خود غرض چشمن جي مٿان،
ڪٿن پيلا ايندو نظر ۾ "پَرُ ڪٿي ۽ گهر ڪٿي"!

٦- عهد شاهاڻا ڦرن ٿا مطلبي محور مٿي،
آهه اختياريءَ جي واڪن ۾ وائيءَ ور ڪٿي.

٧- جنهن مان گذري عام جو آسودگيءَ ۾ ٿئي گذر،
دلنوازيءَ جو جهان ۾ سو ديالو در ڪٿي؟

٨- ماس چنبباز تنهنجو ٿا تڪن آڪاس تان،
تيز چهنبن مان چون پيا "پل ته وڙهندي مر ڪٿي".

٩- برڪتي تاثير صحبت سان ڪري جو لوه، زر،
ڪُرڏ جو پارس ٻهڻ سو قرب ڪيمياگر ڪٿي؟

١٠- جو ملائي مفردن کي مرڪبي ميلاپ ۾،
سوحب الوطنيءَ جو 'بيوس' جذبو ۽ جوهر ڪٿي؟

(٤)

شانت ساگر جي نه گهرائي مان گوهر نڪتا،
غوض جي کاڻ منجهان لعل نه احمر نڪتا،
فڪر فولاد گسائڻ سان نه جوهر نڪتا،
گيان گلزار مان افسوس نه گل تر نڪتا،
ساز سينگار جو سامان نه سارو ڏسجي،
هاءِ! اج هند مٿان ڏند ٿو ڪارو ڏسجي.

(٥)

نير نرمل نه رهيو، هنج جي حاجت نه رهي،
ڇهنب، مهراڻ مان موتين ڪي سگهي ٿي نه لهي،
ويهي ڪيئن چوڳ بنا هنس وڃائيندا ڏهي،
ڳائيندا ڪانگيرا ڪندا ڪانگ ٿي ڪاري تي کهي،
ڪونه هن ٻنڊ تي ٿو ٻونڊ ري چارو ڏسجي،
هاءِ! اج هند مٿان ڏنڌ ٿو ڪارو ڏسجي.

(٦)

ساز هنديءَ ۾ سرن جي به ملاوت نه رهي،
موج ميناج جي ۽ راڳ جي راحت نه رهي،
ڪابه اتفاق ۽ اتحاد جي عادت نه رهي
ڪ زبانيءَ جي زبردست سا طاقت نه رهي،
هرڪو پنهنجي ۾ 'ٻبوس' ٿو نيارو ڏسجي،
هاءِ! اج هند مٿان ڏنڌ ٿو ڪارو ڏسجي.

آشانتي ۽ آئر

(١)

شعر سازيءَ جي ڪا خوراڪ نہ شاعر لاءِ رهي،
خوشحاليءَ جي غذا مرد نہ ماهر لاءِ رهي،
جلوه بازيءَ جي چمڪ چشم نہ ظاهر لاءِ رهي،
ڪا اُڏر جي نہ جڳہ طبع جي طائر لاءِ رهي،
آس آڪاس بہ روشن نہ ستارو ڏسجي،
هاءِ! اڄ هند مٿان ڏنڊ نہ ڪارو ڏسجي.

(٢)

آهي هن گهور اَنڌاري ۾ سهائي مشڪل،
جوت بي جوت ٿي جلوه نمائي مشڪل،
ڪا بہ تصنيف جي جوهر جي صفائي مشڪل،
چوٽ اونده تي ٿئي دست رسائي مشڪل،
نا اُميديءَ جي نہ عالم جو ڪنارو ڏسجي،
هاءِ! اڄ هند مٿان ڏنڊ نہ ڪارو ڏسجي.

(٣)

ڪين اَڄ هند جي آسڻ تي سماڌي ٿي لڳي،
جنهن مان روشن ٿئي نظر ڪين سا جوتي ٿي جڳي،
ڪين حاصل سو، جو هو يوگ جي يڪتيءَ ۾ اچي،
ناس سا ڏِنِ ٿي آشانتيءَ جي نئين ناد وڄي،
لطف سازيءَ لاءِ سهڻو نہ سهارو ڏسجي،
هاءِ! اڄ هند مٿان ڏنڊ نہ ڪارو ڏسجي.

(۴)

لڳي نينهن جي جهنڪي ناوڪ تڪي،
ڦلي ڏيل ۾ جا ڏکن سان ڏکي،
نه جا سوز ساڻيڻ اندر ۾ سڪي،
نڪي حال دل جو سگهي ٿي لڪي،
ڪري سانت سا جي، نه جيءُ ٿو جلي،
ڪڇي ٿي، ڪڇڻ کان لڄا ٿي جهلي.

(۵)

اي راجا دشينت! اي پرجا پتي!
چمن ۾ لڳي جيت تو اُن ڪتي!
گلابي گلن ۾ نه رونق رتي،
ڦٽي ڦوڳ ٿي، موج جا هٽي متي؛
ٽيو ڇهڇٽو چُٽ مٽيو ماڳ، آهه،
پکين ۾ نه ورلاپ جو راڳ، آهه.

(٦)

ٻڇيو ٻاڻ ڪان مرگهه، ڏيئي پني،
مگر منهن ڏيئي مرگه - نيڻي مٺي،
نظر تير ڪتيا - نواسڻ ڪني،
نه ساعت سنياري سگهي ٿي سٺي،
اوهانجي هٿن ۾ رڏي ۽ سڏي،
دوا آهه درشن آنل اوشدي.

پريم پنڌ

(شڪنتلا لکي رهي آهي)

(١)

رشي بن جي قلواڙ ۾ ناهه دل،
سڳنڌي ۽ سينگار ۾ ناهه دل،
مرگهه، مور جي ٽار ۾ ناهه دل،
ڪنيا جي ڪنهين ڪار ۾ ناهه دل،
رهي دل اداسي ٿي ويچار ۾،
سدا - سونهن ساگر سندي سار ۾،

(٢)

بسنتي هوا برج ۾ ٿي گهلي،
ٽڙي ٽار هرڪا گلن سان جهلي،
پرنتو ڪنول گل نه دل جو کلي،
اچل سان اکين مان ٿو پاڻي چلي،
پڇي پوچ پنڌ پوي لال ٿي،
لڪان مور جي ڪنب سان حال ٿي.

(٣)

چوي دل لکي ڏي لڇا ٿي جهلي،
ڌرم ۽ مرم ٿو پريت کان پلي،
حيا جي حڪومت هٿن ٿي هلي،
ڪنيا ٿي، سگهان سوز دل ڪئن سلي؟
اي انسوءَ ۽ پريم دوِ! چئا لکان؟
ٻنايو ٻره جو لکي ڪئن سکان؟

وشوامتر جو پيغام

(ڀارت مان جاول شڪونتلا کي سندس ماءُ مينڪا جي گود ۾ ڏسي)

(١)

نشاني ٿڪي تون تنل يوڳ جي،
رشيءَ جي ٻري سنگ، سنجوڳ جي،
سچي ثابتي تون وشش يوڳ جي،
صفا صاف تصوير من روڳ جي،
سچو سلسلو ساڌنا چت ٿيو،
ٻريءَ سان ڪيل پاپ پرگهٽ ٿيو.

(٢)

چڙهي مکت - مارگ سندي ڪوٽ تي،
رسي گيان ۽ ڌيان جي چوٽ تي،
اچي ساڌنا يوگ جي اوٽ تي،
ڪريس کند پر ڪام جي چوٽ تي،
وڌو مينڪا موهه - اوڙاهه ۾،
ويو پول پنجي رشي راهه ۾.

(٣)

مون سنسار سمبند ڇڪيءَ سان ڇنا،
ڇڏي راج ۽ ڀاڳ جا سک ڏنا،
نه باقي رهي ڪا به جت چاهنا،
وشش يوگ جي اٿ رسي واسنا،
عجب ڪام، ڪيڏي رسائي عجيب!
عجب آهه هن مان رهائي عجيب!!

(٧)

ڀڄم ٿي لڪيدي، ٿي پورب ڏسان،
جهڪيرو ٿو پرڪاش پسجي جتان،
ڇوان ٿي اچانڪ اُپرندو اِنسان،
پسي ساک سورج، ٿيو ڄان ٿلان،
انڌاري ۾ پنيان مــن سهائي اچـي،
وڇوڙي پنيان وصل وائــي اچـي.

(٧)

اوهان وس رشي - آشرم جـي لڄا،
ڪرم ۽ مـــرم ۽ ڌرم جـــي لــڄا،
اي راڄن! اوهان وس شرم جي لڄا،
۽ 'بيوس' ڪنيا جي پرم جي لڄا،
ڍڪي پشپ پاٽر ۾ هـــن پٽر ڪـي،
پجائج پـــوَن! ڇنر - پٽ ڇنر ڪـــي.

رشي آشرم

(۱)

جتي سونهن سرپيا جو ناهي ڪو پار،
جتي ڦوهه جوڀن ۾ هردم بهار،
جتي خاص جهنگل ۾ منگل اپار،
جتي سبز سائي وڻن جي قطار،
سڳنڌي ۽ سينگار سهڻو جتي،
رشي آشرم جو نڪاڻو لتي

(۲)

جتي مور ۽ مرگهه ناچُون نچن،
جتي ٻي ڏڙڪ ٻولڙا پيا ٻُڌن،
اڏامڪ اچي خوب لاتيون لنوَن،
پرندن، چرندن جون موجون مچن،
اَئي جشن جيتن ۾ جنسي جتي،
رشي آشرم جو نڪاڻو لتي.

(۳)

اَهنسا ڌرم جو سهارو جتي،
گهمي شبنهن سان مرگهه پارو جتي،
مِرُڻ سانڍ ماڻهن جو آرو جتي،
نظارو سڄو نينهن وارو جتي،
سنائڻ جو ورتاءُ ناهي جتي،
رشي آشرم جو نڪاڻو لتي.

(٤)

مون ڏٺو گيان گنگا ۾ غوطو هڻي،
پريو پاڻ کي ڪام ڳپ سان ڪٽي،
هنس هنس، پر ڪانءُ ڪئن پيس بڻي؟
نہ موتي وڻيا، ڪاڪ وشٽا وٽي!
ڪيو ناٿ کي نار تان جنهن نثار،
رتي ڪار اهڙي وشوامتر تي ڌڪار!

(٥)

اٿي ڪام اگني رشي - تن منجهان!
ٿيو پاپ پيدا مُني - من منجهان!!
ٿيو مست هاٿي ڪنول بن منجهان!!
ڪليو گل گرهستي ٿيي بن منجهان!!
ڪنئون ڪام روپي پڌيءَ ٻرچ کي،
سپاڙون ٽڪي ويو! ٽڪي ويو!! ٽڪي!!!

(٦)

ويا سونهن مڇ تي پتنگ جان جلي،
رکيشر، منيشر، نبي ءُ ولي،
مها وير، يوڌا، بليسر ٻلي،
هليا هار ڪائي نہ ڪنهنجي هلي،
نظر جو جتي تير ڦهڪي ڇڪو،
ويڪي ڪڇو ڪانچ 'بيوس' پڳو!

شروڻ ڪمار

(١)

چنڪي آيو چوهہ مان ڪڙڪو ڪانُ ڪري،
ڪوندر ڪناري ڪريـــو سريوءَ سيس ڌري،
هٿ پياسي پيءُ ماءُ جو جـــر ريِ جيءُ جري،
هتي ٻـــاڻ ٻـــري، شروڻ شـــيـــر شريـــر ۾.

(٢)

ٻُـــڙ ٻُـــڙ ڪندو جنهن گهڙيو گهڙي ۾ پـــاڻي،
هن ۾ سيگهہ سنئين ڪئي هٿ هاٿـــي جاڻي،
اچي هن اتفاق سان سانجهي ٽـــي سـاڻـــي،
اوندهہ اياڻي، جنهن ڏوکو ڏسرت کـــي ڏنو.

(٣)

ڦتڪيو، ڪِري ٿهہ ڪري بلـــي ٻاڻ جهلي،
پاڻي ڪٺي پـــيءُ ماءُ ڏانهن هاڻي ڪيئن هلي،
جيڪس جـــن جي جـــان ٿـــيِ بنا جل جلي،
ساڻن ڪير ســـلـــي، حقيقت هن حال جـــي،

(٤)

ناز نــــ جن کـــي نور تي جي اکين کان آجا،
ورڻ ڪيءِ راجا، تن جـــي هڪ ئي هوت سان.

(٥)

تـــو جو هنيو هڪ لـــي، تنهن ٽنگر ماريا ٽي،
هڪ سَـــر منهنجي ســـــر مٿي، ٻيو پيلو پنا تي،
ٽئين سيلي سينـي کي سِليو، منهنجي ماتا جي،
بنا جوت جوڙي کـــي تـــو ٽـــرچيو تير سان.

(٤)

جتي آهه آڪاس اوجل سدا،
هلي ٿي هوا صاف سيتل سدا،
وهي جل ٿو چشمن ۾ نرمل سدا،
مچي موج لهرين جي پاپل سدا،
رهي سورڳ روپي مزو ٿو جتي،
رشي آشرم جو ٺڪاڻو ٿتي.

(٥)

جتي ڪند ۽ مول ٿي آ گذر،
جتي سانڍڻو ناهه دنيوي سمر،
وڇاڻو ڪکن جو، وهاڻو پٿر،
ڪپي مرگهه ڇالا جو نينڊڙو نڪر،
نه ماري ڪڏهن گهرج گهوٻي جتي،
رشي آشرم جو ٺڪاڻو ٿتي.

(٦)

جتي خيال اُچا ۽ سادو گذر،
جتي گيان ۽ ڌيان جو آهه گهر،
جتي آهه وديا جو اونهو اثر،
جتي ڪنهن خطا جو نه 'بيوس' خطر،
سدا يوڳ، جپ، تپ سماڌي جتي،
رشي آشرم جو ٺڪاڻو ٿتي.

(١٢)

سريوءِ ني سڏڪا ڀريا، تاب چڙي ٽحمل،
ڀاٽيءَ ۾ پيدا ٿيو وڏو هلاچو هل،
دسرٿ دکي درد ۾ ٿيو بلڪل،
جڏهن ڏيو گل، شروڻ جيوت جو ٿيو.

(١٣)

"دسرٿ دردوندن آئي ڪيءَ اپراڌ،
شروڻ ڏيءَ شراپ، ڪندو ڪير شرڌا ڪي؟"

(١٤)

"اوهين ايوڌيا ڌڻي هلو جتي منهنجو راڄ،
اتي اوهانکي ڪين ٿئي ارچڻ يا احتياج،
هوندو هميشه لاءِ رکان سک سمپت جو ساز،
ڪندس اوهانجو ڪاڄ، پنهنجي هٿين پاڻ مان."

(١٥)

وڌ پانيون هن وير ٿا ايوڌيا ڪان اڳني،
سا چکيا چنتا جي ٻري تو جا ڏيل ڏني،
سڙي دل سڪرات ۾ ٻوڙي، ڪين ٻني،
چڙي سي چني، اسان آس سنسار جي.

(١٦)

شروڻ سان چکيا چڙهيا، ورد ڪندا ورلاپ،
لبي ٻنهي ليبين ڏنو سڙندي مهل سراپ،
ته دسرٿ تنهنجي لاءِ هي پرگهٽ ٿيندو پاپ،
پتر سندو سنتاپ، سهندي مرندين سيگهه ۾.

(٦)

مونکي پنهنجي پاڻ جو راجن! خاص نہ خيال،
پر مون ڏاران پيءُ ماءُ جو جئڻ آهہ جنجال،
سارينڊا سنسار ۾ ساعت، سال،
ڪري پلائي پال، تن کي تاڻ سان وڃي.

(٧)

اتي شروڻ شير جو پيون آهہ پساهہ،
سريوءَ ڪناري ساهہ، سورهيہ ڇڏيو ڇيگهہ ۾!

(٨)

دلو ڪٽي دسرٿ پڳو نيڻ نچوئيندي،
راجن روئيندي، هليو هوڙهار تي.

(٩)

اڇڻ جي آواز جو پريان پيئن پرلاءُ،
اتي پريم اڪير مان پڪاريو پيءُ ماءُ،
”ڏير ڪيءَ ڪئن دادلا، دل ۾ هو ڌڌڪاءُ،
آءُ هلي تون آءُ، انڌن جيون جا آسرا!“

(١٠)

سٽندي سڏڙو سڪ پريو، دسرٿ دل هاري،
هلي نہ هنياري، ڪڇي ڪڇڻ نہ اُڪلي.

(١١)

هٿ وس حيلن سان ڪئي دسرٿ دليري،
چي: ”سريوءُ ڪناري سانجهہ تي البت انڌيري،
مون پي گج گمان تي سيگهہ سنئين سيري،
ڀول ٿيو ڀيري، ڀڳڻ منهنجي ٻاڻ سانُ

لطيفہ حدانيہ پنھنجي خاوند جي قبر تي

٩- پاسي ۾ پنھنجي جاءِ ڏي، وارث! ولهيءَ جي لاءِ ڏي،
ي درد کان دلجاءِ ڏي، ڏي هجر هاڃي کان شفا.

١٠- سؤ سور جي سلوات سان، فڪرات جي فاتح پڙهان،
تي قبر تي پيئا ڏريان، هي لڙڪ گل لوهوءَ رتا.

١١- اي بي حيا ڪرڙي قضا، ظالم فرشتا موت جا!
اي بي ترس بادِ فنا! گڏجي ڪيو مون سان دغا.

١٢- واصف رڳن جي تار ۾، هر هڪ بدن جي وار ۾،
'بيوس' سڄي سنسار ۾، واصف وسي تو جا بجا.

لطيفه حدانيه

پنهنجي خاوند جي قبر تي

اجڙيل حياتيءَ جا اَجها! سڪڻي حياتيءَ جا جهلا!
مان ڪٿن جيان جڳ ۾ پلا، منهنجا منا توڪانسوا

١- سيني ۾ منهنجي ناه دل، آهي ته آهي باه دل!
آتش وسائـــي آهَ دل، شعله زن منهنجي صدا!

٢- توڪانسواءِ نـــور جهانُ، اونـــده حدانيـــه خاندانُ،
اي ناز پرورده جوانُ، اي ماهرلو، اي مه لقا!

٣- تون ڪٿن انداري قبر ۾، ساجن سمهي پئين صبر ۾؟
کهڙي قهاري جبر ۾ توکي جهليو آهـــي جفا؟

٤- تنهنجو چيرو چشمن ڏري، سينگار سڀ سالم ڪري
آيس سڄڻ! مان توگري، خاوند! نه ٿيءُ مونکان خفا

٥- توريءَ جيڻ ناڪام ٿـــيو، عنقا مثل آرام ٿيو
سياپو صبح ۽ شـــام ٿيو، واصف ســـوا ماتم سدا

٦- تو بن لطيفه ٿي گري، ٿي عرش تي آهون ڪري
ساعت نه ٿي توري سري، فڪرات ۾ دل ٿي فـ

٧- جو آب چشمن مان وهيو، تنهن مان پٽوي چشمو نهيـ
پاڻي نه پنبڻين ۾ رهيو، دل خون هاري ٿي صفـ

٨- تو ساڻ ٿي شل ڏُ بدو، ظاهر ڪريان غم گفتگـ
باقي نه بي ڪا جستجو، اي آرزوءَ جـــي انتـ

(۴)

لھر وڄليءَ جي لڪي پنھنجي جا جذبن ۾ ڏرين،
تنھن سان ھڪ جاءِ تان ھر جاءِ تي ڦھلاءُ ڪرين،
جسم مرده ۾ ٻيھر ھڪ وار نئين جان ڀرين،
ھر لحرڪ ۾ زمان توڙي، زمان ذي تون ڌرين،
تنھنجو ويچار ۽ واڻي ۽ ڪرم سڀ سڦلو،
ذات مان ڏاتِ لھي تو مان ڪري عام ڀلو.

(۵)

اھڙي ڪنھن اوج رسي تنھنجي رھڻ جي دنيا،
ڪنھن ڪشش سان نہ جتان آھ لھڻ جي دنيا،
آھي اڻ ڏول، اَچل تنھنجي پھڻ جي دنيا،
ڪنھن نہ وھنوار جي واھڙ ۾ وھڻ جي دنيا،
رات چوڏس جي چٽي ڀساڪ اماسي ڦھري،
جاري مولين جي پنيان ساڳي تلاشي ڀھري.

(٦)

خاڪ پيرن جي فلڪ تنھنجي چمڻ لاءِ اچي،
ھير ھبڪار ڀري توسان گھمڻ لاءِ اچي،
موت-سيجا تي بقا توسان سمھڻ لاءِ اچي،
وجد ۽ رقص ۾ 'ٻيوس' تي جھمڻ لاءِ اچي،
دل جي درياءَ ۾ سا موج ۽ مستي نہ ھجي،
اوچ شاعر جي زماني جي ھستي نہ ھجي.

شاعر

تون ۾ هر دل جي ٽڪڻ لاءِ ليڻ جاءِ ڪئي،
هر زماني جي غذا تون ڪيڻ لاءِ ڪئي،
جي پچين دل، تہ ٻنديڻ لاءِ ٻ مومياءِ ڪئي،
جوش تنهنجي سان هڻڻ هوش بہ همراه ڪئي،
جنهن ڪيو تنڪو پيو هٿين تنهنڪي ٿي ويتر پيو وٿين،
ها سگهي ڳڻ نہ ڳٺي، اهڙي تون ڳڻ ڳوت ڳٺين.

(٢)

بول ٻولڻ تي لڳي تو مان زبانن جي زبان،
بي بيانيءَ کي ملي تنهنجي وسيلي تو بيان،
گپت اسرار ڪرين غيب جي پردي مان عيان،
آڻين ساگر کي تون ساغر ۾، ڪرين مُوءَ ميان،
ٻوتَ- سپرش ڪي ڪلا آهہ عطا تيل کهڙي؟
جنهن سان هر جنس ڙجي ساز سريلي جهڙي.

(٣)

پاڻ سان پرُ پيو ڪٽين، ساڻ نہ پر پاڻ ڪٽين،
پنهنجي غرض جو يا گهر جن جو نہ ڪجهہ ماڻ ڪٽين،
سات سنسار جي سورن جو سچر ساڻ ڪٽين،
خون دل ڏين پيو خوشيءَ سان نہ مگر ڄاڻ ڪٽين،
آگ آپي ڪي ڏيئي جوت جڳائين جڳ ۾،
روشني ڏيهہ کي ڏين، جان جلائي اُڳ ۾.

تون

لون ڦي سج ۾ سوجهرو ۽ چنڊ ۾ چانڊاڻ تون،
سونهن ۾ سوڀيا گلن ۾، پڻ سڳنڌ سرهاڻ تون.

١- بادلن مان ٿو وسين برسات جون بوندون بڻجي،
تيز وڄليءَ جو تجلو ۽ ڪڪر- ڪاراڻ تون.

٢- ڇا پتا پت اندلت ۾ ٿو ٻکي تنهنجو لقاءُ،
صبح ۾ ٿئين سون رنگو، شام ۾ ڳاڙهاڻ تون.

٣- ڀر ڪرين ٿو ڀاڻ سان پولار هن سنسار جو،
ٿي گرهه، تارا، ستارا ۽ اَڪت نيلاڻ تون.

٤- ٿو لڏين لهرين مٿان، ڇولين مٿان ڇلندو وتين،
سمنڊ جي سختي به تون، مهراڻ جي ماناڻ تون.

٥- تيڪ تنهنجو واءُ، واچوڙي، ٽڪي طوفان ۾،
هير ۾ هلڪاڻ تون ۽ ٻاڦ ۾ آلاڻ تون.

٦- ماڪ موتين هار ٿي سينگار سبزيءَ جو ڪرين،
تون جواهر ۾ جهلڪ، لعلن اندر لالاڻ تون.

٧- سرس تون صاحب سندي آهي صفت ساراه ڪان،
خاص خوبين جو خزانو ۽ گڻن جي کاڻ تون.

٨- بره 'بيوس'! تو اُٿي هر روپ مان تنهنجي رنگي،
تاڻ تون منهنجي طلب کي پار پنهنجي آڻ تون.

رام رحمان

رام چئون، رحمان چئون، مطلب ته سڌو الله سان آهه،
دين چئون يا ڌرم چئون، منشا ته انهيءَ جي راهه سان آهه،
عشق چئون يا پريم چئون، انڇا ته انهيءَ جي چاهه سان آهه،
سادو ڀڻون يا سالڪ ٿيون، مقصد ته دل آگاهه سان آهه،
اکرن جي اوجهڙ ۾ اڙجي، مفت نه دل آزاري ڪريو،
جان وجهي بي جان اکر ۾ ڪجهه مطلب ٿي ڏيان به ڌرو.

(۲)

جي مسجد گهر مولا جو، ته سول ٺڪاڻو ڪنهنجو آهه؟
چا ڪعبي، چا ڪاشيءَ اندر نام ٺڪاڻو ڪنهنجو آهه؟
خود دل يا هردي ۾ هي چانڊاڻ چٽاڻو ڪنهنجو آهه؟
هن سندر سنسار اندر هي ساز سٺاڻو ڪنهنجو آهه؟
جنهن سان تڪرار ڪرين ٿو تنهنجو ڪهڙو خالق آهه؟
چا، هندو يا مسلمان جو بيو ڪوئي مالڪ آهه؟

(۳)

پاڻ پنهنجن سان لڙڻ، تعليم اِها قرآن جي ناهه،
سوچ ڪريو منشا به اها ڪا ويدن جي فرمان جي ناهه،
سچ پچ مارا ماري اصلي عادت ڪا انسان جي ناهه،
خون خرابي، دنگيبازي، ڪار اها ايمان جي ناهه،
بن نيڻن هوندي پڻ 'بيوس' چيز ته هڪڙي ڏسجي ٿي،
هر مذهب جي اندر درس تميز ته هڪڙي ڏسجي ٿي.

ساهوندي سپون

پور پهريون

ڪٿي؟

١- منهنجي دل جا ديوتا! تنهنجو لهان مندر ڪٿي؟
عشق جو جنهن ۾ اُجالو آهه سو اندر ڪٿي؟

٢- دربدر ٿيو دادلا! تو بن حياتيءَ جو جهاز،
ٻره وارن لاءِ آهي بينڪي بندر ڪٿي؟

٣- ويو تجي مٿرا ۽ گوڪل، ناهه جمنا جهڳ - پٽي،
شهر - شيوا ۾ وڃي پڇ محب مرليڌر ڪٿي؟

٤- قدرتي تاثير جنهنجو ٿو ڪري ٽامي کي زر،
آهه سو دردي دلين ۾ قرب ڪيمياگر ڪٿي؟

٥- وڻ وڇوڙي جو نه ساري ٻره ۾ ٻيران ٿي،
نت نهارن نيڻ ليهي دل گهريو دلبر ڪٿي؟

٦- جوڳ، جپ تپ، ساڌنا، ڀڳتي، سماڌي گيان ۾،
تو ڏنگي هي مست مايا جو اَثر اَجگر ڪٿي!

٧- جنهن لئي پهچڻ سان نه ڪڏهين ڪاڻ ٻي ڪڏ ٿي پوي،
آهه سو ڀرپور ڀنڊاريءَ جو داتا در ڪٿي؟

٨- هڪ جهلڪ جنهنجي سان روشن ٿا رهن شمش و قمر،
سو سته پرڪاش وارو سونهن جو ساگر ڪٿي؟

پرارٿنا

مهر ڪر اي مهر جا والي نماڻن مٺڻ تون،
جنهن ۾ نت منهنجي ڇڳائي ڏي سچي ساڃاهه تون.

١- ڪر ڏکين لءِ درد پيدا منهنجي هن هردي اندر،
دل اُجڙ ڪر سبز سائين! پريم جل سان پاڻ تون.

٢- تون سڄي سنسار ۾ ڏاتار تو جهڙو نه ڪو،
پنهنجي بيحد جي پنداري مان پري ڏي ڏاڻ تون.

٣- آهه تو جهڙو نه ڪو ويجهو، وسيلو، واهرو،
سرڙه، سختيءَ ۾ سچا ساٿي! سدا رهه ساڻ تون.

٤- واسطا ٽوڙي مان جوڙيان توئي هڪ سان واسطو،
پاڻ بن، بُتي جي اندر مان ڇڏ ڇني ڇڪ تاڻ تون.

٥- جهڄنو جنهن ڪان ڏسان هر چيز ۾ تنهنجو ڇٽو،
اهڙي ڇت ۾ ڪر ڇٽي چمڪاٽ سان چانداڻ تون.

٦- نت رهن نيڻن ۾ منهنجي نينهن جا نرمل نشا،
ڏي اَڏي 'بيوس' ڪو اهڙو محبتي مانداڻ تون.

٢. گپت گنگا گيان جي

١- گپت گنگا گيان جي ٿي اَمرتي ويلي وَهي،
جو سچو ٽوٻو هڻي سو پل اصل موٽي لهي.

٢- ڪٿِن نہ ٿيندي جنگ جاري، ڌرم راڄن واسطي؟
جو ڪتابي قيد لاءِ ٿو تخت دل جي تان لهي!

٣- من لہ پاڻيءَ جان هميشہ وهڪ هيناهين وٺي،
پر وويڪي پمپ سان ڏبجي مٿاهينءَ ٿي وهي.

۴- دل جو مندر ٿيو اُجڙ دلبر جو گهر ويران آهہ،
ڪام راڄا جت وسي ڪٿِن رام ويچارو رهي؟

۵- سخت ولهہ، برسات ۾، ڪنهن رات سوڙين مان اُٿي،
ڏس تہ ٻاهر ٻي اَڃهن لاءِ وٺل ڇا ڇا ٿو وهي!

٦- درد جي ديوي ڪري ٿي منش کي اعليٰ اُتم،
ٿئي ٿُهن کان اَنّ آجو ڳاهہ ۾ جئن ڳهي.

٨- اڄ غريبن جون ڪکايون جهوپڙيون مالڪ گهمي،
تو مڙهيءَ، مسجد، مندر، ديول، ٽڪاڻي کان نهي.

٨- جوُڙ چڪر ۾ ڇون اُنتيءَ سندو امڪان ٿا،
اڪثري بهتر نهڙ لاءِ جاءِ جهوني ٿي ڍهي.

٩- آتما روپي اندر ۾ ٿي اَمر جوتي جڳي،
ڪوش ڪهنا پيا بدلجن موت ٿي مٿي سهي؟

١٠- مون پچائي خاص ڳوڙها شعر جا موتي ڪيا،
ڪَٽ صرافي پرکہ وَس، ڪيڏجهر کهي ڪوڏيون کهي.

١١- هل تہ گل تازا ٽڙيل چونڊن اڳيان **'بيوس'** ڏريون،
ڪين ڪوماڻيل، ڪڇو ٿو پشپ ناڪر لاءِ نهي.

۹- سخت چولي مار ساگر، آهه بندر بي منار،
هن انڌاري ڏوجهري ۾ روشني رهبر ڪٿي؟

۱۰- هٿي پلي سيجا سکن تي، پر ڪٿي پختي پريت،
نار نازڪ تن ڪٿي، ڍليو ڏکيو ڏونگر ڪٿي!

۱۱- ٿيو هزارا تخت تياڳي راءِ راوي تي ڏنار،
راڄ راجيسر ڪٿي! ۽ نينهن ۾ نوڪر ڪٿي!

۱۲- سڌ پڙاڏو آهه ساڳيو پر پڌڻ ۾ ڇو پيو تيا؟
سمجهه سا سوچي سهي ڪر، آهه وائيءَ ور ڪٿي؟

۱۳- خواب ۾ 'بيوس' ٻجهي وئين خواب جي سامان سان،
سرت ساري، هوش ڏاري، ڏس ته آدي گهر ڪٿي؟

۴. پريم ساگر

۱- پريم ساگر ۾ پوڻ سان ماٺ منجهي وئي،
هن پوتر جل اندر جڙ پاپ جي پنجهي وئي.

۲- هٿي جا سنڌن ۾ سمايل سخت دل جي داڻ داڻ،
قرب جي ڪانيءَ لڳڻ سان سنگ جئن سنجهي وئي.

۳- دل مِلي دلدار سان آئي پرت جي پيچ ۾،
وصل جي ور ور اچڻ سان واڻ جئن ونجهي وئي.

۴- لطف ري ٿي زندگي بيڪار بوٽي جي مثال،
ڪامنا جي ڪٽ چڙهڻ سان ڪيميا ڪنجهي وئي.

۵- ڪي دليون فرحت ڦٽيون ۽ ڪي ڪيون شرقن شڪار،
پر پرائي درد ۾ درويش دل ڦتجهي وئي.

۶- هار جي للڪار تي ليلان چنيسر کي مٽيو،
لعل جي لب ساڻ لذت لعل جي لتجهي وئي.

۷- مثل بلبل آرزو- دل تي اڏي دلدار ڏي،
باز دنيا جي جنبن ۾ وات لي جهتجي وئي.

۸- ڏرم رسمي ٿيو سچائيءَ جي اڳيان از خود لڇي،
سج اُڀري ڏس! ڏيئي جي روشني هتجي وئي.

۹- پيٽ پالڻ لاءِ چا چا عشرتي سامان ٿيو،
روح لءِ خوراڪ 'بيوس'! جا بجا گهتجي وئي.

٣. لالن لقاءُ تنهنجو

١- لالن! لقاءُ تنهنجو هر جا نظر اچي ٿو،
توکي ڏسان ٿو، آڏو دشمن اگر اچي ٿو.

٢- پردي ۾ رات جي ڇا ڪرتا رکي ڪرامت،
ڪٿن چمڪندو نڪين سر نڪري سحر اچي ٿو!

٣- معلوم ٿي وڃي ٿو روشن دماغ ڏسندي،
ڪٿن خاڪ جي ذرين ۾ شمس و قمر اچي ٿو.

٤- ڏاڍو جنم ڏيڻ ٿي نٿن ڪير جي وهائي،
سنسار ۾ سفر کان پهرين سفر اچي ٿو.

٥- گل کي نڪي چهنب سان ڏانهون ڪرين مٿن جان،
خود باغبان کي توتي، بلبل! ڏهر اچي ٿو.

٦- فرقت ڇري وهائين، مرهم وصال لائين،
تنهنجي هٿن ۾ دلبر! منهنجو جگر اچي ٿو.

٧- هو ٿو اپائي گوهر، هو سيم، زر، جواهر،
تحفا ڪٽي سڄڻ لءِ خود بحر و بر اچي ٿو.

٨- جئن وصل کي نهاريان، جهاڳڻ پوي جدائي،
تقدير جي چڪر کي اٿو چڪر اچي ٿو.

٩- ڏسندي جمال جاني حورن لڳي حيراني،
ماهِ بدر فلڪ ٿي ٿي دربدر اچي ٿو.

١٠- رهڻيءَ ۾ ناهي عامل، ڪهڻيءَ ۾ خوب ڪامل،
اهڙيءَ سکيا جو بين تي مشڪل اثر اچي ٿو.

١١- الله نقط جو نظارو 'بيوس' جهان سارو،
ڏس تخم جو پسارو نڪري شجر اچي ٿو.

---

٦. هوت هردي ۾ وڃايم

١- هوت هردي ۾ وڃايم، ٿيو عبث ٻاهر لهڻ،
دل ڇڏي دلدار لاءِ پيو مفت ڳولا ۾ ڳهڻ.

٢- ڳل ڳچيءَ پيل هار جو پاڻيءَ اندر پاڇو ڏٺم،
سچ ڇڏي، پاڇيءَ پٺيان پيو مفت واهڙ ۾ وهڻ.

٣- جوڳ، جپ تپ، سادنا، فڪرات ۽ فاقه ڪشي،
راهه اُلٽيءَ جي خطا جون سَوَ سزائون ٿيون سهڻ.

٤- دل اندر جي گهٽ ڪوٺيون، سي ڪري گروي ڏنم،
پنهنجي پريتم جي مندر ۾ ٿيو پراوَن جو رهڻ.

٥- جنهن اَنڌاري ڏيوري ۾ مون وهاريو ڏيوَ ڪي،
اُن پڳل پونگي جو بهتر آهه ڏينگوئي ڍهڻ.

٦- تون رُٺو آهين پرينءَ کان، پر رسڻ کان هو پري،
پاڻ خود پيچ پاڻ کان ڪٽڻ ٿيندو ناڪر سان ٿهڻ؟

٧- پرت سهرش سان خودي منجهي خدائيءَ ۾ اچي،
ڪيمياگر قرب آهي لوهه لاءِ پارس ڇهڻ.

٨- اڄ تماشا گاهه قدرت ۾ اُگهاڙو ناچ آهه،
آهه هر ڪنهن چيز جو برقعن، نقابن کان ٿهڻ.

٩- برڪتي بُوندُن برهه جُوَن پرين پڪاريءَ منجهان،
لال رنگ جون لاڏلا! ڪي خاص '**بيوس**' کي ته هڻ.

٥. شمس تبريزي مزو

١- شوق مان وٺ شير دل ۾ شمس تبريزي مزو،
محب لاءِ منصور ٿي ڏيکار رت ريزي مزو.

٢- پاڪ ليزيءَ سان بري، باري وساڻيل پر نٿي،
شمع آزاديءَ سندو هي آهه انگريزي مزو.

٣- صاف دل ۾ رنگ روحاني چڙهي چمڪا ڏئي،
ڏيو اڇي ڏوٿل لٿي ٿي واهه رنگريزي مزو.

٤- باندِ وانگر دل بري ۾ دوست جي دولاب ڪان،
چاهه مان چوڪو چڪڻ پيو پرت پرهيزي مزو.

٥- جنهن ڪڇيءَ ۾ ڪين پوکيو، تيو پڪيءَ ۾ ڏر بدر،
صبح جي سعيي وهيٽو شام جو ميزي مزو.

٦- قرب وارن جي ڪچائيءَ ۾ ڪشي ڪرڙي ڪمان،
چاهه وارن کي چکائي محب مهميزي مزو.

٧- فرش کي 'بيوس' چڙي اچ ٿي اڏامي عرش ۾،
چا ترقيءَ جي بهاني ٿي وٺي ليزي مزو.

۱۰- درسنين بن جي وچان ديدن جئين درسن ڪيو،
ايڪ مان ڏسندي انيڪي ٿيون متعجب لاجواب.

۱۱- ذات باقيءَ جي اڳيان تصوير خاڪي ٿي ڦري،
موت، پيري، ضعف جو پيو خاڪ کي سهڻو خطاب.

۱۲- نظم مغزي ڪـــوت ڪو ٽان، شعر پلٽان پلٽ دل،
ڪاغذي گل ڇا لڳي ۽ ڇا لڳي 'بيوس' گلاب!

٧٠. دل گهريو زاهد ٿيان

١- دل گهريو زاهد ٿيان پر مونکان مستوري نه ٿي،
بره دڳ، الٽو بتايو، هاج دستوري نه ٿي.

٢- پٽ پوڙهو سان خون شرفا شان شريعت جو رکيو،
معرفت ڪوڙي نه ٿي، منصور لاءِ سوري نه ٿي.

٣- دم بدم محتاج آهيان تير گهرجن جا سهان،
عمر پوري ٿي اڃا خواهش مگر پوري نه ٿي.

٤- هو ءِ تمنا ڏيهه ۾، ءِ هو ولائت ترڪ ۾،
دل ۽ دلبر جي وطن ۾ ڪيتري دوري نه ٿي.

٥- چشم روشن مون گهريو، پر تو ڏنو چشمو تڪو،
مون ڪان موران هيءَ منا منظور معذوري نه ٿي.

٦- مصر مان ويو حسن يوسف سامهون ساڃي ڪبي،
پر پنيان ملڪ حبش ۾ شڪل ڪا پوري نه ٿي.

٧- هن ٿي هڪ عضوي ۾ هر دم گڏ رهن ٿا نوش نيش،
سا مبارڪ جنهن زبان ڪان ڪار زنبوري نه ٿي.

٨- بحر ۾ ناموس جي پوريون شيون مٽ ڪي ترن،
جي ترو نهريون وٽن، تن جلد مشهوري نه ٿي.

٩- تار يڪتا، جا رڳن ۾ روز شب روُن روُن ڪري،
تنهنجي تل تاثير ۾ ڪا تار تنبوري نه ٿي.

١٠- هٿ ڪفن مان ٻئي ڪڍي سڪتا، سڪندر ٿي سلبو،
ڏس، هٿان ڪو ڏي ڪٽا جي ڪنهنکي منظوري نه ٿي.

١١- آهي هر هڪ لفظ اندر قيمتي رت جو قـ
ڪير چوندو شعر 'بيوس' شاخ انگوري

---

١٢. وسين ويڄهو ٽنين ۾

١- وسين ويڄهو ٽنين ۾ تون پرين پردو وري ڇاجو؟
ٻٽي خود پران پراڻن جو، وڇون ويڇو وري ڇاجو؟

٢- جگر ۾ جاءِ خود جوڙي، ٻيائيءَ کي ڇڏيءِ ٻوڙي،
ڪري دل ۾ اندر ديرو، ڏئي دوکو وري ڇاجو؟

٣- چمڪ جي آهه ڇهري جي سيارن ۽ ستارن ۾،
نه ٿهري رات ڪاريءَ ۾ پوي پاڇو وري ڇاجو؟

٤- پني ڏيئي اچي ويٺي انداريءَ جي اندر ڌرتي،
وگرنا صاف سورج تي ڪڪر ڪارو وري ڇاجو؟

٥- ڪٽي منڊل وٺن تارا جڳن کان خال ۾ ڪرندا،
جتي هر جاءِ مرڪز ٿيو اتي گهيرو وري ڇاجو؟

- هتي ناهين ڪٿي ناهين، هنئر ناهين ڪڏهن ناهين،
جي ڳڻ ناهين نه حد ناهين، ملڻ موقعو وري ڇاجو؟

- جڳت جي آد کان اڳ ٿي چڪي "لومون" سندي شادي،
نئين سر ميل ميلڻ جو سهڙ سعيو وري ڇاجو؟

- نه حاجت ڪا حضوريءَ ۾ سفارت يا وڪالت جي،
سڌي شهه - رڳ محبت ۾ وسيلو ٻيو وري ڇاجو؟

- محبت ري نه چاهڻ ٿئي، نه چاهڻ ري محبت ٿئي،
وجهن ٿا گيان ڀڳتيءَ ۾ ڦڏو ڦيرو وري ڇاجو؟

- ٻٽي هر چيز ۾ چشڪو ڪري حيران هر ڪائين،
عجائب عيش دنيا کان منا! موشو وري ڇاجو؟

۱۰. پردي پٺيان

۱- تو پکي پردي پٺيان ڪنهنجو اٿا؟ سمجهي چئو،
سرت آڏو تو اچي ڪنهنجو سما؟ سمجهي چئو.

۲- پل پر سو ميلن تسان آٽي نقش ۽ آواز ڪي،
آهه بجليءَ جي اندر ڪنهنجي ستا؟ سمجهي چئو.

۳- ڪئن جزا، پوري وزن پر تا ملي مرڪب ٿين!
جڙ اندر هيءُ آهه ڪنهنجي جاڳتا؟ سمجهي چئو.

۴- ڪنهن ڏريا لعلون جواهر پيٽ پٿر ڪاٺ پر؟
مينهن ڦڙ مان ڪنهن ڪيو موتي صفا؟ سمجهي چئو.

۵- ياٺ، ڏرتي، واءُ، پاڻي، روشني ساڳي، مگر،
چو چڪن گل ڌار رنگ و بوُجدا؟ سمجهي چئو.

۶- وڻ وڏي ٻج مان ٿيو ۽ سنگ داڻي مان ٻٽيو!
تاڪٽي مان ڪيچ ٿين، ڪنهنجي ڪلا؟ سمجهي چئو.

۶- هفت رنگي روشنيءَ مان خاص شيءِ ڪو خاص رنگ،
ڪئن چڏي ٿي! ۽ چه سانڍي ٿي پيا؟ سمجهي چئو.

۸- تو جمڻ سان پار ازخود کير ڏاڙ کي لڳي،
کير جمندي ڪيس ڏني تو ايءُ سکيا؟ سمجهي چئو.

۹- حالتن سارو تفاوت آهه تر تر تي رکيل،
چو پلاهڪ شاه ٿيو، پيو ٿيو گدا؟ سمجهي چئو.

۱۰- آهه جي قانون قدرت اصل ڪان اسٿت، اٽر،
آهه ڪنهنجي زور جي هيءَ ساڪنا؟ سمجهي چئو.

٨. عشق وارن جو انڪاري جواب

١- واٽ ور ور سان وڃڻ جهڙڪي چون سياڻا ثواب،
عشق وارن جو هميشه آهي انڪاري جواب.

٢- عشرتي تيلي جلائي قيمتي سگريٽ کي،
ڏس ته ٿامون ٿو ڪري ڪنهن سون جو خانو خراب!

٣- گهوڙ جي گهاٽي مٿان ٿي پيڙ پيڙان پيڙ جي،
ٿيو وچولي شخص لاءِ اڄ پيٽ پالڻ ۾ عذاب.

٤- عشق شيشي راهه تي ترڪي ٽڪو، ڪيڙو قدم،
پيرسن ٿي آهه هلڻو هت جوانيءَ کي جناب!

٥- ٿو تمنّا جي تماشي ۾ نچي پتلين مثال؛
سر سلاميءَ ۾ جهڪائي آهي ٿالي ۾ نواب.

٦- ڪرڪرڻ سبحان ئي پورهيت آهه ساڃوهٽ شريف،
مثل ڏائي شان شاهوڪار تي آيو عتاب.

٧- ڀنور، بلبل ڪان ڀنل دل ٻرهه واري ڪر خريد،
خار ڪان خالي نه آهي باغ - دنيا ۾ گلاب.

٨- خوب خوشرنگي بدن، پر دل منديءَ ٻاڪي رنگي،
ٿو ڪري ڪيڙي مٿان ٿو ڪيئن سونهين ڪيمخاب؟

٩- ڪهسب ويسي، خون رنگي بند بهتر بند ۾،
شال ڪنهن شوقين لاءِ نڪري نه شيشي مان شراب.

١٠- ٿي محل ماڙيا اندر محلات جي راڻي رهي،
ماهتابي منهن مثل ٿي آهه وارن جو نقاب.

١١- هڪ صديءَ کان پوءِ شايد سنڌ ۾ ڪوڪو ڪڙو،
شعر خوانيءَ لاءِ گهرندو شعر 'بيوس' جو ڪتاب.

١١- قناٽي قوم ۾ هڪڙيون رچين رانديون نٽين سر بيون،
ڪري جو جوڙ ٿنهنڪي ٿوڙ ۾ صرفو وري ڇاجو؟

١٢- ڪليشن ياڪ عيشن ۾ جي هڪ آهين ته حق آهين،
جتي پي جاءِ ڏين جاني خوشي خطرو وري ڇاجو؟

١٣- سگهي ٻاٽي نه بد جاٽي، وري واٽي جتان ورچي،
جو روشن ٻاڻ ٿنهن ٿي جاڻ جو جلوو وري ڇاجو؟

١٤- ملڻ جي آسري 'بيوس' حياتيءَ کي هلايان ٿو،
رهي جي آس اٽهوري اندر ناانو وري ڇاجو؟

١١- شڪل ڦيرو آهه پر خود جسم ٿئي پيدا نه ناس،
ظاهري فانيءَ اندر ڪنهنجي ٻڌا؟ سمجهي ڇڏيو.

١٢- ليڪ جن ليکن ٻڌائي سي ته، بي مقدار ها،
ڏيکه آئي ليڪ ۾ ڇا ڪان پيا؟ سمجهي ڇڏيو.

١٣- بي صفت ليکو ته ڪٿي ٿي سگهي ٿوءِ نه پيو،
پر اچي ٿو ليڪ ۾ ڪئين جا بجا؟ سمجهي ڇڏيو.

١٤- ڏرسنيءَ کي ڏرسنيءَ جي سامهون رک ۽ نهار،
ايڪ مان ڪئين ٿو ٿئي بي انتها؟ سمجهي ڇڏيو.

١٥- بنس پوريءَ ۽ سنشينءَ ۾ ڦوڪ ڦوڪي پاڙ ٿو،
ورنه 'ببوس' جي سخن ۾ آهه ڇا؟ سمجهي ڇڏيو.

٩. عشق جي اوگهڙ ڏسي

١- عشق جي اوگهڙ ڏسي ٿيو ٻي حجابيءَ کي حجاب،
ناس ٿو ڪيندو ڀڄي ٿو نينهن وارن کان نقاب.

٢- ڪُول اک ڏس هوندي هاڻي پوءِ نينڊ پوءِ ٿي،
هر سمي حاضر حضوري، وقت جو ڪهڙو حساب؟

٣- سونهن سڄ هر چيز ۾، هر چيز پوڄا يوڳ آهه،
ديد کي ديدار هرجا، سرت لءِ هرجا ثواب.

٤- چوچڪيءَ مان چڙ ڪچوڙي اي طلب! ٽڪڙو ڀڄين،
جهل سوازي سوال سل: ”هاڻي ڪٿي آهين جناب؟“

٥- مان رهان جي تو اندر ٿو، تون به ٿو مون ۾ رهين،
مون بنا تنهنجو رهڻ پڻ آهه، جو ڪي ۾ جناب.

٦- نام روپي، روپ روپي، خال چهري نور ٿي،
هن عجب ڊونڊ رچنا ڪئي رچائڻ ٿا شتاب.

٧- ڏن خزاني خاص مان چنتامڻي آئين ڪٿي،
شمع هن روشن عجب هوندي نه ڪر خانو خراب.

٨- پاڻ خود پرماتما ۾، ڏار هن سنسار ۾،
هن آمر جيوت جي جڙ تي ڪال ڪئن ٿي ڪامياب؟

٩- ڍهل دل دڪ دڪ ڪري ۽ خون ناڙين ۾ نچي.
سانس ۾ سرندا وڄن ٿا ۽ رڳن اندر رباب.

١٣. چا ڪندي تدبير

١- چا ڪندي تدبير اُت، جت سخت دل صياد آهه،
بلبلين سان باغ ۾ اڄ اَڻ پڇو بيداد آهه.

٢- بوند شبنم ۾ ڏسو نقلي حياتيءَ جو قصو،
زندگي لحظي اندر آباد ۽ برباد آهه.

٣- خاص لاڳاپو ٽڙي جو عشق عاميءَ ۾ اَزَبو،
بسو، بدن، دنيا بنهي جي بند ۾ آزاد آهه.

٤- مرم جي پردي مان نڪتي دانهن نازڪ درد جي،
ڪهڙي ڪهڙي تنهنجي هينان اي فلڪ فرياد آهه!

٥- شيام جي مرلي وڄي شيوا مندر ۾ ڏوم سان،
اڄ نه بندرابن سندو اوڏو! اڳيون سو داد آهه.

٦- چشم روشن لاءِ هرجا فيلسوفي ٿي نچي،
عينڪي اَک لاءِ مگر ڪيڏي ڪتابي واد آهه!

٧- ڪر سان قولا ڪجي هرهند شيرين ٿي ليي،
پر اسان ۾ توجهو جذبو ڪٿي فرهاد! آهه؟

٨- خوش لقا دنيا جي منهن تان لاهه دک درسي نقاب،
رسک درس لاءِ حوُر دنيا دلربا دلشاد آهه.

٩- چا سندس تشبيهه 'بيوس' ماهِ تابان سان ڪجي،
روءِ خوبان عاشقن لاءِ خود خدا آباد آهه.

---

١١. بره جي بازار

١- بره جي بازار ۾ ڪر بي خريديءَ ڪي خريد،
بي تعلقدار لاءِ ٿئي نا اميديءَ مان اميد.

٢- جن ڏنا چت ۾ چٽا چوڏهن طبق روشن سدا،
چنڊ ڏسندي ڪين ٿئي تن عرش وارن لاءِ عيد.

٣- گنج خانا گپت غئبي خاص کولڻ واسطي،
آهه قدرت ڪان مليل ڪامل ڪويسر ڪي ڪليد.

٤- جئن ڏسن تئن تئن سڪن، جئن جئن سڪن تئن تئن لڪن،
عشق وارن جا وري هي عبرتي آهن عقيد.

٥- همرزن آهن سراسر ساهميءَ جا پڙ ٻئي،
پر پنيان همدرد ڳوڙهن، مت متان خون شهيد.

٦- ڪي زمانا سوُنهن جي سرُدار سان سيني اندر،
وصل جا ماڻيا مزا مون، پر نه دل ڍاپي نه ديد.

٧- خود وسارو، تنگ نظري، ضعف دل ٿارڻ جي لاءِ،
طب طلب مان نيمهن جا نسخا ڪديا ويا چيد چيد.

٨- شور هل بلبل نه ڪر، بلڪل نه غل گل ٿي رسي،
ياد رک فرياد وارن لاءِ اڃا بستان بعيد.

٩- پريم جي پاڇي پوڻ تي خوش لڳي ڪارو، ڪتو،
پيار ڌاران بي رساءِ بي ڇسا مال و مليد.

١٠- ٿوڏ پڻ ڏيندڙ ڏسي، 'بيوس' نه سڪ شرڌا ڏسي،
آهه سو مردود مرشد پاڻ مايا جو مريد.

---

١٥. منهن مٺيا مشتاق ۾

١- ڦڪندي ڦرندي رهي ٿي منهن مٺيا مشتاق ۾،
جئن رهي لالڻ لائي ٿي شفق آفاق ۾.

٢- تو ڀڃڻ ڀرين پڇي هيٺي هندان، هيٺي هتان،
ڏس خطابي جي خطا آخوند جي اخلاق ۾.

٣- سپ نه سهيڙي سمنڊ جي ٿي ڪنهن سمي درياه دلي،
ڇپ ڀسائڻ لاءِ نت آسون رکي افلاڪ ۾.

٤- ٻج ڦٽا هرگز نه سي جي مخملي تهه تي ڪريا،
ٿيا سلا ساوا جڏهن پيا بيخوديءَ جي خاڪ ۾.

٥- بدتميزيءَ سان ڇڙواڳي ڪري ٿي ڇيڙڙو،
ٿو ڪري نوڪرءَ لوفر اَڪثري اوطاق ۾.

٦- ٿيو هنرءَ قدر وارن لاءِ ڪيرو ڪيميا،
پر نڪو، نفرلي ناقص نظر ناپاڪ ۾.

٧- هوءَ ڪري گپ چڪ ڪري، پر هوءَ ٻڪي موتيءَ مثال،
آهي هي ڪهڙو تفاوت ميٺن ڦڙءَ ماڪ ۾؟

٨- "جي حضوري" ڪان نه هٿندو ڪم لياقت لالچي،
مانَ لءِ غيرت نه رهندي حرص جي هيراڪ ۾.

٩- جي نه ڪاٺ تا جنڻ لءِ، پر جنن تا ڪاٺ لءِ،
تن جي لءِ 'بيوس' برابر خوشدلي خوراڪ ۾.

١٤. دل جي مندر ۾

١- گيت ڳِهڙُ دل جي مندر ۾ پريم پوڄا واسطي،
ساڻ ڪڻ شرڌا ڦلن مٺ ڀوڳ، پيتا واسطي.

٢- من ملي مهراج ڪي محتاج جي احتياج ۾،
ڳول ڪا دردي دکي دل شيام شيوا واسطي.

٣- ڪانگ دنيا تي نه هڻ هيري ڪٽي چنتامڻي،
دم ملي و آدم ٻڌئين آتم اُمتا واسطي.

٤- منجهه نه مذهب مختلف ڪان گهڻ اندر گهبرائجي،
باغ دنيا جا جدا گل سونهن سوڀيا واسطي.

٥- نين ڀٽي لو لڙت ڏسين مون جڏهن ٻُوليون ٻٽي،
آهه بينائي برائي چشم بينا واسطي.

٦- چاهه ڪيري چوٽ ٿان قبري ٿي ڪوٽان ڪوٽ ۾،
آهه خواهش ۾ خرابي موت منشا واسطي.

٧- هر روش اندر هوس، ڏر ڪار زر هر ڪار ۾،
تو بنا هر چيز دنيا چاهه چنتا واسطي.

٨- ڏيد دوري ٿي ڀسائي، پر نه ويجهڙ لي ڏهي،
ڪونه تو دارُون سجهي، هن بند موتيا واسطي.

٩- لال اندر لعل هو، لالن لڪائي ڪٿن سگهي؟
آ اچل آنند جي ٻيو نانءُ مايا واسطي.

١٠- دائري امڪان ڪان تون لامڪانُ ٻاهر رهين،
آهه آڪيرو نه ڪنهن ٻي جاءِ عنقا واسطي.

١١- گهرُ نه هرگز، گهرج اندر ناقصائي جو نشان،
فڪر 'بيوس' ڪر فنا طلب و تمنا واسطي.

١٧. سدا مشهور عالم ۾

١- سدا مشهور عالم ۾ جفا تنهنجي وفا منهنجي،
حقيقت ۾ مگر آهي وفا تنهنجي جفا منهنجي.

٢- هزارن چشم روشن ساں، اچين تارن سنارن تان،
تڏهن ٻي دل ڪدورت کان نه ٿي آهي صفا منهنجي.

٣- نمڪ تنهنجو سدا کائي، نمت تنهنجي نه ڏيان پائي،
جڳت ۾ آه هيءَ جائي سخا تنهنجي خطا منهنجي.

٤- ڪريو سينگار سو سائين، ملڻ لءِ هوت هر ڪائين.
نه پيرو پرانڊر پائين ڏسي گهت چاهنا منهنجي.

٥- شڪاري شوق ٿيو پيدا لٽا سر سي زبانن جا،
اڀايا تو نه مون ماريا، ديا تنهنجي هيا منهنجي.

٦- سڪن ۾ صاف وسري وئين، دکن ۾ ياد مس مس پئين،
تڏهن ٻي ڏات ڏاتر ڏئين طبع جي ٻي حيا منهنجي.

٧- ڪهان ڳهٽي گهٽي سهٽي، رهان رهٽي مگر سڪٽي،
وڏائي وهم جي وهٽي ٿي 'بيوس' واسنا منهنجي.

١٦. محبتي مشتاق

١- سنگ ۾ سودا، چير دل ۾، آه سينو چاڪ لاءِ،
ٿي مڃي ڪيڏي مصيبت محبتي مشتاق لاءِ!

٢- پيڙ ڏاران پيڙ ناهي، پيڙ بن ناهي خمير،
بن خميري ناهه شيرو، درد آه دل پاڪ لاءِ.

٣- چت مٽي، چنتن مٽي، چنون مٽي، چيتن مٽي،
تا چون چؤ چيچ مٽي چمڪي چڱي چالاڪ لاءِ.

٤- وڌ نهي واهڙ نهي، ساهڙ سبب سائر نهي،
هيبچ هن ير ناهه ڪا هن ير سنديءَ هيراڪ لاءِ.

٥- ٿي سڄي ساڙيه سان، مارن مٽن سان، ڏيه سان،
هن مٿايو هو نه هرگز لاڪ ڪي پوشاڪ لاءِ.

٦- آءُ منهنجا راج راڻا! آءُ نه ڇاڻان روچ مان،
تو سوا ٿيا پينگ پاٽا خاڪ آهي ڪاڪ لاءِ.

٧- رڻ رتو، راڳو مٽو، ٿيو ڏرتو، ڏوهڻ آئيو،
”جو سڄڻ هن ڪان سبر آهي اندر غمناڪ لاءِ.“

٨- نينهن سان نوري نماڻي پاڻ پٽ راڻي ڪندو،
عرش اوچي تان لهي خورشيد ايندو خاڪ لاءِ.

٩- ڪٿن ڪيڙُ ليلان مٽيوءَ ڪانڌ ڪٿن ڪوتروءَ ڪٽيو؟
ناٿ تي نگجي سٽيو موتي سڄو ڦرڙ ماڪ لاءِ.

١٠- ڪين ڪامل لاءِ قراري تي هزاري لخت مان،
لنهن ڪٿي 'بيوس' ڏناري روح جي خوراڪ لاءِ.

۱۹. سنت ٻگهه

۱- ڏوهه لاءِ اخلاق جهڙو نه ٻيو ڪو اوزار ناهه،
سنت ٻگهه جي لاءِ قاسائڻ مڇي دشوار ناهي.
۲- ٿي وڃي ٿو گهٽ گيڙو رنگ ۾ اڪثر گناهه،
ويس درويشيءَ ۾ نيشانُ داغ جو نروار ناهه.
۳- دام، دگران جي ٻون ٿي پاڪ سيپارا پڙهيا،
هن شڪاريءَ کي، مدبڻ لاءِ دام ٻيو درڪار ناهه.
۴- ڪاڻ ڪانهي ساهميءَ ۾، تور واري ۾ طمع،
فرض ۽ انسانيت ٻي همت ديانتدار ناهي.
۵- نياءَ پڻ ناڻي وڪامي ٿو وپاري راڄ ۾،
ڪورٽون ڪلدار لاءِ، لاچار آ، آچار ناهي.
۶- ٻار آهي پوش ٿڳڙيءَ مان سڄي انصاف جي،
نياءَ جو نيزو مگر پوشاڪ زر مان پار ناهي.
۷- ٿو رهي ڏن رات ششدر، سڪ نه خود سر جو وٿي،
آهه چونڪيدار شاهي مال ٿي، زردار ناهي.
۸- ٻيءَ ۽ ٻيڪي ٿي لٿي لڪ پر نه پراپڪار ٿي،
آهه شاهوڪار رءِ زردار، پر سردار ناهي.
۹- نت رهي سو بندخانو لڙڪ، لوهوءَ سان ٻيل،
عام جي ٻڌسي مٿان جت عام کي اختيار ناهه.
۱۰- مڪت آنند جا ٻکيا، کي مان، ڏن مجنا مُنا؟
لا ٿمنا، بي تعلق ٿي منجهن حقدار ناهه.
۱۱- جنس ٻوڪيل ٿي جمي 'ٻيوس' دنيا جي کيت ۾،
هر خطا لاءِ هر سزا، اسرار آ، سنسار ناهه.

١٨. چرن ڪومل — نيچ نربل

١- تو اَپيءَ شڪتي جي آهيان آد کان آغوش ۾،
گود تنهنجو ڀي تفاوت، پيو تفاوت پروش ۾.

٢- پاڻ خلقي پاڻ مان، مون دانهن دوريءَ کان ڪٿي،
هو نه سپني جي سمي ۾ هوش پوري هوش ۾.

٣- چرن ڪومل، نيچ نربل، نٽرندو وچ ناٽ ڏي،
سر نه پيرن تي پڇائڻ آه داخل دوش ۾.

٤- طوُر جهڙي نورٽي بي سود ٿيا نوَ لک نقاب،
سڀ سچائي اندلت جي هفت رنگي ڪوش ۾.

٥- ڏه ڏسائون ڏينهن کي ٿيون خيال ڪٽنڇڻ واسطي،
هرطرف کان هَرِ اچي اڌ رات جي خاموش ۾.

٦- پرک پرکڻ لاءِ آهي ڪروڙ ڪامل ڪسوٽي،
ماٺيو ماٺوءَ جو جاچي جلد سگهيو جوش ۾.

٧- خام، خيالي بند خاطر "موه مڪتيءَ لءِ" سزا،
غيب پور مان گپت هي آواز آيو گوش ۾.

٨- گرچ رهڻو آه مشڪل خاص سک، دک کان جدا،
پر نصيبن سان رهيو شايد پوي سنتوش ۾.

٩- ذاٽوءَ فائدو وڌندا ڀٽي ويا ويچ ڏي،
جنهن ڏني فتوا ته '**بيوس**' نيش آهي نوش ۾.

٢١. نالو ڪيڏي وڃان

١- جنهن ديد ڪان گسي هتي ديدار يار ويو،
تنهنجو هجرڻ نڪار، اجايو جمار ويو.

٢- مندر مان مس قلم ڪٽي نڪتو هو خار مان،
پن پن مٿان لکي سچو ويدن جو سار ويو.

٣- آيو هو سر ڪٽي سرين سوغاتون هوت جون،
مونکي نه مرڪندو ڏسي موٽي بهار ويو.

٤- چمڪات چٽني پاسي حقيقت جو حيرتي،
افسوس پر اکين مان نه هي انڌڪار ويو.

٥- ظاهر ڇڏي ڪٽي ڪجي باطن تي جي نظر،
ازخود اندر مان هوند هي ڏکجي ڏڪار ويو.

٦- تنهن لاءِ تي ملول ۽ محتاج پيو ڦرين،
وسري دماغ، دل سندو اڄ ڪت پندار ويو.

٧- برڪت پرئي جهان منجهان دعوتون مليون،
ڪاڏي خوشين جو چا لڳي بيحد پندار ويو.

٨- آيو بڻي بهانو منهنجي امتحان لاءِ،
دنيا جي ڪوڙ تان ڪجي سڪتو ستار ويو.

٩- 'بيوس' جڏهن خيال ٿيو 'نالو ڪڏي وڃان'،
خوبيءَ جو خوبرو ڇپي نارڪ نگار ويو!

٢٠ ٿو ٻڌا

١- ٿو ٻڌا معنول نه آهي مصب! ملڪيت مال کـي،
ذن، ٻڌا دل جي، وڌائي جيوتي جنجال کـي.

٢- جنهن سکيا سان راه روشن ٿئي نه تنهنجي راه ڏي،
سا سذاري جي عوض، الٽو ڪري اعمال کي.

٣ نيڪ جذبي جي چٽڻنگ ڦوڪي اُمنگ سان آگ کر،
ڪا سٺي ساعت سنواري ٿي سگهي سو سال کي.

٤- ڀڪ نه مرير ٿي ڀهي هن برڪتي پنهار جـي،
وقت خاصي کـاٺ آهي، ڪوت ۽ لهه لعل کـي.

٥- ڪوبه اهڙو ڪوت ناهي جت نه ڀهڪي درد ٿو،
کشت ڪامل، ڪيمياگر ٿو ڪري ڪنگال کـي.

٦- ويو مري ماضي چئي، ايندڙ وهيڻو آس جـي،
هن زماني ۾ حڪومت آهـ حاصل حال کـي.

٧- موت جي موجودگيءَ ۾ جشن ٿين، جلسا جلوس،
ڪين ليکي ٿـو اندر وارو اَڪالي ڪال کـي.

٨- جن ڪتابي ذرم جهاڳي ڪرم ٿـي قبضو ڪيو،
سـورمـا سـي ديس ڀهنا اُوج ۽ اقبال کـي.

٩- آه پل پل جي پيي ٿـي مُهر تنهنجي مِهر جـي،
ڪا گهڙي گذري نٿي جنهن ۾ پُلائين پـال کي.

١٠- زلف، مڙگان، ابـرو دلبر خود بخود آيـا نظر،
روشنيءَ سان گرچ ڏسڻو هـو رڳو هڪ خال کي.

١١- هرمدائيءَ جي مرض لاءِ خاص 'بيوس' هي علاج،
وهم جـي ٽلوار آڏو فهم جـي ڍال کـي.

محسوس ڪجي

١١- تُنهنجي دروازي تي دلدار دلارا دولت،
هيج، هيٺو ٿيو پوي حال تي حضرت ٻُٽجي!!

١٢- پرت پرتاپ پسڻ لاءِ رچيءِ رنگ رنگي،
قرب تنهنجو ٿو اچي ڪامل قدرت ٻُٽجي.

١٣- ڪشت ڪاليءَ جي اندر آهي ديالُو درگا،
خاص منزل تي پوي رنج ب راحت ٻُٽجي.

١٤- شعر **'بيوس'** جي مٿان پاڻ پرين سمرش ڪر،
تنهنجي ناني سان پوي نظر نزاڪت ٻُٽجي.

٢٢. محب محسوس ڪجي

١- محب محسوس ڪجي مورت محبت بڻجي،
ٿي سڄڻ جاڻ ڀوي صورت صحبت بڻجي.

٢- تڏهن پردو ٿو هٽي جاڻ پريءَ جاڻ اڳيان،
جڏهن اُستاد اچي يار جي صورت بڻجي.

٣- تڏهن ٿو ذڪر زبانيءَ جو رهي ڪونه ضرور،
جڏهن عالم ٿو اچي عامل سيرت بڻجي.

٤- لوٽي اچرج جي اکين سان ٿا تڪن عرش منجهان،
تون ٿو عبرت سان تڪين عرش ٿي عبرت بڻجي.

٥- ساز تي تار پوي پريم جي پولر جل جو،
ٿو لٽل دل تي اچي قرب ڪرامت بڻجي!

٦- تنهنجي نيڻن نه ڏٺا نينهن پريا نرت نشا،
عشق جنهنجو ٿو پوي عيش ۽ عشرت بڻجي.

٧- باق ذ رليءَ تان ويل، بوند بهاري ٿي وري،
ٿو اچي پنهنجو ڏنو ٻاڻ لاءِ نعمت بڻجي.

٨- ٿو ڪٽو ڪيچ ٿئي، سنگ ٿو داڻي مان بڻي،
اي پلا! تنهنجو لهي ڀال ٿو برڪت بڻجي.

٩- نيچ نظرن ۾ بڻي پريم ڀري دُون دنيا،
دل منديءَ ۾ ٿي اچي حور ب هيبت بڻجي!

١٠- جنهنجي پردي ۾ تڪل شام سمهي ٿئي ٿي صبح،
مورت رُوپي ٿي اچي راند سا رحمت بڻجي.

٢٤. ڪير ڪيتر

١- ٿي ٿئي ٿار ٽنبوري جي ٽڪيءَ ٽاڻ ڪري،
ٿار اَنيءُ ٿـي ٿئي محض گهٽيءَ جاڻ ڪري.

٢- ڪٿن نه سهراب جي ديدار لءِ رستم ٿي سڪيو،
ٻيءَ، پٽ سان پيو لڙي ٻوءِ نه اَڻڄاڻ ڪري.

٣- ناھ اَڻ جاڻ چڱي، ناھ چڱي جـاڻ گهڻي،
ٿئي سفر ثـاب وچينءَ وات جي اَڳواڻ ڪري.

٤- ڪوھ ڪرڻ تي چڙهي ڪين رسي ٿو سج تي،
ڪين ڪنهن ٻرِ ڪو ٻجهي ٻرِ ڪي ٿو ٻرماڻ ڪري.

٥- ڪير - ڪيتر ڪي ولوڙڻ سـان مکڻ محب ملي،
ٿو ملي محب، محبت ڪي جي مانداڻ ڪري.

٦- نانهن ۾ آنهن پـريـن، مانهن اندر نانهن مٺا!
پاڻ ٿـا پاڻ کان پنهنجي ٿيون ٻري پاڻ ڪري.

٧- "آءٌ" ٻـاري ٿـي رکي آگ منش منشا ۾،
سبز کيتي ٿـي سڙي ٻاھ ڏنل پاڻ ڪري.

٨- چيز دنيا جـي گران قدر گران ٻـار نہ ڪا،
ماپ، ملھ آھ رڳـو موھ، ممت ماڻ ڪري.

٩- گهرج- گهوڙي کـان طمع- ٻـاز سدا آھ ٽکو،
لوڙ لاڄي نه سگهي ٽنهنجي ڏنل ڏاڻ ڪري.

٢٣. ڪڻ سمر

١- ڪڻ سمر سولو سبر ۽ هل سفر جي واسطي،
وڃڻ مليو سنسار ۾ آهي سمر جي واسطي.

٢- ڪاڻ آهي خود خوشيءَ جي، اَنت آنند جو نہ آهہ،
درد دنيا مان ڪٽي هل دوس در جي واسطي.

٣- پريم جي پاڇي اندر تُو ماٽ ۾ ميوو پچي،
پرت جهڙي چيز ناهي پر پچر جي واسطي.

٤- قيمتي هيري ڪٽيءَ ڪان آهہ قطرو قيمتي،
خون جو، هاريل خوشيءَ سان ٻر پگهر جي واسطي.

٥- ٽي ڏني ويهدي هتان، وڙهي پراڻا واسطا،
ٽيو پلڻ پيڪن ۾ گويا گهوٽ گهر جي واسطي.

٦- عام اک ۾ خام جي اَنکيو ٻٽي جو خار ٿي،
ٿيو نظارو نور جو نرمل نظر جي واسطي.

٧- ٽا لين جنهن سمنڊ جي لهرين منجهان موتي سچا،
تو ڏهي سو رات جي پوئين پهر جي واسطي.

٨- بحر وحدت ۾ وڃي جي وِيَر وِيُن ور چڙهيا،
سي ڪندا سعيو وري ڪهڙو ڪبر جي واسطي؟

٩- دور دنيا جو ڦري ڪهڙي مرض جي تو مثال،
ٿي ملي 'بيوس' دوا اُلٽي اثر جي واسطي.

٢٥. وسريل وائي

١- ڪنهن طرح سان مونکي وسريل ياد جي وائي اَچي،
سون ٿامي مان ڪرڻ لِءِ ڪار ڪيميائي اچي.

٢- ڄاڻ ڄاڻل ٿان ٻوي جـي ڄامَ اڻ ڄاڻل سندي،
نـوُر نيڻن ۾ نئين سـر، سرت ساڃائي اچي.

٣- اَڻ ڏٺل کي جـي نصيبن سان ڏٺل اندر ڏسان،
هوند هردي ۾ اَٿـل اڻ جيت راجائي اَچي.

٤- جي ڀسان ڀوشن ڀنيان هڪ روءِ روشن يار جي،
دور ڏاڍُ ٽپ ٽئي ڏريان ٿي، پيش پنهنجائي اچي.

٥- سار سٽيءَ کي ٻوي ڪنهن ٻِرِ جي ٻِرجي ڀاڻ ۾،
هوند ونڊر جـي وٽن مـان واهہ واڌائي اچي.

٦- پير هڪ، پلڪار وانگر جي رهي مرڪز مٿي،
پير ٻئي سان ٻـڙ ڦرڻ ۾ ڪين اَڙڪائي اچي.

٧- جي ڀسان خاڪيءَ ۾ باقي، ۽ فـنـا اندر بقـا،
مڪت ڪان سنسار بند ۾ سرس سرهائي اچي.

٨- جي نظر نقطي ٿان هٽجي، پٽي وڃي ٽڪي مٿان،
غين غلطائي وڃي، ۽ عين اوُچائي اچي.

٩- ٻر بدر جي ڀاڻڪي 'بيوس' اکين جي اک ڀسي،
ختم ٿئي ڏسندڙ ڏسڻ، لنگال تنهائي اچي.

١٠- سو محبّت جا منڪا تـــو خوشيءَ ساڻ سهي،
جنهن رکي آه سسي ســوز جي سانداڻ ڪري.

١١- عرش اُوچي لي فرشتن جـي مجالس ۾ وڃي،
ٿي سچاپي مـــان سگهيس آدم اُهڃاڻ ڪري.

١٢- تــه سياري ۾ بـــ ســا سوڙ سجهايل سهٽي،
ڪين 'بيوس' ٿــي ڏني موج ۾ مهراڻ ڪري.

ڪنجي

گنج خانا گپت غيبي خاص کولڻ واسطي
آهه قدرت کان مليل ڪامل ڪويسر کي ڪليد.

قدرت پورن شاعر کي ڪنجي ڏني ٿي، جنهن سان هو عام اک کان لڪل گيان جا خزانا کولي ڏيکاري ٿو. شعر پيوس سمجهڻ لاءِ جا ڪنجي ڪبي سا هيٺ ڏجي ٿي. ڪارڻ يا سبب ٽن قسمن جو آهي.

١. مُول ڪارڻ

هن کي آدي ڪارڻ يا مسبب السبب به چئجي ٿو. هي مها ڪارڻ آهي؛ هي ڪرتا ڪارڻ يا سڀني ڪارڻن جو آخرين ڪارڻ آهي. هن ۾ هر ڪو ڪارڻ وڃي پنهنجو آخرين دنگ ڪري ٿو. اُتي پڇڻ ٿي، ڇو؟ ڪي ڪو به جواب نٿو ملي. هو آخرين جواب آهي سلسلي وار سوالن جو آخرين جواب.

مثلا جڏهن چئجي ٿو ته "مومل جو راڻي سان پيار هو" تڏهن مومل جي سڀني جفائن يا قربانين جو جواب اچي ويو. وڌيڪ ڇو؟ پڇڻ جي ضرورت ئي جاءِ نه ٿي رهي. اهو معلوم ٿي ويو ته اڳتي وڌيڪ پڇڻ جو ضرورئي نه رهيو. اُو مڪمل جواب آهي.

٢. موجود ڪارڻ ٣. مچائيندڙ ڪارڻ

ليليءَ جي منهن تي برندڙ مصالح لڳل آهي، جو آهي موجود ڪارڻ. ليلين ٻڙي جي پاسي تي به ٻاريندڙ مصالح لڳل

ڪليد = ڪنجي ڪامل ڪويسر = پورن شاعر.

٢٦. دَرَ تي دلبر

١- چشم تِرِ، دل منتظر، نيڻ نظر سان ڪير آهه؟
آهه دروازي تي دلبر، در ڪلڻ جي دير آهه!

٢- شوق مان شادي رچي راڻو نه مومل سان مليو،
خاص خلوت گاهه ۾ پاڻ نه پياري پير آهه.

٣- سڪ ڪيو سوگهو سڄڻ جي ڪين ڇائنس تان ڇُري،
پختگيءَ سان پير ۾ پيل نينهن وارو نير آهه.

٤- محبتي مرليون وڄائي هوت هر ڪائي رهيو،
گهوٽ لءِ گهر ۾ گهڙڻ جو هي رڳو هڪ گهيڙ آهه.

٥- وير واجب تو نه جاتي ڀرهه ۾ ٿي عزتي،
ٻڪ هٿ باقي نه جو ٻاهر گجندڙ شير آهه.

٦- تاج ۽ تلوار سلطاني ٻئي ٻاهر رکي،
سوڪڙي سر تي ڪٽي آيو گلن جو ڍير آهه.

٧- سرو شڪنيون تي هِت در نه ڪڙڪائڻ گهري،
حاڪميءَ ۽ عاشقيءَ ۾ فرق 'بيوس' ڦير آهه.

ڪارڻ. انهن جو ميلاپ رچنا ۾ لکين نانءُ ۽ لکين روپ آڻي ٿو، جو گڻ سڀاءُ ۽ ڪم ۾ ڪارڻ جي گڻ سڀاءُ ۽ ڪم کان بلڪل نرالو نرالو آهي.

آڪسيجن هڪ گئس آهي جا ٻرڻ ۾ مدد ڪري ٿي. هائيڊروجن به هڪ گئس آهي جا پاڻ ٻري ٿي. هنن ٻنهي جا گڻ، ڪم نرالا آهن.

موجود ڪارڻ ۽ مچائيندڙ ڪارڻ جي اثر هيٺ اچي جڏهن پاڻ ۾ قدرتي ميلاپ ڪن ٿيون تڏهن پاڻي ٿو ٺهي، جو روپ، گڻ، ڪم ۾ ٻنهي گئسن کان نرالو آهي. هي لکين مرڪب لکين جنم ڪئين ڌاري اچي اوچتو پرگهٽ ٿيو، سو ڪوبه ٻڌائي نٿو سگهي.

سائنس يا وگيان چوي ٿو ته ائين آهي، پر سبب هو به سلي نه ٿو سگهي. هيءَ آهي اَپار ليلا جنهنجو پار ڪنهن نه پاتو. هيءَ آهي بي اَنت رچنا جنهنجو اَنت ڪنهن نه جاتو. هيءَ آهي انروچني مايا.

شاعري زبان ۾ مول ڪارڻ جي نوراني چهري تي هي ٻه سهڻا خال ڪري چون.

"نار روپي، روپ روپي خال چهري نور تي،
هن عجب دونند رچنا کي رچائڻ ٿا شتاب."

يا چون ته هيءَ رچنا يا مايا آهي محلات، جنهن ۾ محلات جي راڻي ٿي رهي؛ يا چون ته هي مها سندر مهانديءَ يڪڙا لاءِ وارن جو پوش آهي.

ٿي محل مايا اندر محلات جي راڻي رهي،
ماهتابي منهن مٿل ٿي آهه وارن جو نقاب.

آهي، جو آهي مڇائيندڙ ڪارڻ. ليلي پاسي تي گهڻ سان ٻري ٿي. يعني نتيجو نڪري ٿو باهه. باهه هڪ نرالو روپ ۽ نرالي طاقت آهي جا موجود ڪارڻ توڙي مڇائيندڙ ڪارڻ ٻنهي مان ڪنهن ۾ نه ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ نه ڀاسڻ ۾.

انهيءَ مان ڏسجي ٿو ته هنن ٻن ڪارڻن جي گڏجڻ سان ڪم ٿئي ٿو. ڪم آهي ڪارڻن جي ميلاپ جو نتيجو. اهو نتيجو پنهنجي ٻنهي ڪارڻن جي الڳ الڳ هستيءَ ڪان گڻ، سڀاءَ ۽ روپ ۾ نرالو آهي.

ٻيو مثال

ع ۽ ب ٻه شخص شام جو نڪريءَ ٿڌي هوا کائڻ وڃن ٿا. ع کي اِها هوا ڏاڍي ڀاءِ پوي ٿي، هو گهر موٽي ٿو ته پاڻکي وڌيڪ تازو توانو ۽ خوش ٿو سمجهي، مگر ب کي اِها ساڳي ٿڌي هوا ڀاءِ نٿي پوي، هو گهبرائڻ لڳي ٿو. گهر وڃي وڌيڪ سياندو معلوم ڪري سوڙين ۾ سمهي ٿو. ڪيس ٻٽ بخار جا چڙهن ٿا. هاڻي ساڳئي ڪارڻ جا ٻه ڌار ڌار نتيجا نڪتا سو ڇو؟ ڇاڪاڻ ته سندن طبيعت نرالي نرالي هئي. ٻنهي ۾ موجود ڪارڻ الڳ الڳ، هوا جن سان ٿڌيءَ هوا يا مڇائيندڙ ڪارڻ ملي علحدا علحدا نتيجا ڪڍيا. ب ۾ موجود ڪارڻ هو بيماريءَ جو ٻج، جو مڇائيندڙ ڪارڻ سان ملي وڌيڪ چست يا بخار پيدا ڪندڙ ٿيو. انهن ٻن ڪارڻن جو ميلاپ نئون نانءُ ۽ نئون روپ ڌاري پرگهٽ ٿئي ٿو.

هيءَ دنيا دونند جي رچنا واري آهي. رچنا جا وسيلا آهي ٻه ڪارڻ آهن. (١) موجود ڪارڻ (٢) مڇائيندڙ

تان اڻ ڏٺل پيو پاسڻ ۾ اچي، اها حالت آهي دل اندر اٿل ۽ اڻ جيت راڄائي حاصل ڪرڻ.

جاڻ جاڻل ٿان پوي جي جام اڻ جاڻل سندي،
نور نيڻن ۾ نمين سر، سرت سماڄائي اچي.
اڻ ڏٺل ڪي جي نصيبن سان ڏٺل اندر ڏسان،
هوند هرڪي ۾ اٿل اڻ جيت راڄائي اچي.

پوءِ ته اڪرن واري نقطي تان خيال کڄي وڃيو جاميٽريءَ واري ٽبڪي تي پوي، جنهنکي ڪو مقدار ڪونهي تنهنڪري لکي ڏيکاري نٿو سگهجي يعني سرڪڻ تان نرڳڻ ڏانهن رستو کليو پوي. هتي غين پنهنجو مايا ۽ غلطائيءَ وارو نقطو پلائي صاف اوچو عين وڃي رهي ٿو.

جي نظر نقطي تان هٽجي، پئي وڃي ٽبڪي مٿان،
غين غلطائي وڃي ۽ عين اوچائي اچي.

اهو ڏسڻ آهي فنا ۾ بقا ڏسڻ ۾ خاڪيءَ ۾ باقي ڏسڻ، جنهن ڏسڻ سان سنسار جي ظاهري نرليپ بندن ۾ نجات پاڪنيءَ ڪان ۽ وڌيڪ رس اچڻ لڳي ٿو، ۽ ڪثرت ۾ وحدت ئي وحدت پيئي پاسجي. جڏهن اک پنهنجي پاڻ کي ڏسي ته ڏسڻ جو کيل ئي ختم ٿيو وڃي، تڏهن ذات وحدت پاڻکي محسوس ڪري سنسار کي سنساري روپ ۾ ڏسڻ ختم ڪري ٿي.

پر بدر جي پاڻکي 'بيوس' اکين جي اکـ پسي،
ختم ٿئي ڏسندڙ، ڏسڻ، تنڪال تنهائي اچي."

اهي وڳيان جي ڏالي نقاب، ٻڌجي مول ڪارڻ جو مها
سندر منهن ڍڪيو ڇڏين ٿا.

ڍڪيو ڇڏين هن سنساري اکين کان جي پردي پنيان
جيڪي وسي ٿو سو ڏسي نٿيون سگهن. پر جڏهن مشاهدو
ماڻيندڙ ٽين سرت جي اک کلي ٿي، تڏهن پردي پنيان
جيڪي آهي تنهنجا پرون پڌرا پورا لڳن ٿا.

تجلي طور ظاهر هي رخ پر نور دلبر سي،
چهپيگا ڪب نقابون سي رکين گر لاک ته ته ڪر.
(سانگي)

پوشن ۽ پردن جي لڪن تهن پنيان به دلبر جو مهانڊو
آب تاب سان چمڪي رهيو آهي. اهو چمڪو جڏهين
مشاهدي جي ٽين روشن اک ڏسي ٿي تڏهن بي اختيار
چيو ڏئي.

ٿو ٻکي پردي پنيان ڪنهنجو لقا؟ سمجهي ڇڏ،
سرت آڏو ٿو اچي ڪنهنجو سما؟ سمجهي ڇڏ.

جڏهن پردي پنيان سائينءَ جو سندر سروپ ڏيکاري
ڏيڻ لڳي ٿو، تڏهن ڪوبه ڌاريو نٿو رهي، سڀ ۾ پنهنجائي
واري پريتي پئجو وڃي.

”جي پسان پوشن پنيان هڪ روءِ روشن يار جو،
دور ڌارائپ ٿئي ڌريان ۾ پيش پنهنجائي اچي.“

نيڻن ۾ اهڙي نه نوراني روشنائي اچي واسو ڪري، ۽
اهڙي نه سرت سالم ٿيو پوي جو جاتل تان اڻ جاتل ۽ ڏٺل

ڪنجي

مَنڊل ڪٽيندا وتن تارا جڳن کان خال ۾ ڪرندا،
جتي هر جاءِ مرڪز ٿيو اُتي گهيرو وري ڇاجو؟

ستارن يا آسماني جسمن جي ڄاڻن علم نجوم (هيئت) ٻڌايو آهي ته آسمان فقط اسم آهي ۽ نه جسم. آسمان ڪي ڇت وانگر يا گنبذ وانگر ڪابه هستي نه آهي، اوُ نه پاڻ ڪا شيءِ آهي ۽ نه ڪيس ڪو رنگ يا روپ آهي. نيرو جهڪو رنگ جو ڏسڻ ۾ اچي ٿو سو به ڌرتيءَ جي غبارن جو رنگ آهي. "آسمان ٿي پيهڻ" انهيءَ چوڻيءَ کي ڪا معنيٰ ڪانه آهي.

آسمان نڪي ڪي ڪجهه آهي، نڪي ڪٿي وڃي آخرين ڏنگ ڪري ٿو. هوُ ٻي انت خال يا پولار آهي جنهنجي نه ڪٿي شروعات آهي ۽ نه ڪٿي پڇاڙي. سندس مرڪز سڀ ڪنهن هنڌ آهي. سندس گهيرو ڪٿي به ڪونه آهي. تيز اڏامڪ عنقا لاءِ هن خال ۾ ڪٿي به آکيرو ڪونهي.

"دائري امڪان کان ٿون لا مڪان ٻاهر رهين،
آهه آکيرو نه ڪنهن ٻي جاءِ عنقا واسطي."

هڪ خيالي تيز اڏامندڙ گولو ٺا وٺون، سمجهو ته اهو گولو هڪ سيڪنڊ ۾ ڪروڙين ميل اڏامندو پيو وڃي.

اهڙو گولو ڪيترن جڳن جا جڳ، ڪيترن زمانن جا زمانا پيو اڏي، ڪيس ڪڏهن به ۽ ڪٿي به اهڙي آخرين حد اڏو نه ايندي جتان سندس اڏامڻ ۾ روڪ پوي. نه رڳو ايترو پر جڏهن به، جتي به، اهو گولو پهچندو اتي انهيءَ لامحدود خال جو مرڪزي مرڪز هوندو!

آسمان ۾ جي اڻ ڳڻت تارا ڏسجن ٿا، جي اڻ ڳڻت تارا

هيءَ ٽين مشاهدي جي نظر يا انيئي اک جڏهن کلي پوي ٿي يا جڏهن چشم بينا واري بينائي کلي ٿي تڏهن هنن بن مجازي يا سنساري اکين وارو ڏسڻ هڪ وڏي رنڊڪ يا ٻچڙائي معلوم ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته اُنهن سان اسان حقيقت جي برخلاف پٺي ڏنو آهي، جا حقيقت ۾ وحدت هئي سا ڪثرت ٿي ڏسڻ ۾ آئي. ريل گاڏيءَ هلندي اکيون ڏسنديون آهن ته آسپاس جا وڻ پيا ڊوڙن. حالانڪ ڊوڙندي سندس گاڏي آهي. ڌرتي پنهنجو روزانو ڦيرو سج جي چوڌاري پيئي ڪري، پر هنن اکين سان ڦرندو سج ڏسبو آهي ۽ نه ڌرتي. جيتوڻيڪ مجازي اکين سان ڪڏهن به ڌرتي ڦرندي ڏسي نه سگهبي، تڏهن به علم هيئت جي اک سان اهو يقين سان ڏنو اٿئون ته ڦري ضرور ڌرتي ٿي. عام اک وارو هي ٻئي اکيون بند ڪري گويا ٽين پٺي سج ڏسي ٿو، جنهن اڳيان دنيوي بن اکين وارو ڏسڻ ٻرائي ڇئبو.

> **تين پٺي تو ترت تڏهين، مون جڏهن ٻوٽيون ٻئي،**
>
> **آهــہ بينائي بـــرائـــي چشم بـــيـــنـــا واسطي!**

بيءَ ست جي ڀرين بينائي ظاهري ڏسڻ آهي، بي چشم بينا سان حقيقت ڏسڻ آهي.

پر هنن رواجي بن اکين سان جيڪي ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ مشاهدي ماڻيندڙ چشم بينا سان جيڪي پاسڻ ۾ اچي ٿو، سو آهي ڇا؟

ڀريون آهي ڏنل يا ڄاڻل سنسار، ٻيو آهي اڻ ڏنل يا ڏسڻ جي ڀيچ کان پري ۽ اڻ ڄاتل يا ڄاڻ جي ڀيچ کان پري ڪا حقيقت يا پورن سچائي، سنسار ڇا آهي؟

ڪڏهن ان انيڪ ٿيا!

جنهن برهمانڊ ۾ هر هنڌ مرڪز آهي، تنهنجي استان ڪنهن خاص مقدس هنڌ تي، ڪنهن خاص عبادتگاهه ۾، ڪنهن خاص تيرٿ استان تي، ڪنهن خاص ڌام ۾، ڪنهن خاص ڌيوريءَ ۾، ڪنهن خاص خيالي آڪاس ۾، ڪنهن اوچي کان اوچي لوڪ ۾، ڪهڙي به بالاڪنڊ ۾، ڪهڙي به عالم بالا ۾ ٿي سگهي ٿو؟

ٿيڻي نه آهي.

ساريءَ خلقت جي پيٽ ۾ اسانجي سڀ ڌرتي هڪ واريءَ جي داڻي مثال به نه آهي.

تنهن ننڍڙيءَ ڌرتيءَ جو ڪو ننڍڙو ملڪ، تنهنجو به ڪو خاص ننڍڙو فرقو ڇا ٿي سگهندو ڇا ته ساري جهان جو والي منهنجي ڪنهن ڌرمي پستڪ ۾، ڪنهن مذهبي پاڪ ڪتاب ۾ واڻي يا الهام يا ڪلام پاڪ جي صورت ۾ سمورو ۽ هميشه لاءِ سمائجي ويو آهي؟

ٿيڻي نه آهي.

هن ڪي ڪو به ڌرم يا مذهب، ڪو به فرقو يا پنٿ، ڪو به طريقو يا مت خاص پيارو ٿي سگهي ٿو ڇا؟

ٿيڻي نه آهي.

”اَروپا! روپ مندر ۾ جلائي پريم جي اگني،
ڏيڻ لءِ آپ آهوتي، رچين دل جا دئارا ٿـو.“

اَروپ آهي بنا شڪل، بنا رنگ، بنا وصف جي جاميٽريءَ جي نُڪتي وانگر ڪيس ڪو به مقدار نه آهي، ڪيس ڪو به نُڪتو جو هنڌ نه آهي. سندس نشان ڪيئي ڏيکاري نٿو سگهجي، هو نرگڻ، نرليپ، بي چون، بي مثال

سجهن ٿا، جي اڻ ڳڻت تارا اڇا غبارن (نيبولاز) مان ٺهن ٿا، يا پيا ٺهندا، سي سڀ سج آهن.

ڌرتيءَ جي سج وانگر هر هڪ کي پنهنجا منڊل آهن. اسانجي هڪڙي تاري يعني سج کي جيڪو منڊل آهي تنهن ۾ اٺ وڏا ڌرتيءَ جهڙا سيارا، چار سو ننڍا سيارا، ۽ ڪئين پڇڙ تارا شامل آهن. سيارن کان ڪن کي چنڊ به آهن. چنڊ روزاني گردش ۾ پنهنجي چوڌاري ۽ ساليانى گردش ۾ سيارن جي چوڌاري پيا ڦرن. اهي روز ۽ سال ڌار ڌار عرصن جا آهن.

سيارا به پنهنجي چوڌاري ۽ سج جي چوڌاري گردش پيا ڪن اهي پڇڙ تارا ۽ سيارا سج کان نهايت دور دور مفاصلن تي آهن.

هاڻي لامحدود اپار خال يا پولار ۾ تارن کي به هڪ هنڌ کپ ڪوڙي بيهڻ يا ٽڪڻ جي جاءِ ڪانهِ آهي.

اهي سڀ اڻ ڳڻت تارا پنهنجي پنهنجي منڊلن سميت خال ۾ ڪرندا بيحد تيزيءَ سان ڀڄندا پيا وڃن.

اڪالي ڪال (Timeless Time) يا بي انتها وقت کان سڀ آسماني جسم بي حد تيز رفتار سان پيا ڪرندا وڃن، پر ڪيڏانهن؟ سو پتو نه آهي. اهڙو لامحدود، اپار، بي انت آهي برهمانڊ، جگتر يا سنسار، سرشٽي چئون، رچنا چئون يا ليلا چئون يا خلقت چئون، يا هڪڙو لفظ "مايا" چئون. اهڙيءَ اپار رچنا جو رچيندڙ، اهڙي بي انت برهمانڊ جو برهم، اهڙي بي انت مايا جو مالڪ، اهڙيءَ اننت سرشٽيءَ جو سرجڻهار، اهڙي لامحدود خلقت جو خالق به ڪو ٿي سگهي ٿو؟

ڪنهي

ٻڪا ڪيئن ٿيا؟ واحد مان جمع! ايڪ مان انيڪ ٿيا! ڪيئن؟ ڪوبہ جواب ڪونهي؛ ائين آهي.

وري اچون ٿا ليڪ تي، ليڪ آهي ٻڪن جي ٿهيل، ليڪ کي ڊگهو ڊيگهہ آهي پر نہ ڪا ائس ويڪر نڪا ٿولهہ، يعني ليڪ سليٽ يا پني يا بورڊ تي ڪڍي نٿي سگهجي.

ليڪ ٺهيل آهي ٻڪن. ٻڪي کي ڊيگهہ ڪانهي، جي هڪ ٻڪي کي ڊيگهہ ڪانهي، تہ لکها ٻڪن کي گڏجي بہ ڊيگهہ ڪانہ ٿيندي. جو گڻ پاڳي ۾ نہ آهي سو سڄي ۾ ڪٿان آيو؟ سو هن ليڪ ۾ ڊيگهہ ڪٿان آئي؟ ڪوبہ جواب ڪونهي؛ ائين آهي.

ليڪ جنهن سطح تي بهي ٿي، ان سطح تي ڪيترين بہ ليڪون ڪڍي سگهجن ٿيون. هڪ چورس سطح مٿاچرو وٺو. ان ۾ هڪ ٻئي سان لڳ هڪ انچ ڊگهي ليڪ جو نشان ڪندا هلو. سڄو مٿاچرو وٺو. ان ۾ هڪ ٻئي سان لاڳيتين ليڪن مان مٿاچرو وجود ۾ آندو.

هاڻي مٿاچري جي وصف آهي تہ مٿاچرو اهو آهي جنهن کي ڊگهائي ۽ ويڪرائي آهي.

جن ليڪن ملندي مٿاچرو ٺهيو، تن مان ڪنهن بہ ليڪ کي ويڪرائي ڪانہ آهي. پوءِ مٿاچري ۾ ويڪرائي ڪٿان آئي؟ ڪوبہ جواب ڪونہ آهي، ائين آهي.

انهيءَ ريت مٿاچرا مٿاچرن سان ملندي ٿهرائي ٺهي ٿي، جنهن ۾ هڪ نئين شيءِ ٿلهائي اچيو پرگهٽ ٿئي.

اهڙيءَ طرح ايڪ مان انيڪ يعني وحدت مان ڪثرت ٿئي ٿي ۽ اروپ مان روپ پرگهٽ ٿين ٿا. ڊيگهہ، ويڪر، ٿولهہ ڪٿان آئي تنهنجو ڪوبہ جواب ملي ڪونہ ٿو سگهي. اها آهي بي بياني يا انروچني مايا. هن سڄي سنسار جو مول

ـ ميٽريءَ جي سڀني ليڪن، شڪلين، سطحي شڪلين، سڀنهي شڪلين جو اهو ٽٻڪوئي بنيادي ڪارڻ آهي ۽ انهن سڀني ۾ هرجاءِ حاضر يا سرووياپڪ يا محيط ڪل آهي.

هاڻي سوال ٿو اٿي ته، اَروپ ڪيئن آيو روپ منڊل ۾، نرگڻ مان سرگڻ ڪيئن ٿيو؟ ايڪ مان انيڪ، بي وصف مان وصف وارو ڪيئن ٿيو؟

”بي صفت ٽٻڪو ته هڪ ئي ٿي سگهي ٿو، ۽ نه ٻيو،
پر اچي ٿو ليڪ ۾ ڪئن جابجا؟ سمجهي ڇڏيو.“

جاميٽري وارو ٽٻڪو جنهنکي نه آهي ڊگهائي، نه ويڪرائي، نه ٿلهائي، يعني جنهنکي ڪو به مقدار نه آهي، يعني جنهنجي وصف بي وصف آهي، جنهنکي ڪو روپ يا شڪل يا ٽڪڻ جو هنڌ ڪو نه آهي، جو ڏسي نٿو سگهجي، سو ٽٻڪو عدد ۾ رڳو هڪ ٿي سگهندو ۽ نه هڪ کان وڌيڪ. سو ليڪ ۾ هرهنڌ ڪيئن ٿو اچي؟

هڪ انچ ڊگهي ليڪ وٺو. ان ۾ تمام سنهڙي منهن واريءَ سئيءَ سان شروع کان آخر تائين هڪ ٻئي سان گڏ ٽٻڪا نشان ڪندا هلو. ان مان معلوم ٿو ٿئي ته ليڪ ۾ هرجاءِ ٽٻڪو موجود آهي يعني سڄي ليڪ گويا هڪ ٻئي سان لاڳيتن ٽٻڪن مان ٺهيل آهي. گويا ٽٻڪي مان ٽٻڪا ٿيا، ۽ ٽٻڪن مان ليڪا.

”ليڪ جن ٽٻڪن ٻڌائي سي ته بي مقدار ها،
ڏيکه آئي ليڪ ۾ ڇا کان پيا؟ سمجهي ڇڏيو.“

ٽٻڪو هڪ ئي ٿي سگهندو سي ليڪ ۾ هرجاءِ حاضر رهي،

سچ جو اظهار آتما يا روح ۾ ٿئي ٿو.
سرشٽي نيم جو اظهار دماغ ۾ ٿئي ٿو.
سونهن جو اظهار دل ۾ ٿئي ٿو.

اهڙيءَ ريت حق، حقيقت ۽ حسن هڪئي هستيءَ جا ٽي روپ بڻجي روح، دماغ ۽ دل ۾ پاڻ ظاهر ڪن ٿا. آهي هڪ پر پساري ۾ ٽي ٿيو پوي.

”ٽيڏيون پسن ٽي، هونئن آهي هڪڙو.“
(شاهه)

آتما ۾ آهي ست، دماغ ۾ چت، دل ۾ آنند.
ست، چت، آنند جو مطلب اهوئي آهي.

آهي هڪ ست پوءِ اُنکي رڳو چت يا قانون قدرت چئجي يا رڳو پريم مئي يا آنند مئي ڪري چئجي ته به ٺيڪ آهي. ڪي ته سندس هستي رڳو قانون قدرت جي روپ ۾ مڃين ٿا، جنهنکي سائنس جي بنياد تي بدل ڌرم ڪري سڏين، پر هن هڪ هستيءَ جي ڪنهن به هڪ انگ ۾ ٽيئي انگ سمايا پيا آهن ڇو ته ٽيئي هڪ آهن ۽ نه الڳ الڳ. ڳويا هڪڙيءَ ئي هستيءَ جي بيان ڪرڻ جا ٽي روپ آهن، اها سمجهاڻيءَ جي سهوليت لاءِ هڪ رٿ آهي.

”سگهي ٻاڻي نه ٻڌ جاڻي، وري واڻي جتان ورچي
جو روشن پاڻ ٽنهنتي جاڻ جو جلوو وري ڇاجو؟“

وحدت يا برهم کي ٻڌيءَ سان، ٻوليءَ سان، ڪلام سان ڄاڻي نٿو سگهجي ڇاڪاڻ ته انهن کي روشن ڪندڙ ئي پاڻ آهي. خود روشن سج کي ڏيئي سان ڏسڻ مناسب به نه آهي.

ڪارڻ آهي اَروپ ٽيڪو جو رچنا جي روپ منڊر ۾ آيو. جدا جدا شڪلين ۽ نالن ۾ اَنام ۽ اَروپ اچي ويو. ڪٿان آيو سو چئي نٿو سگهجي پر آيو ڀڪ، ڇو تہ جاميٽريءَ جي قاعدن جي سچائي حسابي سچائي آهي، جا اَٽل آهي. اها سمجهائي آهي جاڻل تان اڻ جاڻل تي اچڻ.

پر ڪارڻن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ سان بہ اها ڳالهہ نرنئہ ڪري سگهجي ٿي.

سچ کي سمجهڻ لاءِ پڇبو آهي ڇو؟ يعني سبب يا ڪارڻ پڇبو وڃبو آهي. اهو ڇو؟ ايستائين پيو پڇبو، جيسين سچ تي پهچجي، جڏهن سچ ڳولهي لهبو، تڏهن وڌيڪ ڇو پڇڻ ۾ نہ ايندو.

تنهن مان صاف ظاهر ٿو ٿئي تہ سچ آهي مُول ڪارڻ (ٽيڪو) پر سچ آهي نت ست، دائما حق. (نانڪ هئہ ڀي سچ، هو سين ڀي سچ) تنهنجي ڪهي ثابتي يا ساک يا شاهدي. سرشٽيءَ جو نيم يا قانون قدرت انجي ثابتي آهي. قانون قدرت ٻتائي ٿو تہ ست سچ پچ ست آهي. حق حقي حق آهي. ڪڏهن ٻيءَ طرح نہ ٿيندو.

سرشٽي نيم-مندر ۾ رهي ٿي سندرتا جي ديوي. يا قدرت جي پائي ٿي ٻهاريل آهي حسن جي حور. سڀ سونهن ۽ سوڀيا آهيئي قانون قدرت تي مدار رکندڙ. قدرت جو اَلوڙ قانون نہ هجي تہ جڳت ۾ ڪا بہ سندرتا نہ هجي، ڪو بہ حسن نہ هجي، ڪا بہ خوبي نہ هجي. سيني گڻن ۽ خوبين جو ڪارڻ قانون آهي. جتي قاعدو قانون نہ آهي اتي ڪا بہ خوبي ڪانهي.

انهيءَ سونهن، سوڀيا، حسن جو ٻيو نالو آهي پريم يا عشق يا آنند.

ڪنجي

سڀ رس ڪو خود پدارٿن ۾ ڪونه آهن. پر اهي خود اَپار برهم جا رس آهن. برهم اَپار آهي انهيءَ اپاري انگ جو سپرش (ڇهڻ) ئي رس آهي. ڪائڻ ۾ رس آهي. ڪائڻ جي ڪم کي ڏسو هڪ گرهه ڪائجي ٿو، ان مان سواد اچي ٿو سو انهيءَ ڪري جو اڃا ٻئي گرهه ڪائڻ لاءِ گهرج آهي.

اهڙيءَ طرح ڪائيندا هلون ٿا جڏهن پويون گرهه ڪائون ٿا ۽ اڳتي وڌيڪ گرهه ڪائڻ لاءِ بک ڪانه آهي. ته پويون گرهه محدود ٿيو. پويون گرهه اپار نه ٿيو، اُن کي پار پيو يا انت آيو ته وڌيڪ بک ڪانهي. انهيءَ ڪري رس اچڻ به بند ٿيو.

بيمار کي حلوو ڪائڻ لاءِ ڏبو ته پهريون گرهه محدود رهندو يعني اپار نه ٿيندو ته رس نه ايندو.

اهڙيءَ طرح سڀ اندرين يا حواسن جا ڀوڳ آهن.

جيسين آخر حد آئي يعني پار پيو ۽ اپار نه رهيو ته سواد به بند ٿيو.

اهڙيءَ طرح علم يا گيان حاصل ڪرڻ ۾ به تيسين رس پيو ايندو جيسين اڃا اپاري انگ لاءِ ميدان صاف هوندو.

مايا يا دولت وارن کي به ميڙڻ ۾ ڏاڍو رس ٿو اچي، ڇاڪاڻ ته دولت گڏ ڪرڻ جو آخرين انگ مقرر نه آهي.

سو اپار برهم هرهڪ رس ۾، هرهڪ سواد ۾، هرهڪ مزي ۾ اسانکي پنهنجو پاڻ ڏئي پلپل ۾ ڪرتار اَپار قرباني ڪري رهيو آهي. نه ڄاڻ وارو رس جو ڏيندڙ خود پدارٿ کي ڄاڻي ٿو، مگر ڄاڻ وارو سڀ رس مهارس جو مالڪ اَپار برهم جي سپرش مان ايندڙ انهيءَ ڪري ٿو.

ٻڌي هرچيز ۾ چشڪو ڪري حيران هر ڪائين،
عجائب عيش دنيا ڪان مٺا! موشو وري ڇاجو؟"

”ڪوبہ ڪرڻن تي چڙهي ڪين رسي ٿو سج تي،
ڪين ڪنهن پرڪو پڇي ٻِرڪي ٿو پرماڻ ڪري.

ٿنهنڪري اسين هن کي ڄاڻندي بہ نٿا ڄاڻي سگهون ۽ نہ ڄاڻندي بہ ڄاڻي ٿا سگهون. اسانکي هن ٻي انت اپار جي ڄاڻ روپي اٿاه آڪاس ۾ اڏامڻ کي حد ڪانہ آهي. هن بيحد جي ٻرهمانڊ ۾ اڏامڻ ۾ ئي مهارس، مها آنند آهي.

”ڳوليان. ڦوليان نہ لهان، شال نہ ملان هوت،
هنئڙي ۾ جا لوچ؛ مپڇڻ ملڻ سان ماني ٿئي.“

ساڻس ملندو بہ رهان تہ ملڻ لاءِ سڪندو بہ رهان.

”ڪي زمانا سونهن جـــي سردار سان سيني اندر،
وصل جا ماڻيا مزا مون، پر نہ دل ڍاپي نہ ديد.“
يـــا
”جئن ڏسن ٿئن ٿئن سڪن، جئن جئن، سڪن ٿئن، ٿئن لڪن،
عشق وارن جـا وري هــي عبرتي آهـــن عقيد.“

سو اسين ساڻس ملندا رهون، مڃهس رهندي بہ دور آهيون، ”سوئي ٿوٽي سـاڻ، سوئي ڳولين سسئي“ واري ڪار هليو اچي. هاڻي سوال آهي تہ اسين سندس وصل جا مزا ڪئن ٿا ماڻيندا رهون؟

”مزي جو سار اي سائين اُپاري آنگہ ٿنهنجي ۾،
ڏيڻ سان پاڻ پلپل ۾ ڪرين، ڪرتار قرباني.“

سنسار جي پدارٿن مان جيڪي بہ رس اسين وٺون ٿـا،

اِها ٿي ٻڙيءَ کي ٻڙيءَ سان ونڊ ڪرڻي. نتيجو آهي انيڪ.
جڏهن ÷ = انيڪ.

> ”هڪ نقط جو نظارو ”بيوس“ جهان سارو،
> ڏس تخم جو پسارو نڪري شجر اچي ٿو.“

مٿي ڄاڻايل آهي ته آڪاس جا سڀ بيشمار تارا يا سورج پنهنجي منڊلن سميت بيحد تيزيءَ سان ٻي انت پولار ۾ پيا ڊوڙندا وڃن، اهي جتي به پيا پهچن، اُتي مرڪز ئي مرڪز آهي. ٿوري ويچار ڪرڻ سان سمجهي ايندو ته اُتاهه چڪر ۾ پيا ڦرن.

چڪر آهي گهيرو. گهيري ۾ جتي به ڪو ٽٻڪو ونبو، اهو مرڪز ٿيندو. ۽ ٻيا سڀ سيار، چنڊ ۽ ٻيا تارا به گهيري ۾ پيا ڦرن. خيال ئي خيال ۾ گهيري کي سوڙهو ڪبو وڃبو ته آخر اچي نقطي يا ٻڙيءَ ۾ پڄاڻي ڪندو.

نقطو يا ٻڙي آهي اَروپ، ٽٻڪي جو روپ. پر روپ يا نظارو شروع ٿئي ٿو نقطي کان. ليڪ آهي نقطي جو پسارو، مٿاڇرو آهي ليڪ جو پسارو، نهريون شيون آهن مٿاڇري جو پسارو.

علم ڪيميا (رسائن وديا) اسانکي ٻڌائي ٿي ته جسم يا مادو آهي اَڻن مان ٺهيل. اڻو جسم جو ننڍي ۾ ننڍو ڀاڱو آهي، جنهنکي به ٽوڙي سگهجي ٿو پر جڏهن ايتري طاقت ملي. ڇو ن ته هڪ اَڻي کي جا طاقت ٽوڙيندي، سا سڄيءَ پرٿويءَ کي لوڏي ڇڏيندي! پر اَڻو جسم جي نقطي مثل بنياد آهي. نقطي مثل ٻج جي گول اَڻن مان، ليڪ وانگر سلو ۽ پاڙون نڪرن ٿيون. سلي جو پسارو ٻوٽو يا شاهي درخت آهي. گول بيرج ڦڙي جو پسارو جاندار جسم آهي.

ڪائي لوڪ ٻه ٿو، ڪائي ٻرهم گياني ٻه ٿو. پر ڀوريون وشش يوگ ۾ آهي ۽ ٻيو رام مها رس ۾. ڀورين لاءِ جسماني خوراڪ ۽ ٻئي لاءِ روحاني خوراڪ.

”درسنين ۾ جي وچان ديدن جئين درسن ڪيو، ايڪ مان ڏسندي انيڪي ٿيو متعجب لاجواب.“

ٻه آئينا ٻوريءَ وچوٽيءَ ۾ هڪ ٻئي جي آمهون سامهون رکي ڏسندڙ وچ ۾ نهاريندو ته سندس لاجواب حيرت (آنند) جي حد ئي نه رهندي جڏهن پهنجا انيڪ روپ آئينن ۾ ڏسندو.

ديدون آهن ڏسندڙ يعني مول ڪارڻ. ٻن آئينن مان هڪ آهي موجود ڪارڻ ۽ ٻيو آهي مهائيندڙ ڪارڻ.

مول ڪارڻ اهي ٻئي ڪارڻ پرگهٽ ڪري ٿو. پاڻ وچ ۾ اچي ايڪي مان انيڪ، يا وحدت مان ڪثرت جو درشيه پسي لاجواب آنند ميءُ ٿئي ٿو. لاجواب ڇو؟ ڇو ته ائين ڇو ٿو ٿئي، تنهنجو ڪو به جواب نه آهي.

آئينن جي حالت ۾ سائنس ڇوي ٿي ائين آهي، ڪارڻن جي حالت ۾ رچنا ڇوي ٿي ائين آهي.

سبب ڪي ٻنهي ۾ جاءِ نٿي ملي. حسابي سچائي ٻه ائين ئي آهي. ٽيئي ڪارڻ اروپ آهن.

جاميٽريءَ جو ٻنڪو ٻه اروپ آهي ٻڙيءَ (نقطي) ۾ اچي اَملهه ٿي ٻه ملهه ڌارن ڪري ٿو ليڪ ۾ بي ماپ ٿي ماپ ظاهر ڪري ٿو.

وچ ۾ رکو ليڪ اُنجي مٿان ٻه ٻڙي ۽ هيٺان ٻه ٻڙي.

"تخت طائوس ڏٺي، ڦبري خزاني تي نظر،
۽ محبت جي اڳئين مست زماني تي نظر،
حسن، اخلاق ڀرئي زيب زناني تي نظر،
پنهنجي انجام سندي شان شهاني تي نظر،
چشم گريان مان لڙي لڙڪ ٻه تي ڌار ٿيا،
جي ڦري تاج جي صورت ۾ جڙادار ٿيا."

شاهي ڀرپور خزاني جي ڏٺي، شاهه جهان جي دل ۾ فن عمارت سازيءَ جو، حسن ۽ ممتاز جو عشق سمايل هئا. تنهنجو اظهار آهي تاج محل.

تاج محل جي سونهن ڏاتاريءَ ۽ عمارت سازيءَ جي قانون تي ٻيٺل آهي. شاهه جهان پنهنجي حسن جي هن اظهار تي اهڙو نه موهت هو جو تاج ڏسندي ڏسندي سڌ ٻڌ ڀلجي ويندي هيس، سندس هستي تاج جي هستيءَ سان ملي هڪ ٿي ويندي هئي. گويا تاج جي هستي سندس لاءِ بيخوديءَ جي حالت هئي.

۽ هرڪو استاد ڪاريگر جنهن تاج ٺاهڻ ۾ ڀاڱو ورتو هو سو پنهنجي هنر جو اظهار ڏسي تي مست ٿيو.

"ساز صنعت جو ڏسي مست ٿيو ماهر معمار."

سو رچيندڙ لالن اندر لعل هو. سچ، سونهن، قانون، اهو لکي نه سگهيو، ظاهر ٿيو آنند اُڇل ڪاڏي مايا پرگهٽ ٿي. تنهنڪري مايا آهي آنند جي اُڇل. تاج محل جي جوڙ شاهه جهان جي اسباب تي ٻه مدار رکي ٿي. پر سموري مايا جو مها ڪارڻ يا مول ڪارڻ رچيندڙ ئي آهي. خود درشن جو اظهار وشمي مايا آهي.

اهڙي طرح سارو برهمانڊ (انڊي وانگر گول) نقطي جو پسارو آهي. اُهي نقطا روپ سبب جمع ۾ سڏجن ٿا. جن جو مول ڪارڻ آهي، هڪ اُروپ ٻُڪر.

هندو گرنٿن ۾ اوم مها شبد آهي جو پڻ اَماترا يا بڙيءَ سان ۽ اُنجي پساري ليڪ سان لکڻ ۾ اچي ٿو، ساڳئي مطلب ڏيکارڻ لاءِ. ۽ بڙيءَ جو نالو آهي شڪ يعني سيم يا خود مول ڪارڻ.

”لال اندر لعل هو، لالن لکائي نا سگهيو،
آهه آنند جي اُچل بيو نانءُ مايا واسطي.“

سنسار جي رچنا جو ڪارڻ ڪهڙو؟

گهرج يا ضرورت ڪارڻ ٿي نٿو سگهي ڇو ته اِها اَڻ پورنتا جي نشاني آهي.

”گهر نه هرگز گهرج اندر ناقصائيءَ جو نشان،
فڪر ڪر ’بيوس‘ فنا طلب و تمنا واسطي.“

گهرج يا ضرورت هوندي ڪا به هستي ڪامل ۽ قائم ٿي نٿي سگهي. اُنجو واسطو ڪنهن ڀاڱي سان آهي ۽ نه سڀني سان. گهرج ٿوري وقت لاءِ ڪا خواهش ترپت ڪري سگهي ٿي. گهرج آهي محتاجي.

”دمبدم محتاج آهيان تير گهرجن جا سهان،
عمر پوري ٿي اچي، خواهش مگر پوري نه ٿي،“

نڪي ڌرتيءَ جا تاج محل هرويرو ضرورت يا گهرج ٿي هستيءَ ۾ آندا آهن.

سندر ديوي نيم مندر ۾ رهي ٿي. نيم مندر مان جهڙي پوتر نڪري، اهڙي ئي پوتر وري واپس وڃي ٿي. هوءَ هزارن کي هرڪائي پاڻ تي موهت ڪري ۽ پنهنجي پوترتائي اوجل ۽ نرمل رکي ٿي، هوءَ نہ سرير آهي نہ جسم. جو جسم سمجهي ٿو سو پلپل آهي. هن کي ڇهڻ لاءِ ملندو اهو ئي جسم ۽ نہ سونهن خود.

”نيم مندر ۾ رهي سونهن جي ديوي ٿي سدا،
نيڻهن وارن سان جتان خوب ڪري ناز و ادا،
پرت وارن کي پري کان ئي پسائي ٿي لقا،
ڪيس اوڏو ٿي ڇهڻ جي نہ رکي ڪو ٻہ سڌا؛
پاڪ مندر مان اچي پاڪ، وڃي پاڪ وري،
پنهنجي طالب کي ڏئي پاڻ عوض جسم پري!“

سو اِها سونهن ۽ سچ وانگر سرووياپڪ آهي، هر جنس ۾ موجود آهي.

”سونهن، سچ هر چيز ۾، هر چيز پوڄا يوڳ آهہ،
ديد لءِ ديدار هر جا سرت لءِ هر جا ثواب.“

ديد آهي چشم بينا. سرت آهي سچي سمجهہ يا سالم گيان. ثواب آهي دلبر جو درسن. چشم بينا لاءِ هر شيءِ سندر آهي. جو نہ سندس سندرتا حواسن ۾ نہ آهي تہ سچ ۾ اوس آهي. سچ وانگر سونهن ۽ سرووياپڪ آهي جو نہ سچ جوئي روپ آهي. تنهن ڪري برهم گيانيءَ جي سرتيءَ ۽ نظر ۾، هر هنڌ پوتر مندر آهي، هر شيءِ پوڄا لائق آهي.

”سرڳ جي آنند - نديءَ جا ڪي ڪنارا پيا پڇي،
جنهن منجهان آئي اُڇل سان ڇرخوشيءَ واري ڪڇي.“

آنند ماڻڻ لاءِ آنند جي راند يا ليلا کپي. راند لاءِ راند جا قاعدا کپن. اُنهن قاعدن جي ڄاڻ کپي. ڄاڻ مان ٿيندي شڪتي پيدا، ان شڪتيءَ مان ٿيندو آنند پيدا. هيءَ سنسار روپي ليلا آنند مان پيدا ٿئي ٿي، آنند ۾ قائم رهي ٿي، آنند ۾ انت ڪري ٿي. منڍ آنند، وچ آنند، پڇاڙي آنند.

”سُونهن ۾ صورت سڄڻ جي ٿي سراپا سر ڏني،
هرهنڌان مصري منيري مون چکي چوُ ڌر ڏني.“

سو سڄڻ جي آنند مئي صورت پير کان چوٽيءَ تائين مها سندر آهي. آنند ئي آنند آهي. مصريءَ وانگر جتان چکي ڏسبي، مٺي مٺي آهي.

اِها آنند ڀريل سونهن ڇڙواڳيءَ مان نہ، پر قانون ۽ سرشتيءَ نيم جي پورن پابنديءَ مان ئي پيدا ٿئي ٿي. ڇوُٽ ڇيڳرائي قدرت ۾ آهيئي ڪانہ.

ٻوٽو ٻج کان وٺي پوري اُسرڻ تائين جڏهن سرشتي نيم جي باقاعدي سلسلي مان سوڀارو لنگهي پار پوي ٿو، تڏهن ئي سونهن ۽ سڳند ڀريل گل يا رس ڀريا ميوا ڏئي ٿو.

دماغ ۾ گل کي هڪ قاعدي ٻڌل غلام واري جاءِ آهي، جتي ڪيس علم بنا تات جي سخت قاعدن اندر ٽپ ٽپ ٿي ڄاڻ ٻڌي سنڀالي ساڃاهي هلڻو آهي. پر دل ۾ ساڳي گل کي سوڀيا راڻيءَ واري آزاد جاءِ آهي، جا سرجڻهار وٽان سونهن ۽ سڳند ڀريا پرت جا پيغام آڻي ٿي تہ سائين توکي پيو سوکڙيون موڪلي ۽ ساري سنڀالي. سونهن جي هيءَ مها

ڪجهي

کي انڌارو ڇو آهي سا ڪل ئي ڪانه آهي، انڌارو رهي ٿو انڌاري ۾.

”پٺي ڏيئي اچي ويٺي انڌاري جي اندر ڌرتي،
وگرنا صاف سورج تي ڪڪو ڪارو وري ڇاجو؟“

جهڙيءَ طرح سج کي اونده سمجهي ئي ڪين، تهڙيءَ طرح ست کي اَست سمجهي ئي ڪين. انڌارو انڌاري ۾ آهي ۽ نه سج ۾. ڏينهن جي صاف روشنائيءَ ۾ بلڪل بند ڪمرو اونداهو ڪري سگهجي ٿو، پر روشنائي روڪيندڙ پٽيون ۽ ڇت ڪيڏي ڇڏيو ته اونده جيڏانهن آئي تيڏانهن ويئي.

سو پورنتا جڏهن حدن اندر دٻجي اَپورنتا طرح ڏيکاري ڏئي ٿي تڏهن ئي ايڪوڦري ضد جوڙي ۾ ياسجڻ لڳي ٿو. ضد جوڙو آهي ست ۽ اَست، بقا ۽ فنا، حياتي ۽ موت، سک ۽ دک، پريم ۽ ڌڪار، چڱائي ۽ مدائي، پنج ۽ پاپ وغيره وغيره.

”گل کي ٽڪي ڇهڻ سان دانهون ڪرين مڻن جان،
خود باغبان کي بلبل ٽوٽي ڏمر اچي ٿو.“

۽

”تون رنو آهين پرينءَ ڪان پر رسڻ ڪان هوءَ پري،
پاڻ خود پيچ پاڻ ڪان ڪئن ٿيندو ناڪر سان ڏهڻ.“

۽

”نيچ نظرن ۾ بڻي پريم پري دون دنيا،
دل منديءَ ۾ ٿي اچي حور به هيبت بڻجي.“

”جا مجازيءَ کي سڄهي محب سندي مورت ۾،
سونهن ”ٻوس“ سا حقيقيءَ لءِ قدرت ۾،
ڪاٿ ٻي سونهن سڄهي چيز نه، ٿي فطرت ۾،
جا ٻڌا حسن حقيقت جي صفا صورت ۾؛
ٿي سگهي گر ڪو حواسن جي حڪومت کان پري،
هوند هرچيز ۾ دلدار جو ديدار ڪري!“

تحقيق سنسار آهي پريم ساگر، سونهن پري، نينهن نگري، حسن آباد، ست يگ يا دار البقا. هن امرت پور ۾ امرتائي امرتا آهي. منجهس نه آهي موت کي جاءِ، نه آهي دک کي جاءِ، نه آهي بدصورتيءَ کي جاءِ، نه آهي ڌڪار کي جاءِ. هن مها سرڳ ۾ نرڳ کي جاءِ ڪانهي، هن جنت ۾ جهنم کي جاءِ ڪانهي، هن پيچ ڌام ۾ پاپ کي جاءِ ڪانهي، هن ثواب خاني ۾ گناهه کي جاءِ ڪانهي.

ست ۾ اَست کي جاءِ ڪانهي. چڱائيءَ ۾ مدائيءَ کي جاءِ ڪانهي.

ڏهن مدائي ڪٿان آئي؟ ۽ ڪٿي رهي ٿي؟

قانون ۾ رشوت کي جاءِ ڪانهي. پوءِ رشوت ڪٿان آئي؟ ۽ ڪٿي رهي ٿي؟

رشوت آئي رشوت مان ۽ رشوت رهي ٿي رشوت ۾، قانون مان نه آئي ۽ نه قانون ۾ رهي ٿي.

حساب برابر وات سان ڪندو اچجي ٿو، هڪڙي هنڌ چوڪ کان ڪوڙي پڇط ۾ غلطي ٿي ويئي، جواب غلط نڪتو. اِها غلطي ڪٿي ٿي رهي؟ غلطي رهي ٿي غلطيءَ ۾، جتي ڪوڙي پڇط ۾ غلطي ٿي، اُتي حسابي اُصول ۾ غلطي نه آهي.

ڌرتيءَ تي انڌارو ٿئي ٿو پر نه سج تي. نت روشن سج

مرڻ جي معنيٰ جيڪڏهن "ناس ٿيڻ" ڪري وٺبي ته رچنا ۾ موت آهي ئي ڪونه. هن امرتا ڀريا نت ست جي سنسار ۾ مرڻيو آهيئي ڪونه. هن بقا ۾ فنا ڪي جاءِ ڪانه آهي!
سائنس ٻڌايو آهي ته نڪي ڪجهه پيدا ٿي سگهي ٿو ۽ نڪي ڪجهه ناس ٿي سگهي ٿو. سنسار يا رچنا ابدي آهي. ست جي پيدائش آهي.

"شڪل ڦيرو آهه، ٻر خود جسم ٿئي پيدا نه ناس،
ظاهري فانيءَ اندر ڪنهنجو بقا؟ سمجهي ڇڏيو."

"آتما روپي اندر ۾ ٿي امر جوتي جڳي،
ڪوش ڪهنا بدلجن پيا، موت ٿي مڃي سهي."

"بوند شبنم ۾ ڏسو نقاب حياتيءَ جو قصو،
زندگي لحظي اندر آباد ۽ برباد آهه."

"بي ڪناري بحر آهي ٿنهنجي ذاتي زندگي؛
جا سمجهي ڦوٽو فنا ٿي سا صفاتي زندگي."

جنهنکي موت ٿو چئجي سو حقيقت ۾ آهي شڪل جو ڦيرو يا روپ جو بدلجڻ يا نوائي.
نوائي آهي سونهن جو زبردست هٿيار. نوائي آهي خود سونهن جو ٻيو نالو. سونهن چئون يا نوائي چئون، هڪ ڳالهه آهي.
موت، نوائي، سونهن، ساڳيءَ شيءِ جا ٽي نالا آهن، انهيءَ جو پنو شعر ٻيوس ۾ زندگي، موت، نوائيءَ لئي رچيل شعرن پڙهڻ سان چڱي طرح پوندو. روپ جو راڳ آهي جوڻن جوڻن جو ساز آهي نوائي، ان راڳ ۽ ساز لئي ئي سرشٽيءَ ۽ سندرتا جي شبد ڏني ٿي رهي آهي. سر لئه ۽ تار جي

سو سنسار رچنا ۾ نہ سک درسي يا آشاوادي آهي.

”خوش لقاءُ دنيا جي منهن تان لاهہ ڏکہ درسي نقاب،
سک درس لءِ حور دنيا دلربا دلشاد آہ.“

”چا سندس تشبيہ ’بيوس‘ ماہ تابان سان ڪجي،
روءِ خوبان عاشقن لءِ خود خدا آباد آہ.“

سچي عاشق جي چشم بينا اڳيان هر چيز روءِ خوبان آهي.

”ٿيو هنر ۽ قدر وارن لاءِ ڪچرو ڪيميا،
پر نڪمو نفرتي ناقص نظر ناپاڪ ۾.“

انساني دماغ جيسين سالم نہ آهي، جيسين قانون قدرت کان آگاهہ نہ آهي، تيسين درشتي بہ اڻ پوري آهي، اُن ناسالم دماغ ۽ نظر ۾ اسانکي ڪچرو نڪمو ۽ ڌڪار لائق لڳي ٿو، پر سالم دماغ هنر جي مدد سان ان ڪچري مان طرحين طرحين سامان بڻائي سون پيدا ڪري ٿو.

موت (نوائي)

چار هڪ جيڏيون تيليون ڪٺي گوني ڪنڊ تي ملائي شڪل ٺاهبي تہ چورپاسي شڪل چورس ٺهندي پر ساڳيون چار تيليون جي هڪ ٻئي سان گوني ڪنڊن تي نہ رکبيون تہ رامبس ٺهندو. چورس مٽجي رامبس ٿئي ٿو. ظاهري چورس ناس ٿئي ٿو. پر حقيقت ۾ چارئي تيليون جن جو تن موجود آهن، ۽ ناس ڪجهہ بہ نٿو ٿئي. يعني چورس جي ناس ٿيڻ سان سچ پچ تہ ناس ڪجهہ بہ نٿو ٿئي، پر روپ مٽجي ٿو. ان شڪل جي ڦيري يا روپ جي مٽجڻ جو نالو آهي موت.

ڪنجي

نور جهان بيگم سونهن ۽ سمجهه ۾ لاثاني هئي، حسن ۾ گل هئي جنهن تي ڪيئي مشتاق بلبل لاتيون لنوندا هئا. سندس سمجهه جو ڏيئو بلڪل روشن هو، جنهن اڳيان ڪيترن مدبرن هار کاڌي هئي. مڙئل وهيءَ ۾ حسن ويو ڪومائجي پيريءَ ۾ جهاڪ وئي جهڪي پوندي. قيد ۾ سمجهه وئي گهٽبي. هن جڏهن اها ڳالهه محسوس ڪئي تڏهن پاڻ کي غريب سمجهڻ لڳي. هن غريب وٽ هاڻي حسن ۽ سمجهه جو خزانو ڪونه هو. مشتاق نظرون مٿس ڪونه ٿي ڪريون، تڏهن هن اهو بيت ٺاهيو.

سونهن بنا ڪو ڪنهن کي پڇي به ڪونه، پوءِ اها سونهن ٻاهرين هجي يا اندروني. سندر هئڻ ۽ سندرتا سان ڪشش ڪرڻ جي آرزو جا انسان ۾ اونهي آهي سا موت جو سهڻو ملائڪ ئي پوري ڪري سگهي ٿو. ڪراڙپ جي ڪوڙ ۾ جوڀن رهندو اچي. نا اميد ٻدن لاءِ سندس پيغام ۾ ئي اميد جو اجالو آهي.

رچنا جو مول ڪارڻ سونهن سوڀيا جو اظهار ڪرڻ آهي. انهيءَ جي ساک انساني سڀاءَ ۽ آرزوءَ مان ملي ٿي. هر ڪو چاهي ٿو پنهنجي سونهن جو اظهار ڪرڻ. ٻاهر نڪرڻ وقت هار سينگار، سينڊ، سرمو، پينٽ پائوڊر ڪري نڪرڻ مان اهائي ساک ملي ٿي.

پر جڏهن ٻاهريون سينگار جو اسباب سونهن جي اظهار ڪرڻ ۾ گسي ٿو تڏهن آخرين وسيلو موت ئي آهي، جنهن سان هر نزاڪت جو نئون باب کلي ٿو.

مڪتي يا نجات

هن هڪ مڪتي لفظ کي برابر معنيٰ ۾ نه سمجهڻ ڪري

موافق مت ست سان ئي موهن جي مرلي رچنا روپي مها سندر مندر ۾ منڙو آلاپ آلاپي هر دل کي موهي مست مگهن ۽ محو ڪري رهي آهي.

سونهن سوبيا جو سچو راڪو موت نه هجي ته سدا جوين ونت رچنا جي ڇهري تان ڪراڙپ جا گهنج ڪيئن منجهي سگهن!

موت جي برڪت سان پراڻپ منجهي نوائي ٿئي ٿي. پراڻي ۾ پراڻي هستي آهي ڏينهن، وري نئين ۾ نئين هستي به آهي ساڳيوئي ڏينهن. سنسار کي جيڪڏهن ڪا شروعات آهي ته اُها ڏينهن سان ٿي هوندي. ۽ جيڪڏهن ڪا پڇاڙي ٿيڻي آهي ته اها به ڏينهن سان ٿي ٿيندي. اهو جهوني کان جهونو ڏينهن نت نئون سج سنئون نئين کان نئون ٿيندو رهي ٿو. سندس ٻال اوسٿا آهي صبح ۽ جوين آهي منجهند ۽ شام آهي ڪراڙپ. رات آهي موت جنهن ۾ آرامي ٿي وري تازو ڇاول ٻار صبح جي صورت اختيار ڪري ٿو. اهو ڦيرو وهمي آتت نه پر حقيقي راحت آهي. سالم دماغ ۽ سالم دل وارن انکي ڄاتو آهي ۽ ڳاتو آهي.

”مرگـــ مارا زندگي ديگر اِست“

موت اسان لاء نئين حياتي آهي، اهـا چوڻي سالم دل درويش مولانا جلال الدين روميءِ جي آهي، اهڙي قبوليت شاهاڻي دماغ به ڏني آهي. بيگم نورجهان پنهنجي تربت تي هيٺيون بيت اڪرائي ڇڏڻ لاء پارڪ ناهيو هو.

بيت

”بر مزارِ ما غريبان نه چراغِ نه گلي،
نه پرِ پروانه سوزد، نه صدائي بلبلي.“

كڏهن

وري ٽيٽي اَبدي، يعني جڏهن نہ خلقي سگهجي ٿو ۽ نہ ناس ڪري سگهجي ٿو.

سائنس اسانکي ٻڌايو آهي تہ پرڪرتي يا معدو اَبدي آهي.

سيني ڌرمن اسانکي ٻڌايو آهي تہ خالق ابدي آهي.

خودي يا آتما جا خالق جي وصل جو مزو وٺڻ ٿي چاهي سا بہ ابدي ٿيڻ کپي.

ڇيون ٽاريون ٽي هستيون ابدي يا نت ست ڪٿي ٿي سگهنديون؟

ڇاڪاڻ تہ انهن ٽن شڪتين جي سڀاڻپ ٿيڻ لاء هرهڪ جي وصف يا گڻ جي ڳڻ ڪرڻي پوندي. هرهڪ جون صفتون الڳ الڳ ڪرڻيون پونديون. جئن ڪنهن بہ هڪ جي صفت باقي ٻن مان ڪنهن سان بہ نہ لڳي سگهي؛ انهيءَ حالت ۾ ڪا بہ هستي سرووياپڪ يا محيط ڪل ٿي نٿي سگهي ۽ نڪي نت ست يا امر (غير مبدل) ٿي سگهي ٿي ڇاڪاڻ تہ جنهن هستيءَ کي دماغ خيالن جي ڇيد ۾ آڻي، سندس وصف مقرر ڪري سگهي ٿو سا ڪال، ديس ۽ ڪارڻن ۾ اچي موت چڪر ۾ ڦرندي.

تنهنڪري ٽن الڳ هستين کي مڃيندڙ لاء ڪٿي بہ ٺڪاڻو ڪينهي.

تڏهن آهي ڇا؟

مها ڪارڻ، مول ڪارڻ، خالق، رچيندڙ، برهم آهي، جو ٽن ڌار ڌار روپن ۾ پاسجڻ ۾ اچي ٿو.

"نيڌي پسي ٽي، هوڌان آهي هڪڙو."

(شاهہ)

ڪڏهين ۾ مڪتي حاصل ڪري نٿي سگهجي ۽ ٻرابر معنيٰ ۾ سمجهڻ ڪري پتو پئجي وڃي ٿو ته مڪتي اڳيئي حاصل ٿي پيئي آهي، يعني مڪتي هر انسان جي جنم جو حق آهي، جو حاصل ڪري نٿو سگهي پر اسناڻ ڪري سگهيٽو.

"ٻنڌڪ جي جاري ۾ ڪٽڻ اڇي آڪاس،
ڦرني منجهه نه ڦاس پٽي ڏيئي پاڻ کي."

(سوامي)

اسان اهڙا هزارها خيال پڙهندي ته مڪتيءَ جي مطلب کي نه ڄاڻو آهي. عام طرح مڪتيءَ جو ارٿ اهو ڪيو ويندو آهي ته جنم مرڻ جي چڪر کان ڇٽي سنساري دک سک کان نورت ٿي ايشور ۾ لئه ٿي وڃجي. گويا انسان آتما ڪٽجي پرماتما کان ڌار ٿي اچي سنسار ۾ ڦاٿو آهي جتان ڇوٽڪارو حاصل ڪري وري وڃي پرماتما سان ملڻو آهي. جيوُ آتما موٽي وري وڃي پرماتما سان ملي ۽ سندس وصل جا مزا ماڻي، انهيءَ خيال اندر جيوَ آتما جي هستي الڳ ۽ پرماتما جي هستي الڳ ڄاڻي وڃي ٿي. جيوُ آتما جو ميلاپ جو مها آنند يا مها رس ماڻيندو سو تڏهن جڏهن جيوَ آتما جي هستي الڳ هوندي. هڪ آنند وٺندڙ ته ٻيو آنند ڏيندڙ هوندو. جيو آتما ڪڏهن به پرماتما جي مها آنند کي ڇڏي وري جنم مرڻ جي سنسار ۾ نه ويندو. ان موجب ٽي بلڪل الڳ هستيون ٿيون.

(١) سنسار. (٢) جيو آتما. (٣) پرماتما، يا (١) پرڪرتي (٢) پرش. (٣) پرماتما.

واصل با الله ٿيڻ وارن جي خيال ۾ عملي طرح خلقت، خودي، خالق، ٽي الڳ هستيون سمايل آهن.

نجات يا ڇوٽڪارو. ڇوٽڪارو ڇا کان؟ سوڙهائيءَ کان. "ڇڏ نه ڇڏين" آهي ڇوٽڪارو. ماڻهوءَ جي ماڻهپڻي ۾ ٻه ماڻهو سمايل آهن: (١) هلندڙ وقت جو موجود ماڻهو (٢) ايندڙ وقت جو آئينده ماڻهو. هر ڪو موجود ماڻهوءَ کان انهيءَ لاءِ ڪم وٺي ٿو ته سندس ايندڙ ماڻهو سکيو سمانو گذاري. ٻار محنت ڪري علم حاصل ڪري ٿو، انهيءَ لاءِ ته وڏي هوندي سکيو سمانو گذاري. حال ڪم ڪري رهيو آهي مستقبل لاءِ.

يعني ماڻهوءَ ۾ هلندڙ ماڻهو ۽ ايندڙ ماڻهو ٻئي سمايل آهن، هلندڙ کي ايندڙ لاءِ سهسائڻو آهي.

اهڙيءَ طرح ماڻهوپڻي ۾ ٻئي نموني ۾ ٻه ماڻهو سمايل آهن، هڪ ننڍو ماڻهو ٻيو وڏو ماڻهو.

ننڍي ۾ ننڍو ماڻهو اهو آهي جنهن ۾ رڳو سندس جند يا شخصيت اچي وڃي ٿي، سندس مان ۾ رڳو سندس سر سمايل آهي. اهو ننڍو ماڻهو آهستي آهستي وڌي ڪشادو ٿيڻ لڳي ٿو، وڌي ٿو پنهنجي ڪٽنب ۾، محلي ۾، پاڙي ۾، ذات ۾، ڳوٺ يا شهر ۾، قوميت ۾ ۽ آخر انسانيت ۾ ۽ سرشٽيءَ ۾.

وڏي ۾ وڏو وشال ماڻهو ساري برهمانڊ ۾ ڦهلجي ڪري وڌي ٿو، يعني سڄيءَ سرشٽيءَ کي پنهنجو روپ ڪري ڏسي ٿو. اها آهي پورن مڪتي. انسان آپي جي سوڙهي دائري مان نڪرندو جئن وڃي ٿو آسپاس جي وڌيڪ ۽ وڌيڪ ڪشادي ميدان ۾ پاڻ پساريندو، تئن وڃي مڪتيءَ طرف وڌيڪ وڌيڪ وک وڌائيندو. اِتي 'مان' منجهي 'تون' ۾ ايندي وڃي ٿي 'مان' جو بندن ٽٽو ته مڪتيءَ پاڻ پسايو. 'مان' ئي نه رهندي ته مڪتيءَ جو سوال ئي نه اٿندو. انهيءَ

لڏهن سرووياپڪ ۾هم هڪ ٿي آهي، جو ڪڏهن ٻه ٿي نٿو سگهي. ڪسرت ڏني وحدت رد آهي. وحدت ڏني ڪسرت رد آهي.

”جان جان پسين پاڻ کي تان تان ناهه سجود،
وڃائي وجود، تهان پوءِ تڪبير چئو.“
(شاهه)

ان نت ست هڪ ۾ ٻئي کي جاءِ ڪانهي.

تڏهن مڪت ٿيڻ لاءِ توکي يا تنهنجي منش آتما کي ڪٿي جاءِ ملندي؟

اوءِ (منش آتما) ۾هم ۾ الڳ ٿي رهي نٿي سگهي، اوءِ ۾هم ۾ ملي ساڻس هڪ ٿي نٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته ۾هم ۾ دخل کي جاءِ نه آهي، ۾هم ۾ واڌارو يا گهاٽو ٿي نٿو سگهي. ۾هم ۾ ڪجهه ملي نٿو سگهي، ڪجهه الڳ ٿي نٿو سگهي؛ منجهس ميلاپ يا جدائيءَ کي جاءِ نه آهي.

”فلاڻو مڪت ٿيو يا واصل باالله ٿي ويو.“ انهن لفظن کي ڪا به معنيٰ نه آهي. اهو فلاڻو جو چئجي تو ته مڪت ٿي ويو، سو ۾هم ۾ نيارو رهي سندس ميلاپ ماڻي نٿو سگهي.

ماڻڻ لفظ ۾ ٻه هستيون آهن. هڪ جيڪو ماڻي ٿو، ٻيو جنهن کي ماڻي ٿو.

تنهنڪري مڪتي لفظ جو مطلب جو اسان سمجهو آهي سو غلط آهي.

تڏهن مڪتي آهي ڇا؟

مڪتي لفظ جي صحيح معنيٰ ۾ مڪتيءَ جو مقصد سمايل آهي. مڪتي معنيٰ ڪشادگي، اپار ڪشادگي. مڪتي معنيٰ

جڏهن پنهنجي اردگرد واري سامان کي پوريءَ طرح ڄاڻندس، تڏهن سچي پاڻ کي به پوريءَ طرح ڄاڻي سگهندس.

مثال لاءِ خواب يا سپني جي حالت وٺو.

خالق وانگر انسان ۾ خلقيندڙ طاقت آهي. ع نالي هڪ ماڻهو پنهنجي گهر ۾ سمهيو پيو آهي. ڄاڳندي ع کي پنهنجي گهر جي سچيءَ حقيقت جي ڄاڻ آهي. هو ڄاڻي ٿو ته گهر جو فلاڻو فلاڻو سامان فلاڻي فلاڻي هنڌ رکيل آهي ۽ فلاڻا ماڻهو فلاڻي هنڌ سمهيا پيا آهن.

ع خواب لهي ٿو. پاڻ کي جبل جي چوٽيءَ تي ڏسي ٿو، سامهون سمنڊ ۽ پنيان باهه ڏسي ٿو، پريان هڪ مست شينهن پاڻ ڏانهن ڊوڙندو ايندو ڏسي ٿو ۽ خوف کان دانهون ڪري ٿو. (جي شايد سندس گهر جا ڀاتي به ٻڌندا هجن.)

اصلي ع جو گهر سمهيو آهي تنهن خواب ۾ ڇا ڇا خلقيو آهي؟ خلقيو اٿس (۱) نقلي ع، جو جبل تي آهي، (۲) جبل (۳) سمنڊ (۴) باهه (۵) شينهن. نقلي ع پنهنجي آسپاس جيڪي ڏسي ٿو سا سندس اصلي ع جي رچنا آهي. خواب ۾ نقلي ع پنهنجي آسپاس واري سنسار کي صحيح معنيٰ ۾ ڄاڻي سگهي نه ٿو، تنهنڪري خوف کان ڪنبڻ ۽ دانهون ڪرڻ لڳي ٿو. جڏهن ڄاڳي ٿو تڏهن نه نقلي ٿو رهي ۽ نه انجو سنسار. ڄاڳڻ سان اصلي ع پنهنجي آسپاس وارو سامان صحيح سڃاڻي پاڻ کي گهر ۾ سمهيل ڏسي خيالي خوف جي خود رچايل دک کان مڪتي پائي ٿو. نڪو خوف کي سچي هستي هئي ۽ نڪي مڪتيءَ کي ئي سچي هستي آهي.

ٻئي مثال ۾ نانڪ جو مثال وٺو.

هڪ وچولي درجي وارو عيالدار ماڻهو آهي، هو نانڪ

ڪشادو ٿيندي وڃڻ ۾ ئي سمورو آنند سمايل آهي. اهو مها ۏس پيئندي خود مڪتيءَ جو خيال ڀڄيو وڃي.

"آءٌ" اوري جهل؛ ڳوڪي رسي "ڏون" ڏٺي
(شاه)

اهو آهي بيحد جي برهمانڊ ۾ ڀاڻ ڪي لڳ ڪرڻ. اهو آهي انيڙ جي اننت آڪاس ۾ اُڏامڻ ۽ ڪڏهين ٻـ آخرين حد ٿي نه پهچڻ. انهيءَ ۾ سمورو مها آنند سمايل آهي، اَپار برهم جو اپار سپرش.

" ناچت گاوت ونڪت جائو"
(ڪبير)

نه آخرين حد ٿيندي ۽ نه اپار برهم جي اپار سپرش جو مها آنند ٽٽندو.

ٻيءَ طرح منطقي ونڊ رستي هئن به سمجهائي سگهجي ٿو.
'جيڪي به آهي'
تنهن کي منطقي ونڊ رستي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائبو.

(١) مان (آءٌ) (٢) نه مان (سنسار). (مان) آهي منهنجي هستي ۽ (نه مان) آهي سنسار (مون کانسواءِ ٻيو سڀ ڪجهه).

يعني

ڪل ٻه هستيون آهن. هڪ منهنجي هستي (مان)، ٻي هستي باقي سنسار جي. هڪ مان آهيان ۽ ٻيو آهي منهنجي پاسجڻ ۾ اچڻ وارو آسپاس جو سنسار. جيڪڏهن مان پنهنجي آسپاس جي سنسار کي پوريءَ طرح صحيح معنيٰ ۾ نٿو ڄاڻان ته پاڻ کي به پوريءَ طرح صحيح معنيٰ ۾ نٿو ڄاڻي سگهان.

سگهبو؟ ڇا سندس حاضريءَ ۾ جاڳندي ڏوهه ڪري سگهي
مقبول ڪرڻو آهي!

"مٺيو اُٿيئي ته مچ، نه ته مٺڻ هوءِ نه محب ڪي،
سو نه دل سان پچ، جو تون چئين زبان سان."

گنهگار مومن کان بي گناهه منڪر ڀلو. ڇا زبان ۾ آستڪ
۽ دل ۾ ناستڪ؟

"منهن مُلا جهڙو، اندر ۾ ابليس"

فرانس جي مشهور فيلسوف رومن رولينڊ جو چوڻ آهي ته:-
'اسانجي ڪرڻ لاءِ رڳو هي ڪم جڙيل آهي ته ڏٺيءَ جو
سندس سنسار ۾ وڏيڪ چڱو چمتڪار ڪريون ۽ ڪيس انسان
جي وڌيڪ ويجهو آڻيون. جتي انسان انسانيت جي بلنديءَ
تي رسندو وڃي.'

سو اسان ويجهي ڏٺيءَ کي دور دور ڪنهن اندازي اجڙ
يونگي ۾ ڪٿي پاتيو آهي، جتان شايد او اسانجون خطائون به
سهي ڪري نٿو سگهي! اِها سگهي زباني ميتا ئي آهي،
سيني مذاين جو ماڻ، سيني پاپن جي پاڙ، سيڊي گناهن
جو بنياد.

جيسين زبان ۽ دل جو ميلاپ نه ٿيندو، تيسين گنهگاريءَ
جو سدا وڌندڙ بوجو موٽڻ لاءِ بويان پير نه ڪندو. اچو ته-
انهيءَ لاءِ جهوني جي جاءِ تي ڪي نئون اڏيون ۽ سدا
ويجهي کي سچ پچ دل سان ويجهو محسوس ڪريون. ۽ هي
هميشه ياد رکون ته.

"هتي ناهين، ڪٿي ناهين، هيئنر ناهين، ڪڏهن ناهين،
جي گڏ ناهين ته هڏ ناهين، ماڻ موقعو وري ڇاجو؟"

۾ ويس ڌاري ٿي هڪ راجا جو پارٽ ڪري ٿو. ناٽڪ ۾ راجا بڻجي هو سک ۽ دک جي طرحين حالتن مان لنگهي ٿو. ويس ڌاري ع جون اهي ناٽڪ واريون حالتون سڀي ع جي حالتن سان ذرو به ٺهڪي نٿيون اچن. آسپاس وارن لاڳاپن ۾ ناٽڪي ع سڀي ع کان نرالو آهي. انهن اٿرن ۽ حالتن کان هو پنهنجي اصلي حالت ۾ بلڪل نيارو ۽ نرليپ آهي. انسان کي جيسين پنهنجي هستيءَ جي ڄاڻ نه آهي تيسين هو پنهنجي نقلي هستيءَ جي اَڻ ڄاڻ مان مڪت ٿيڻ جي خواهش ڪري ٿو. سندس اصلي هستي آنند آهي. اُن آنند جي اُڇل سنسار آهي. جڏهن اَڻڄاڻ سبب هو آنند مَيُ سنسار کي دک ساگر سمجهڻ لڳي ٿو، تڏهن ٿي سڀيءَ ڄاڻ يا مڪتيءَ جو چاهه رکي ٿو. سو مڪتي آهي سچو روپ قائم رکڻ.

ڪن سڻن جو مطلب

”جنهن انذاري ڏيوري ۾ مون وهاريو ڏيو کي،
اُن پڳل پونگي جـو بهتر آهه ڍينگو ٿي ڍهڻ.“

زبان سان چوڻ ۽ دل سان مڃڻ ۾ وڏو تفاوت آهي. زبان سان خوف کي نه مڃڻ پر خوف واريءَ جاءِ تي اڪيلو رهي ڪنبڻ، تنهنجي معنيٰ ته جو خوف زبان سان مڃڻ ۾ نٿي آيو، سو حقيقت ۾ دل سان مڃيو وڃي ٿو. زبان جي مڃتا رڳو بي عمل ۽ لفظي آهي، پر دل جي مڃتا عملي ۽ سچي آهي. ڌڻيءَ کي هرجا حاضر ناظر ڄاڻڻ به زباني نه پر دلي کپي. جي سچ پچ دل سان مالڪ کي هرجاءِ هرمهل حاضر، ناظر، دانا بينا ڄاڻبو ته ڏوهه ڪئن ۽ ڪٿي ڪري

۽ ضرورت نہ رهڻ ڪري اُنکي وساري ڇڏجي. سچ جي تيز ۽ صاف روشنائيءَ سان روشن ٿيل دل کي ٻہ ڌرم جي ٻاهرين ظاهرداريءَ ۽ رسمن ادا ڪرڻ جي ضرورت نٿي رهي.

"ٿيو اُجڙ دل جو مندر دلبر جو گهر ويران آهہ،
ڪام راجا جت وَسي، ڪٿان رام ويچارو رهي؟"

دل ۾ ڪام يا رام ٻنهي مان هڪ رهڻو آهي، ڇاڪاڻ ته ساڳئي وقت ٻئي گڏ رهي نٿا سگهن.

"ڪين ماپن مـن ۾ خودي ۽ خداءِ،
ٻن تلوارين جاءِ ڪانهي هڪ مياڻ ۾."

ڪامنائن يا ترشنائن سان ڀريل دل مالڪ جي رهڻ کان خالي اندائي ڌيوري وانگر اُجڙ مندر آهي.
اهو مندر آهي ڌرم راجا کي قيد ۾ رکڻ لاءِ.

"اڄ غريبن جون ڪکايون جهوپڙيون مالڪ گهمي،
تو مڙهيءَ، مسجد، مندر، ديول، ٺڪائي ڪان ٿهي."

مالڪ آهي غريبن جي پڳل پونگڙين ۾، غريبن جي شيوا ۾. هاڻي هو وڌن نت وارن ڌرمي استانن کان ٿهي ٿو. ڇو ته اُتي ڌرم دل جي تخت تي نہ، پر ڪتابي قيد ۾ آهي. انهيءَ ڪري ته ڌرمي ڪتابن ۽ استانن تي ساک وڃڻ جو رواج آهي.

"چرن ڪومل، نيچ نربل، نمڙند وچ ذات ذي،
سر نہ پيرن تي پڇائڻ آهہ داخل دوش ۾."

انهن غريب جهوپڙين ۾ رهن ٿا نيچ نماڻا ۽ نربل جيڪي

تہ پوءِ ڪورٽ واري قسم جي ضرورت نہ رهندي، ڪنهن ڌرمي پستڪ تي قسم کڻڻ يا ڪنهن ڌرمي استان تي ساک ڏيڻ مان اڻ سڌو مطلب اهو ٿو نڪري تہ انساني دل ۾ اهو بہ شايد خيال گهر ڪري ويو آهي تہ ڌڻي ڪنهن خاص ڪتاب يا خاص استان تي وڌيڪ موجود آهي، ۽ پورو سرووياپڪ بہ نہ ناهي.

”ڪئين نہ ٿيندي جنگ جاري ڌرم راڄن واسطي؟ جو ڪتابي قيد لءِ ٿو تخت دل جي ٿان لهي!“

ڌرمي ڪتابن ۾ جيڪي لکيل آهي، تنهن موجب عمل نہ ڪرڻ، پر رڳو بتن جي عزت ۽ پوڄا ڪرڻ، ٻاڻي يا ڪلام ڪنٺ ڪرڻ، پاٺ ڪرڻ، ارٿ سمجهڻ يا سمجهائڻ کي ڪتابي قيد چيو ويو آهي.

حقيقت ۾ ڌرم آهي دل جي حالت. دل جيتري قدر پريم ۽ قرباني‌ءَ واري، پرائي درد ۾ دکندڙ، نازڪ جذبن واري، ڪومل ۽ تاثير جهٽڻي اوتري قدر ڌرمشٽ ليکبي. دل جڏهن خود ڌرم جو روپ ڌارن ڪري ٿي تڏهن ئي راڄا ڌرم کي پنهنجو حقي تخت حاصل ٿئي ٿو. هن دل جي حقي تخت تان راڄا ڌرم کي لاهي جڏهن ڪتابي قيد ۾ بنديو وڃي ٿو، تڏهن ئي ڌرمي جنگيون لڳن ٿيون، جن شايد دنيا ۾ ملڪي جنگين کان بہ زياده خون جا درياءَ وهايا آهن.

”ڌرم رسمي ٿيو سچائي‌ءَ جي اگيان ازخود لڪي، ڏس ڏئي جي روشني سج اُڀرندي هنجي وئي.“

سج اُڀرندي ڏئي جو چمڪو خود بخود جهڪو پيو لڳي

ناراضيءَ کي ٻه پڙ آهن. هڪ پڙ ۾ وجهو هڪ شهيد جو سمورو رت، جو هن پنهنجي مذهب، اعتقاد جي جذبي پٺيان وهايو آهي ۽ ڪتابي قيد واري ڌرم جو غازي بڻيو آهي. ٻئي پڙ ۾ وجهو رڳو هڪڙو ڳوڙهو جو ڪنهن بي واسطيدار ماڻهوءَ محض همدرديءَ وچان ڪنهن دکي انسان جي دک تي اکين مان ڳاڙيو آهي. ڇاڪاڻ ته ڌرم راجا جو تخت گاهه سندس دل آهي. ناراضي مٿي کڻو، توري ڏسو، سنگينءَ ڳنڀيءَ ٿيندي، ٻئي پڙ برابر!!

”هوءَ تمنا ڏيهه ۾، ۽ هو ولائت ترڪ ۾،
دل ۽ دلبر جي وطن ۾ ڪيتري دوري نه ٿي!“

دل وسي ٿي آپسوارٿپڻي يا خودغرضيءَ جي ملڪ ۾، دلبر وسي ٿو تياڳ يعني قربانيءَ جي ولائت ۾، سو ايڏيءَ دوريءَ تان دلبر جو دل سان ميلاپ ڪئن ٿيندو؟

”دل اندر جي گپت ڪوٺيون، سي ڪري گروي ڏنم،
پنهنجي پريتم جي مندر ۾ ٿيو پروان جو رهڻ.

دل آهي دلبر جو ديرو، پريتم جي رهڻ لاءِ مندر. تنهنجي گپت ياونائن ۾ سنساري ترشنائون رهن ٿيون. منجهس پنهنجي پياري لاءِ جاءِ ڪانهي. هوءَ ته آهي ڌارين کي گروي ڏنل. جا دل ٻئي پهر ۽ آپي والاري سا مالڪ ڪئن والاري؟

” قيمتي هيري ڪٺيءَ کان آهه قطرو قيمتي،
خون جو، هاريل خوشيءَ سان پرپگهر جي واسطي.“

جو خون جو قطرو همدرديءَ وچان خوشيءَ سان ٻئيءَ جي

جي مالڪ جا آهن ڪومل چرن. ٽوڪي جهڪي انهن پيرن تي پنهنجو سر نمائڻو آهي، نه ته ڏوهه آهي. پر حد ڪانهي، ڇو ته غريبن کان غريب، تنهن کان غريب، تنهن کان غريب ٽوڪي ليندا ويندا، تون به وچ سر جهڪائيندو، هيٺ هيٺ نمندو، جيسين برابر سر وڃي پيرن ويجهو پهچي. هي آهه مالڪ جي پيرن تي سيس نوائڻ. سچي ڌرمي دل جو هي سجدو آهي، جا وڃي ڦلائتي ٽاريءَ وانگر جهڪندي.

”ويو ٽجي متُرا ۽ گوڪل، ناهه جمنا جڳپتي،
شهر شيوا ۾ وڃي پهچ محب مرليڌر ڪٿي.“

تنهنجو مرليڌر شيام، تنهنجو مالڪ سڀ تيرٿ ۽ ٽڪيا ڇڏي وڃي شيوا جي شهر ۾ وسيو آهي، اتي پهچا ڪري ٻولي لهينس. جي سرو ويا پڪ ۽ هر جا آهي ته تيرٿن تي ڇو؟ ”ڇو وڃين وٽڪار، هت نه ٻولين هوت ڪي!“

”مل هالي مهراج ڪي محتاج جي احتياج ۾،
ٻول ڪا دردي دکي دل شيام شيوا واسطي؟“

جي ڌڻيءَ جو فرض بجا آڻڻو اٿيئي ته ڪا درد، دک ماريل دل ٻولي انجي شيوا ڪر. جي ڌڻيءَ سان ملڻ چاهين ته ڪنهن گهرجائوءَ جي گهرج پوري ڪندي ساڻس مل. ممڪن آهي ته هو ڪنهن گهرجائوءَ جي روپ ۾، ڪنهن درديءَ جي آلاپ ۾، ڪنهن دکايل جي دانهن ۾، ڪنهن اوکيءَ ۾ اڙيل جي آهه ۾ ملي وڃي.

”هموزن آهن، سراسر ساهميءَ جا پڙ ٻئي،
پر پنيان همدرد ٻوڙهو، مت مٿان خون شهيد.“

وٽ رکي ٿو. باقي ستون ساڳيو رنگ موٽائي ٿو ڇڏي. جو رنگ پاڻ وٽ نٿو رکي، تنهن رنگ سان ئي سڏجي ٿو. جو ٻيا ڳهه ڪري ٿو، سوئي ڀوڳي ٿو. اهڙيءَ طرح شاهوڪار جو نالو روشن به ڏن جي انهيءَ ڀاڱي سان ٿئي ٿو جو هو عام ڀلي لاءِ اُپڪار ۾ خرچ ڪري ٿو.

"ڪچو ميوو زبردستي ڇنڻ سان شاخ ٿو ڇيهي،
پچائي خود ڪرڻ جهڙو ڪري تيار قرباني."

ڪچو ڦل جي زوريءَ وڻ مان ڇڪي ڇنبو ته (١) ڇنندڙ کي وڏيڪ زور لڳائڻو پوندو (٢) سندس تيز رس هٿ کي ڦٽي ڇڏيندي (٣) کائڻ واري کي به سواد ڪونه ايندو (٤) جنهن ٽاريءَ مان ڇنبو سا ٽاري به زخمي پوندي. پر جڏهن اهو ميوو پڪي راس ٿيندو، تڏهن پاڻمرادو ڇڄي اچي پٽ پوندو. ان وڻ پڪل ميوي ۾ رس به زياده. اهڙيءَ طرح جنهن شخص ۾ قربانيءَ جو انگ نه آهي، تنهنجو دان ڏيندڙ ۽ وٺندڙ ٻنهي لاءِ لاڀدائڪ نه آهي.

"حياتي اٺ سهڻ جهڙي لڳي آهي جي دنيا ۾،
هزارن ۾ لڪن جو پر سهائي بار قرباني."

جڏهن ڪنهن پنهنجي غرض پوري ڪرڻ لاءِ مطلب جي ميدان ۾ ڪم ڪجي ٿو، تڏهن ڪم کي پنهنجو پورو پورو وزن آهي، جنهن وزن جي بوجهي هيٺ ڪم ڪندڙ کي ڇڄي ڪم ڪرڻو ٿو پوي. جئن پاڻيءَ ۾ پيل دلو مٿي ٽي ڪڍڻ. پر جڏهن قربانيءَ جي ميدان ۾ شيوا جو ڪم ڪجي ٿو ته اُتي ڪم جو بوجهو لڳائي نٿو، اُتي ڪم کي ايترو بوجهو نه...

ٻگهر يا درد ڳنيان وهايو وڃي ٿو، سو ڪنهن به قيمتي هيري جي ڪٽيءَ کان وڌيڪ ملهه وارو آهي.

" رهڻيءَ ۾ ناهه ڪامل، ڪهڻيءَ ۾ خوب ڪامل،
اهڙيءَ سکيا جو ٻين تي مشڪل اثر اچي ٿو."

جو زبان سان سکيا جا وڏا اپديش ڏيئي ڇاڏي، پر پاڻ انهن تي عمل نه ٿو ڪري، تنهنجي ڪتابي ۽ زباني وعظ جو ٻڌندڙ ڪنن تي اثر به خير ڪو پوندو. عمل ئي انسان کي ٻڌائي ٿو ۽ نه علم.

" جن ڪتابي ڌرم ڇهاڳي ڪرم تي قبضو ڪيو،
سورما سي ديس پهتا اوج ۽ اقبال تي."

ڪتابي ڌرم نه رڳو ماڻهن کي مگر قومن کي ۽ ملڪن کي به ڪمزور ٻڻايو ڇڏي. جن ملڪن اُن مان سکيا پرائي عملي ڪم ڪري ڏيکاريو آهي، سي ئي بهادر ٻڻجي ترقي جي شاهه راهه تي وڌندا هلن ٿا.

"ڏيڻ سان ٿو ٿئي حاصل، عجائب ڪار قرباني،
ٿياڳڻ ئي سچو ڀوڳڻ، عجب اسرار قرباني."

قرباني عجب جهڙو راز آهي، جنهن ۾ ڏيڻ سان ئي حاصل ٿئي ٿو. سج جي روشنائي ستن رنگن جي نهيل آهي. پيلو ڳاڙهو، نيرو، آسماني، نارنجي، سائو ۽ واڱڻائي. قاعدو آهي ته ڪا به شيءِ انهيءَ رنگ جي ڏسڻ ۾ ايندي جو پاڻ وٽ نه رکندي. مثلا وڻ جو سائو پن وٺو. سج جي روشنائي ان تي پوي ٿي ته اهو پن روشنائي کي ٻوڙي ڇهه رنگ پاڻ

"'آءٌ' ٻاري ٿي رکي آگ- منش منشا ۾؛
سبز کيتي ٿي سڙي ٻاهہ ڏنل ٻاڻ ڪري."

ماڻهو جنهن مقصد لاءِ سنسار ۾ آهي سو مقصد آءٌ روپي
آگ ۾ ائين سڙي وڃي ٿو، جئن سکل ٻاڻ کي ٻاهہ ڏيڻ
سان سبز کيتي سڙي ناس ٿي وڃي ٿي. آءٌ جو مطلب آهي
پاڻ لاءِ جيڻ ۽ نہ جڳت لاءِ.

"چيز دنيا جي گران قدر گـــران ٻار نہ ڪا؛
ماپ؛ ملهہ آهہ رڳو موهہ، ممت ماڻ ڪري."

ڪابہ جڳتر جي شيءِ پيٽ ۾ ٻين کان وڌيڪ قدر لائق
يا وزن لائق نہ آهي. ڪابہ وستو جنهنکي اسين قيمتي ٿا
جڻون ۽ سا ڪا پنهنجي سر سچ پچ قيمتي نہ آهي پر اسانجي
وشائي ان کي قيمتي ڪري ڏيکاري ٿي. اهو اسانجي
منا ۽ موهہ جو ڏيکاءُ آهي. ڪنهن غير آباد ويران پيٽ ۾
کيلي انسان لاءِ جهڙا سون جا ڍڳ تهڙا پٿرن جا.

"گهرج گهوڙي کان طمع ٻاز سدا آهہ ٽکو،
لوڙلڻجي نہ سگهي ٽنهنجي ڏنل ڏاڻ ڪري."

سالم سرير، ڏنل هوا ٻاهہ پاڻي ۽ سالم دماغ اهڙيون
ون ندرت کان انسان کي مليل آهن تہ بہ هو پنهنجون
ون خواہ مخواہ وڌائيندو وڃي. هو گهرج جي گهوڙي
يسهين ونڻ ڏاران ڊوڙندو رهي ٿو. پر جي وڌيڪ
ا ۽ شاهوڪار آهن تنکي ٽکو طمع جو ٻاز چنبن ۾ چاڙهي
هيو آهي. ايشوري ڏنل نعمتن سان ڪدهنجي بہ
ڏاري أي نٿي ٿئي، ڊوڙ ڊوڙان لڳي پيئي آهي.

آهي. جهڙيءَ طرح درياءَ ۾ ٻيڙي ڏيڻ سان ٻوڙي سوين پير يل دلن جيترو ياڪي سرجي مٿان اچي ٿو ته به انهن جو بوجو لڪائي نٿو.

"تاج ۽ ترار سلطاني ٻنهي ٻاهر رکي؛
سوکڙي سر ٿي کڻي آيو گان جو ڏير آهه."

'درلي دلبر' وارو سڄو شعر پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ته جيو آتما ۽ پرماتما جي شادي اصل کان رچيل آهي. شوق سان شادي رچائي به راڻو مومل سان نه مليو آهي. هو ته ادب وچان دل جي دروازي وٽ سانت ۾ بيٺو واجهائي ته کڏهن ٿو در کلي. جو ٻاهرين ٻي حد جي برهمانڊ ۾، قانون قدرت جي روپ ۾ بيحد طاقت جو مالڪ ۽ سروشڪتيوان حاڪم آهي، سوهن دل جي دروازي وٽ مڱڻي پريم روپ ٿي گلن جي سوکڙي ۽ سڳنڌ کڻي آتما سان ملڻ لاءِ منتظر بيٺو آهي. نه سڏ ڪندو، نه در کڙڪائيندو. پنهنجي حڪومت جي زور سان هو دل ۾ داخل ٿيڻ پسند نٿو ڪري، هو برهه جي بيعزتي ڪرڻ نٿو گهري. هو هن گهر ۾ حاڪم جي حيثيت ۾ نه پر عاشق جي صورت ۾ پريم وندڻ ٿو اچي. آتما روپي سڄڻي جيسين پريم سان دل جو در نه کوليندي تيسين هو اننت پريمي ٻهي ٻاهرئي بيٺو رهندو. هن گهوڙ لاءِ اندر اچڻ جو رستو به رڳو اهو هڪ دل جو گهيڙ آهي، تاج ۽ ترار سندس قانون قدرت آهي. گلن جو ڏير سندس اپار پريم آهي. ڇا آتما جو شان آهي، جنهنجي ملڻ لاءِ خ پرماتما به منتظر آهي! هو سندس عاشق آهي ۽ نه معشوق هو ٻاهرين سنسار ۾ سونهن ۽ سڳنڌ جون آنند مرليون وڄائي آتما کي پريم سان موهي ملڻ لاءِ هرڪائي رهيو آهي.

ڪٿي

رستم کي اهـا ڄاڻ ڪانهي ته اهو جوان سهراب سندس پٽ آهي. تنهنڪري ڪيس سهراب لاءِ پيار نـٿـو ڄاڳي ۽ وڙهيس ٿو، پر جي ڄاڻ پويس ته ڳلي لائيس. ۽ وري پيار ڪرڻ ڪانسواءِ ڄاڻ به ڪانه ٿيندي. پيار سان ئي ڄاڻ سگهبو آهي. جنهن کي سدائين پيو ڏڪار ٻو، تنهنجي ذاتي خوبين جي خبر نه پوندي. پيار ڪبو ته پرکبو. محبت مان ئي گيان ٿيندو. پريم سان ئـي پرائبو آهي. ڄاميٽري جـي علم سان محبت نه رکبي تـه سمجهه ۾ نه ايندو ۽ ڏکيو لڳندو. پر جڏهن محبت سان سندس اڀياس ڪبو تـه نهايت سولو ۽ خود بخود سمجهه ۾ اچڻ جهڙو ٿي پوندو. انهيءَ ڪري تـه ڀڳتي ۽ گيان هڪ ٻئي تي آڌار رکندڙ آهن.

”محبت ري نه ڄاڻ ٿئي، نه ڄاڻ ري محبت ٿئي؛
وجهن ٿـا گيان ڀڳتيءَ ۾ ڦـڏو ڦيرو وري ڇاجو؟“

ڀڳتيءَ مان ئي گيان ٿيندو، گيان مان ئي ڀڳتي ٿيندي.

”دليون سالم ٿين جنهن سان سچيرو شعر سو ’ٻيوس‘
گهري سنسار هرساعت ۾ سالم دل سچارا ٿو.“

سنسار کي هرسمي سالم دماغ ۽ سالم دل جي ضرورت آهي. ساهتيه (ادب) جو ڪم آهي سالم دماغ ۽ سالم دل انسان پيدا ڪرڻ.

ساهتيه جي هڪ پاڱي نثر جو خاص ڪم آهي سالم دماغ پيدا ڪرڻ.

ساهتيه جـي ٻئي پاڱي نظم جو خاص ڪم آهي سالم دل پيدا ڪرڻ.

شعر بيوس

غريبن کان وڌ وڇولن کي، وڇولن کان وڌ آسودن کي. بس

ڪنهن کي ڪانهي.

”ڪئن نہ سهراب جي ديدار لءِ رستم ٿي سگهيو،

پيءُ، پٽ سان پيو لڙي پوءِ تہ اڻ ڄاڻ ڪري.“

ڪوتا نمبر ۲۴ ”ڪير ڪيتر“ جي:-

بيت ۱ ۾ ڏيکاريل آهي تہ گهٽي ڄاڻ بہ چڱي نہ آهي؛

بيت ۲ ۾ ڏيکاريل آهي تہ اَڻ ڄاڻ بہ چڱي نہ آهي؛

بيت ۳ ۾ ڏيکاريل آهي تہ وچين وات چڱي آهي.

گهٽي ڄاڻ انهيءَ ڪري چڱي نہ آهي جو حالتن، واردا

۽ حقيقتن جو گهڻو وڌاءُ ڪرڻ سان سچائي قبضي مان نڪر

ويندي آهي.

مثلاً:- اسانکي خبر آهي تہ هوا جو داب مٿاڇري

هرهڪ چورس انچ تي ۱۵ پائونڊ تور جيترو آهي. انه

حساب موجب اسان جي بدن تي جو هوا جو داب ٿي

تنهن جي وزن ۾ اسين دٻجي پيڙجي پيچي ويندا سين،

گهڙي بہ زنده رهڻ مشڪل ٿي پوندو. فقط انهيءَ حق

جو وڌاءُ ڪبو وڃبو تہ سنسار جا سڀ پدارٿ پيڇدا

ناس ٿيندا نظر ايندا. مگر سچ تہ اهو آهي جو انهيءَ

جو ڪوبہ بوجو اسين معلوم نٿا ڪريون، ڇو تہ اهو

پوريءَ طرح ورهيل آهي جنهن ڪري اندريون داب

داب کي پڙڻ نٿو ڏئي. رڳو هڪ نقطي نظر کان حقيق

ڇڪي تاڻي سچائيءَ کان ٻاهر ڪڍي ڇڏڻو نہ آهي

وري اڻاڻائي بہ چڱي نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ سرگن

هيءُ هڪ اٽل نيم آهي تہ ”ڄاڻ ڌاران پيار (محبت)

۽ پيار ڌاران ڄاڻ نہ ٿيندي.“

رڙندي هلي. هن لاءِ ڪٿي به، ۽ ڪڏهن به، شانتي منار ڪونهي. ٻڌندڙ لاءِ ڪڪ به سهارو سمجهي هو ءَ پنهنجي ڇوٽڪاري لاءِ وهڪ سان وهندڙ ٻنبڪي به، ترهو جاءِ ڪناري تي رسڻ جي بيسود ڪوشش ڪندي اچيٽي. هن ڇن ت ۾ پنهنجو وزن وڃائي نه رڳو پاڻ ٻڏي ٿي پر انهن کي ٻوڙيو لوڙهيو ڇڏي جي وسيلي طور وات تي ملنس ٿا. هيءَ دل پنهنجي اوناهين ۽ گهرائين ۾ گهڙي نه جاڻي، رڳو ٽانگهي ٿي پيٽي ٽاقوڙا هڻي.

وڏي دل يا سالم دل ڇا آهي.

سالم دل اُها آهي جا پنهنجي سالم دماغ جي سهاري پنهنجي ذاتي سياويڪ ورتي قائم رکندي اچي. جيڪي به سمائڻ يوگ آهي سو هوءَ پنهنجي وشال وڪاس ۾ سمائي ٿي ۽ جيڪي سمائڻ يوگ نه آهي سو گرهڻ نٿي ڪري. هن وڏيءَ دل ۾ هميشه اپار آنند ڀرپور رهي ٿو جنهن ۾ سونهن جي ماڻي وڃڻ لاءِ هميشه جاءِ آهي.

سالم دل انسان، انسان ذات جو مها سندر گل آهي، جنهنجي هستي اُتي سڳند ۽ سوڀيا آهي، جنهنڪي هو آسپاس ڇڻ ڪان ٻي اختيار رهي نٿي سگهي. اها دل قرباني جي اڪاس ۾ پنهنجي پرڪاش سان روشن رهي، ڏيهه کي روشن ڪري ٿي. هوءَ ڏيڻ ۾ اُئي مڪتي ماڻي ٿي.

”نيڻ سي ٽنهنجي نگر ڏي پر ڪري ايندا اُڏي؛
جن سنڌ ۽ تصوير سهڻي هيڄ مان هيڪر ڏٺـــي.“

اي سنڌ رچنا جا سندر سوامي! جن آشاوادي شخص سڪ درشتيءَ سان قانون قدرت جي پائي تي ٻيٺل تنهنجو

چو ته ڪونا جو سڌو واٽ دماغ کان دل تي وڌيڪ ٿو ٿئي.
سالم دماغ انسان ڪير آهي؟

جو ٿوڙي ڳالهائي عام ٿو، پر سمجهي خاص ٿو.

رواجي دماغ وارو انسان چوي ٿو ته ڏسبو آهي اک سان. انهن چوڻ سان سندس مطلب رڳو اهو هوندو ته ڏسڻ لاءِ اک ئي کپي. سالم دماغ انسان به چوي ٿو ته ڏسبو آهي اک سان. انهن چوڻ سان سندس سالم دماغ ۾ ڏسڻ لاءِ رڳو اک نه سجهندي هوندي، مگر ان سان تعلق رکندڙ سمورو اسباب.

هو خوب ڄاڻي ٿو ته ڏسڻ لاءِ کپي (١) زنده ۽ سالم اک (٢) ڄاڳندڙ دماغ، جو نظر جي نس کان ڪم وٺي سگهي (٣) صاف روشنائي (۴) جنهن کي ڏسڻو آهي تنهن ۽ اک جي وچ وارو مادو شفاف (۵) ڏسڻ ۾ اچڻ واري شيءِ نظر واريءَ حد جي اندر هجي (٦) ڏسڻ ۾ اچڻ واري شيءِ قد ۽ رنگ ۾ مفاصلي جي دوريءَ سان قاعدي موجب نسبت ۾ هجي (٧) شيءِ جو عڪس اک تائين ايندي غبار جي ڪنهن رنگ ڦوڙ يا وڏاءُ ڪندڙ سطح مان نه لنگهي جئن تل رڻ پٽ ۾ رڄ کي ڀاڙي ۽ هڏي کي ڦبو ڏسبو آهي. اهي ۽ شايد ٻيون به ڪي ڳالهيون سجهي ايند يون سالم دماغ ۾.
سالم دل ڇا آهي؟

سالم دل آهي وڏي دل، ۽ نه وڏ ڏيکائي دل.

وڏ ڏيکائي دل ۾ دک ۽ خوف جو ڪٺو به مصيبت جو مڻ ٿيو پوي. هوءَ پريم ساگر سنسار کي پڻ ساگر بڻائي لهرين جي لولي ڏيندڙ هندوري تي لڏندي موج ماڻڻ بدران دهشتناڪ ڇولين جي گجگوڙ ڪندڙ ڦرهي تي سٽبي ڪٽبي

پوڻ ڪنول گل تي مٺو رس چوسيندو رهي ٿو، شام ٿيڻ تي ڪنول جو گل بند ٿي وڃي ٿو، ڀوري پوڻ اندر ئي بند ٿي ڦٿڪڻ لڳي ٿو، جن سياڻن شام جو هي نظارو ڏٺو هوندو، سي شام جي شامت اچڻ کان اڳ، وڪارن جي رس پيئندڙ ڪنول تان اُڏامي وڃڻ جو ضرور محسوس ڪندا. عام طور سنسڪارن سمو هڪ ڀيانڪ روپ اختيار ڪري ٿو. مرندڙ ماڻهو مرڻ مهل يم گهڙي مها ڪشٽ ڪري چوندا آهن. انهيءَ ڪشٽ جو سبب اهو آهي جو انسان کي خلقيندڙ طاقت آهي. انهيءَ طاقت سان جڏهن سڀني ۾ ميل رچي ٿو ۽ انهن کيلن ۾ ڦاٿل ڪيون وڃي ٿو، اهڙيءَ ريت رچنا سان سڀني جا ڪشٽ يا جسُن ٿين ٿا. انهيءَ ڀوڳنا جو اثر سندس اصلوڪيءَ شخصيت تي پهچوي ٿو. هو نند ۾ دانهون ڪرڻ يا ڪلڻ لڳي ٿو.

”ساڳيءَ ريت“

انسان تي سڀنيءَ حياتيءَ ۾ ڌرم يا مذهب، اُپديشڪن ۽ عظن جيڪي حساب ڪتاب ڏيڻ جا، يم دوت يا ملڪ الموت جا، نرڳ جي عذابن جا، سرڳ جي مزن وغيره جا وهاريا آهن، تن اثرن هيٺ اچي هو پنهنجو سکيو يا ڏکيو ڪرات جو سمو خلقي ٿو، جنهن رچنا جو اثر سندس مرندڙ حالت مان بعضي ڇٽو به ڏسڻ ۾ پيو اچي. انهيءَ ڪري ڌرم جي ڏيراهه ڪندڙ خيالن ۽ اثرن کان ڇٽڻ ضروري آهي.

انهيءَ ڪري نه صحيح روپ ۾ سچائي سمجهڻ ۽ سمجهي پنهنجي ڪرڻ ضروري آهي. مڪتي اِها آهي. جسماني خوراڪ لاءِ پرهيز ضروري آهي نه دماغي ۽ دلي خوراڪ لاءِ انهيءَ کان وڌيڪ پرهيز ضروري آهي. اسانکي حياتيءَ جي

لاثاني حسن هيڪر شوق سان ڏنو آهي سي تو...
اڇڻ کان رهي نه سگهندا، اهي ٻه ڪري
لامڪان جي مڪان ڏانهن، تو ٻي نگر جي نگ...
اگهر جي سگهڙ گهر ڏانهن اڏامي ايندا. چو ته ا...
جي سڀئي خزاني جي بوجهه ٻيٺي آهي جنهنڪي
ڏاران ڪيئن رهندا؟

"...ئي جڏهن نيلو پڇي پيلو ٿڏهن ٿو ڪڻ...
...رنگي روءِ اندر ٿي ذري گهٽ ز...

سائي سلي ۾ سونهن جي تازگي آهي، جڏهن
پڪو نيلو ٿئي ٿو، تڏهن ساوڪ جي سندرتا منج...
ٿئي ٿي؛ اتي ڦر جهلي ٿو، پيلاڻ ۾ اچي اُن پيدا ...
هاڻي سندس سونهن اُن جي روپ ۾ ٻرگهٽ ٿئي
ته اُن جو رنگ نه رهيو سون جهڙو آهي ٻر ملهه ...
انس، يعني ذري گهٽ سون ٿيو. مطلب آهي هر
سونهن موجود آهي مگر مٽيل روپ ۾.

چيرجي چنبن ۾ بلبل ٿي ڪيون چيٽون؛ ...
ٿي خوشيءَ جي خاص مجلس بازخوش خاطر ڏني...

باز، ويچاريءَ بلبل کي قاسائي چنبن ۾ چيري کائي
بلبل لاءِ مها ڪشٽ ۽ موت آهي مگر باز لاءِ خاص خو...
جي مجلس آهي. دردي نظاري ۾ به خوشيءَ جو کيل ڏسجي...

" شام جي شامت کان ٽن کي اڳ اُڏامڻ هو ضرو...
بند ڪنول ۾ ڀنور جي جن ڦٽڪندي ڦر ڦر ڏني...

چو ته
سالم
جو توڙ
رواجي
ائين چوڻ
اڪ ئي ڪپي
اڪ سان. ائ
اڪ نه سجهه
سمورو اسباب
هو خو
(۲) جاڳند
(۳) صاف
جي وچ
واريءَ
۽ رنگ
۾ هجي
ڪنهن
ٽل رڻ
اهي ۽
سال
مڻ
جي
د ه

ڀُلنامو

درست ڪري پڙهو:

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
(مهاڳ)			
XIII	٢١	متّرا گوڪل	متّرا ۽ گوڪل
(شعر بيوس)			
٧	٢	تصوير ڏسڻ چٽڻ	تصوير چٽڻ
١٠	١١	جو	جوڙ
١٦	١١	سان	ساڻ
١٧	١٢	پاڻء	پاڻ ۽
١٩	٢١	اڪ	آڱڪ
٢١	٤	غمن	غمزن
٣٤	١٣	ڏمالو	ڏمالون
٤٨	٩	سوز سوُ	سوز سوين
٥٤	١٠	لوڪ ۾	نوڪ ۾
٦٠	١٤	وائيءَ	۾ وائيءَ
٧٥	٢	ي	ڏي،
٧٦	٣	پڄين	ڀڄين
٧٧	١٨	زماني جي	زماني ۾ جي
٧٨	١١	تڪرار	نون تڪرار
٩٥	١٥	ڪالت	وڪالت
٩٧	٥	اڙ ۽	آزيو
١٠١	١٢	طبع جي	طبع جو
١٠٤	١٩	مژگان	مژگان
ڪنجي			
٣	٨	پاڻ ۽	پاڻ ۾
٦	٢٠	پاشڻ	پاسڻ
٢٢	٢	لءِ	لءِ سڀيءَ
٢٥	١٤	تي	ني
٣٩	١٥	پروان	پراون

شعر ٻيوس

جياپي لاءِ رڳو جسماني خوراڪ نہ کپي ، پر زندگيءَ جي جياپي لاءِ روحاني خوراڪ بہ کپي. افسوس آهي تہ اِها پوئين خوراڪ جا ٻجا گهٽبي وڃي ٿي.

۴۴- ”پيٽ پالڻ لاءِ ڇا ڇا عشرتي سامان ٿيو،
روح لءِ خوراڪ ’ ٻيوس‘ جا ٻجا گهٽجي ويئي.“

تڏهن ظاهري سڪرات جو سمو سهيلو بنائڻ لاءِ بہ سالم سڪيا جي اونهي اڀياس جي ضرورت آهي.

پورو ٿيو

Yogesh
Bhatia

Bhatia
Dayanand